گرداس واڌواڻي

# TABLE TALK

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

# ڳالهه ٻولهه

گرداس واڌواڻي

( ليکڪ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم )

ڇاپو : پهريون

سال : ١٩٨٢ع

ڪاپيون : هڪ هزار

قيمت : ٻارنهن روپيه

ڇپائيندڙ : گرداس وڏوائي

ڇاپيندڙ : علي نواز وفائي

وفائي پرنٽنگ پريس پاڪستان چونڪ

ڪراچي

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

---

هي ڪتاب مسٽر گرداس واڌوائي وفائي پرنٽنگ
پريس، پاڪستان چوڪ ڪراچي مان ڇپائي،
ميزبان هوٽل، فريئررود، ڪراچي مان شايع ڪيو.

# ارپن ٿو ڪريان
# هي ڪتاب

پنهنجي محبوب دوست يوسف شاهين کي

جنهن هروقت مونکي عزت ۽ پيار سان ڏٺو آهي.

هن پنهنجي شاعراڻي سڀاءَ سان چئي ته مونکي

پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي.

شل سدا جيئرو، جڙيو هجي.

پيارن سان
گرداس واڌواڻي

ڪراچي ١٤ سيپٽمبر ١٩٨٢

# ڪتاب اندر

مقدمہ — صفحو


| | | |
|---|---|---|
| ١ | پنهنجون ڳالهيون | ١ |
| ٢ | پاهتر | ٤ |
| ٣ | ڪراچي، اڄ، ڪلهہ ۽ سڀاڻ | ٩ |
| ٤ | " " " " | ١٧ |
| ٥ | راماڻي ۽ داڻتي | ٢٣ |
| ٦ | " " " | ٣٠ |
| ٧ | نگر سيٺ | ٣٤ |
| ٨ | هنسراج وايرلیس | ٣٩ |
| ٩ | افسانہ نگاري | ٤٤ |
| ١٠ | مائٽن سان ملاقات | ٥١ |
| ١١ | مکي گوبند رام | ٥٦ |
| ١٢ | برنس گاردن | ٦١ |
| ١٣ | ڳالهيون، اديبن، فنڪارن جون | ٦٧ |
| ١٤ | پوڙياتا پيڙين وارا | ٧٤ |
| ١٥ | نانڪن جو بادشاه ۽ چريہ دا صاحب | ٨٠ |
| ١٦ | ڳالهيون سوارن ۽ ستارن جون | ٨٧ |

صفح


| | |
|---|---|
| ١٧ شاهه محمود | ٩٥ |
| ١٨ ڪنوارن جي ڪهاڻي | ١٠٠ |
| ١٩ ظفرحسين | ١١١ |
| ٢٠ گلن جهڙا ٻارڙا | ١١٨ |
| ٢١ مولو منسڪاڻي | ١٢٣ |
| ٢٢ انگريزي ٻولي بابت | ١٢٩ |
| ٢٣ هماليه جي ڏيءُ | ١٣٤ |
| ٢٤ مان ڪٿي جو آهيان | ١٤١ |
| ٢٥ رئيس ڪريم بخش نظاماڻي | ١٤٧ |

# گرداس واڌواڻيءَ جا ڪتاب

١- جيڪي ڏٺو مون ١٩٨٠

٢- ساروڻيون ١٩٨١ (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو انعام کٽيل)

٣- ڳالهه ٻولهه ١٩٨٢

# مقدمو

ڳالهه ٻولهه جي باري ۾ ڪهڙي ڳالهه ٻولهه ڪجي
ڇو ته دنيا ۾ سمورين خوبين ۽ خاصيتن، بدين ۽ بڇڙاين
جو بنياد صرف ڳالهه ٻولهه تي ئي هوندو آهي. هاڻي انسان جي
پنهنجي سمجهه ۽ سوچ تي دارو مدار آهي ته هو ڪهڙي
ڳالهه ٻولهه کي پسند يا ناپسند ڪري ٿو.

هونئن به ماڻهوءَ جي ماڻپي جو معيار ڳالهه ٻولهه
جي ماپي سان ماپيو ويندو آهي. ڪن ڳالهين ٻولهين
جا ڳر اهڙا ڳرا هوندا آهن، جيڪي سڀ ڪنهن جي
سمجهه سمجهائڻ ۽ سمجهي وڃڻ جا نه هوندا آهن.
جڏهن ته ڪن جي ڳالهه ٻولهه سان روح کي راحت ۽ ان سان گڏ
وندر ۽ ورونهن جا ورق ورندا رهندا آهن، ۽ وري ڪن
جي ٻول ٻولڻ سان ئي ٻڌندڙ ٻوساٽجي ويندا آهن.
ڪيترن ڳالهين ٻولهين کي لفظن جو لباس پارائي
ڪاغذ جي سفيد سيني تي سنواري ۽ سينگاري ڪتابي
صورت ۾ آڻي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪيو ويندو آهي.

ڪاڪي گرداس واڌواڻيءَ جو هي ٽيون ڪتاب "ڳالهہ ٻولهہ" جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، هن ڪتاب کان اڳ ٻہ سنڌس ٻہ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.

١ - جيڪي ڏٺو مون ٢- "سارونڻيون" اهي ٻئي ڪتاب سنڌ جي علمنواز ۽ ادبپرورن هٿ هٿون خريد ڪري ورتا هئا. اميد تہ هي ٽيون ڪتاب بہ مٿين ڪتابن وانگر پڙهندڙ پسند ڪندا.

ڪاڪي حڪم ڪيو تہ وفاتي جيئن منهنجي پهرين ڪتاب "جيڪي ڏٺو مون" تي مهاڳ لکيو هيئي تيئن هن نئين ڪتاب تي بہ مقدمو لکي ڏي، هن بزرگ جو حڪم ڪيئن ٽارجي مان ڪيس عرض ڪيو تہ ٻہ ٽي ڏينهن ترس تہ تنهنجي ڳالهہ ٻولهہ لاءِ ٻہ ٻول لکڻ جي ڪوشش ڪندس.

هن فقير جي ڏيٺ ويٺ ڪاڪي سان تڏهن ٿي جڏهن الوحيد فريئر روڊ واري جاءِ کان ٻلاسيس اسٽريٽ

۾ اڇي نئون ڏيرو ڄمايو هو. مان ننڍو هوس ۽ گرداس پنهنجي شباب جون سهڻيون سرحدون پار ڪري رهيو هو ان زماني ۾ پاڻ مختلف انگريزي اخبارن ۾ نمائندو ۽ انگريزي صحافت تي ڇانيل هو ۽ هر هفتي هڪ ٻه دفعو الوحيد ۾ ايندو رهندو هو، الوحيد بند ٿيڻ کان پوءِ ڪاڪي سان ميل ملاقات ٻه بند تي وئي. ان وچ ۾ ڪيئي زمانا گذري ويا ۽ وقت پنهنجي تيزيءَ سان هلندو رهيو ۽ هن سرزمين تي ڪئي انقلاب آيا ۽ ويا ۽ ڪافي اٿل پٿل ۽ تڪڙن طوفانن ڪري زماني پنهنجا پاسا اٿلائڻ سان گڏ پلو ٻه آجا ۽ آزاد ڪرايا.

اسانجي سنڌي علم ۽ ادب، تاريخ، تحقيق ۽ تخليق جي اها نهايت ڏي بخت جي بلندي آهي، جو ڪيس ٻه ڪاڪا نصيب ٿيا، هڪ ڪاڪو ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي جنهن جي نالي ٻڌڻ سان سنڌ جي علم ۽ ادب، تاريخ ۽ تحقيق جو سهڻو سمون سامهون اچي وڃي ٿو ۽ ٻيو ڪاڪو گرداس واڌواڻي.

جڏهن "هلال پاڪستان" حيدرآباد کان هلي اچي ڪراچيءَ ۾ قدم قائم ڪيا، تڏهن ڪاڪي پنهنجي ڪالم جي ذريعي ڪر ڪڍڻ شروع ڪيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾

سنڌس ڪالم "جيڪي ڏٺو مون" پڙهندڙن ڏاڍو پسند ڪيو.

ڪاڪو وڏو خوش نصيب آهي جو شاديءَ جهڙي جيءَ کي جلائيندڙ جنجال کان جند آجي ۽ آزاد اٿس. باقي گذريل زماني جي مجاز جي منجهيل مسئلن ۽ معاملن جي معلومات مالڪ کي ئي هوندي.

هڪ ڀيري ڏينهن هلال کان هلي ڪري وفائي پريس ڪراچي ويهندو آهي ۽ انڪاپوءِ پيٽ جي پوڄا لاءِ سڌو پريس ڪلب وڃي ٽانيڪو ٿيندو آهي.

ڳالهه پوله ۽ ڪتاب جي مصنف جي متعلق ڳالهين جا ٻه ٻول پڌايا وڃن. هاڻي ان دوست جو به ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو، جنهن جي نالي مصنف پنهنجو ڪتاب منسوب ڪيو آهي، اهو آهي اسان جي سنڌ جو نوجوان اديب صحافي ۽ شاعر يوسف شاهين.

ڪاڪي ڪمال ڪيو آهي جو هر جمال کي جواب ڏيئي صرف يوسف جي جمال سان ئي پنهنجي ڪتاب جي پيشانيءَ کي جرڪايو آهي.

سنڌس انهيءَ انتخاب جي ادا جي انداز کي کهڙي ادا سان ادا ڪجي، هوندئن به جمال شناسي جي جدول جا جوهر

ڪي ڪي جوهري ڇاڻيندا آهن.

جيئن ته هر نظر اهل نظر جي نه هوندي آهي، هر دل ۾ درد نه هوندو آهي، هر دماغ ۾ عقل نه هوندو آهي، هر آواز ۾ اثر نه هوندو آهي، هر سڪ ۾ سوز نه هوندو آهي، هر حسن ۾ ڪشش نه هوندي آهي، هردوستيءَ ۾ دلنشيني نه هوندي آهي، هردلبريءَ ۾ دلڪشي نه هوندي آهي، هرادا تي فدا نه ٿبو آهي، هرڪمال ۾ جمال نه هوندو آهي، هرلکندڙ اديب نه هوندو آهي، هربا اختيار بافيض نه هوندو آهي، هرسرمايدار اميرنه هوندو آهي ۽ هر ماڻهو انسان نه هوندو آهي.

ڪاڪي هي ڪتاب ڳالهه ٻولهه جنهن يوسف جي نالي منسوب ڪيو آهي ان يوسف جو مصر جي ملڪ سان ڪنهن به قسم جو لڳ لاڳاپو ۽ وجهه واسطو ڪونه آهي.

جيئن ته مصر ۽ سنڌ جي مشابهت هڪ جهڙي آهي، تنهنڪري ٻنهي ملڪن جون منڊون ۽ موسمون به پاڻ ۾ مليل هونديون آهن.

هي يوسف سنڌ جي مشهور معروف علمي ۽ ادبي ۽ تاريخي شهر ۽ سنڌي ڪافين جي شاهنشاه مصري شاه جي نصرپور جو آهي.

سنڌ جي لٽين ڏهي جي ناميارن شاعرن جون

جهڙڪي ڪافين ڪلام ۽ انقلابي نظمن منهنجي نظر مان گذرنديون رهيون آهن انهن جو هڪ هڪ اکر سون کان به سرس آهي، مگر يوسف شاهين جو رنگ ۽ ڍنگ فڪر ۽ فهم، انداز ۽ ادا، اميد ۽ آسرو، پڪار ۽ پيغام، درد ۽ دانهن، دوا ۽ درمل، همت ۽ حوصلو، بهادري ۽ بيباڪي بلڪل نئين ۽ نرالي آهي، سندس ڪجهه بيت پڙهندڙن لاءِ پيش ڪري رهيو آهيان، جيڪي ڪاڪي گرداس واڌواڻي جي پڻ ڪتاب ساروڻيون جي پوئين پيج تي لکيل آهن.

١- پيهي ڏنم پاڻ ۾ - اڻڳ اتاهون
سدا هئي ساهه ۾ - تات توهين تون
جهڙڪي ڏٺو مون - جي اوريان ته اڏ ٿيان

٢- نسوريائي ناه جي - پرپل آهي پون
جڙ بم هن جهان ۾ ڏينهن مڙئي ڏون
جهڙڪي ڏٺو مون - سو ڏسيان ڪئين ڏيهه ڪي

٣- وهين ويڙهيچن ري - ڪين سري سون
ويا هن وٿان تان - پيري وڌو پون
جهڙڪي ڏٺو مون، سو ساري ورور ساه ڏيان.

هنن بيتن مان يوسف شاهين جي باتين ۽ بيانن جو صحيح اندازو لڳائڻ سولو ۽ سهنجو ٿي پئي ٿو ته شاهين

ڪيئن نہ پنھنجي ٻيٽن ۾ اندر جي اوراورڻ جو احوال عوام اڳيان اوريندو رهي ٿو. جڏهن شاهين جا شعري مجموعا پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچندا تہ پوءِ پڙهندڙ شاهين جي پورهئي ۽ پگهر جي پوري پرک ۽ پروڙ پرکي سگهندا.

آخر ۾ مان ڪاڪي کي عرض ڪندس تہ پنھنجي معياري ۽ معلوماتي مضمونن ۽ مقالن کي هميشہ وانگر ڪتابي صورت ۾ شايع ڪري سنڌي علم ۽ ادب ۾ سڌارو ۽ واڌارو ڪندو رهندو تہ بهتر ٿيندو ۾ بس.

طالب العلم
علي نواز وفائي
ايڊيٽر "آزاد" ڪراچي

تاريخ ٥-١٠-١٩٨٢

# سنڌي علم ۽ ادب جو واحد مرڪز

وفائي پريس
پاڪستان چوڪ
ڪراچي

فون نمبر ۲۱۱۴۱۸

# پنهنجون ڳالهيون

ٿوري اڪرن ۾ چوندس تہ ڪنهن بہ نموني جي مضمون پڙهڻ مان مونکي ڪافي مزو ايندو آهي. مانٽين هجي يا لارڊ بيڪن، چارلس لئمب هجي يا هئزلٽ، ڪلاڪ ڏيڊ نويڪلائي ۽ ويهي سالن کهارڻ منهنجي لاء وڏي ڳالهہ آهي. ان جي اها معني نہ آهي تہ ”تڪان ٿاري تنهنجي“ ۽ جيڪي هو چون تنهن کي ڪري ڳنڍ ٻڌان ۽ هنن جون ئي نموني نموني جون ڳالهيون ڪجهہ وندرائيندڙ ٿينديون آهن. منهنجي هنن سان شخصي طرح تہ ڪا سڃاڻپ ٿي نہ ٿي سگهي ۽ پڙهڻ سان اٿون سمجهندو آهيان تہ سچن جهان دل جو حال ويٺا مون سان اورين.

ڪي مضمون نگار آهن جي ڪنهن ڪردار جي معرفت پنهنجي فلسوفي عيان ڪندا آهن ۽ لطف تڏهن آهي ۽ سواد ان ۾ آهي تہ مضمون نگار بي تڪلفي سان پنهنجي آزمودن، خيالن ۽ جهان ديدي سان مون سان ائين پيش اچي جئن مون سان آمهون سامهون

پنهنجي دل کولي اظهار ٿو ڪري. ٻيا پلي جاسوسي ناول يا ٻيا ناول پڙهن پر مـان مضمون لاء آهيان. جـڏهن ڪل مڪ ليڪڪ ٽوٽڪا ڏيندو آهي، اڳ پوء جون ڳالهيون ڪري ته مان هن سان ڪڏ سفر ڪرڻ ۾ ٽڪيس ڏيـ ڪو نه.

مضمون کي انگريزي ۾ "ايسي" Essay ٿا چون. ايسي ناول نه آهي، ڪهاڻي نه آهي، ان کي پنهنجو انداز آهي. جان لاڪ john Lock جي هڪ ڪتاب جـو نالو آهي "ايسي ڪنسرننگ هيومن انڊرسٽئنڊنگ." پر اهو ڪتاب آهي ۽ نه ايسي يعني مضمون. اهڙي طـرح مئلٿس Molthus وڌندڙ يا گهٽجندڙ آد مشاري جي بـاري ۾ مضمون لکيو آهي پر اهو به مضمون نه آهي پر فلسفو آهي. اسين چئي نـٿا سگهون ته دهـريئي دمـاغ وارن انسانن پنهنجن فلاسافين سان اسان کي مالا مال نه ڪيو آهي پر هنن جي لکتين کي ليڪ، ڪتاب، مقالو، تقرير، رسالو، وياکياڻ يـا سمالوچنا چئي سگهجي ٿـو پر نه مضمون.

مضمون اصـل هڪ نرالي شـيء آهي. ڪهڙو بـه وشيه يعني موضوع هجي، ان تي مضمون لکجي تـه ليڪچر نه ڏجي ۽ اها خواهش نه ڪجي ته پنهنجا

رايا پڙهندڙن جي گلي ۾ د وسي وجهان . انهن لڳندو وڃجي ڇڻ پاڻمرادو ، آمهون سامهون ٿي هڪ ٻئي ۾ تمام معمولي انداز ۾ گفتگو هلندي پيئي هلي . جڏهن اسين ڪا ڳالهه ڪريون ٿا ته برابر دماغ جي تهن ۾ ڪي شخصي رايا ويڙهيا سوڙهيا پيا آهن پر هٿ وٺي ٻئي ڪي پاڻ پيرو ڪرڻ جي تمنا ظاهر نه ڪجي . مضمون لکڻ پرچار ڪرڻ نه آهي پر فقط ڳالهه ڪرڻ آهي جنهنجو ڪوبه مطلب ٿي سگهي ٿو . ڳالهه ڪجي ته ضرور ڪي مثال ڏبا، ٽوٽڪا ياد پوندا، ڪي تاريخي يا ڏند ڪٿائن جا حوالا ايرندا ۽ ڳالهه ٻولهه ٿيندي ويندي .

هن ڪتاب ۾ به توهين ڳالهيون ٻولهيون پڙهندا . اهڙيون ئي ڳالهيون ٻولهيون منهنجن اڳين ڪتابن ”جيڪي ڏٺوسون“ ۽ ”ساروڻيون“ ۾ ڏنل آهن .

گرداس واڌواڻي

# ڀاڱو ٢

شيخ اياز تازو هڪ مضمون ۾ اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪجهه سال اڳ ٻحر نووڪ تي هڪ ٻيڙي ڏسي تاجڪ شاعره گل رخسار مون کي هڪ شعر ٻڌايو جنهن جو مطلب آهي ته عمر کان غافل نه رهه، اها ائين آهي جيئن ٻيڙي پاڻي تي بيٺل نظر ايندي پر در اصل تمر وانگر وهندي رهندي آهي. ڪهڙي طرح نه حياتي جا ڏينهڙا هڪ ٻئي پٺيان هلندا سالن ۾ بدلجو وڃن ٿا ۽ ٻيڙي جيان غير محسوس طور تي چپ هلڻ کان سواءِ پنهنجي رفتار سان ماڳ تي پهچائي ڇڏين ٿا. وقت چوي مان بادشاه ۽ وقت کي گذرڻ جي ۾ پنهنجي ٽوڙ آهي. سال گذريو وڃن چپ ته اڪ پوت ۾ هڪ لحظو تي ويا يا ته گهڙيال، جي ڪانٽي ڏانهن نهاريندو رهه، ان جي چرڻ کي سال لڳيو وڃن. حياتي جا ڏينهن اهڙين گهڙين سان سٽيا پيا آهن. ڏک ۽ سک حياتيءَ جون

ڪڙيون آهن ۽ حياتي جي دؤر ۾ پنهنجي چال رکن ٿا. مولا مهر ڪري ته سوين سالن جا سور لحظي ۾ لهيو وڃن.

مان به خيال ويٺو ڪريان ته پنهنجي حيات سفر جي ڪارگذاري جا ۷ جون تي ۷۱ سال پورا ڪري اڳيرو ٿيو آهيان پر جي سڌو سواٽو چوندس ته پاهتر ۾ پير رکيو اٿم ته توهين ڪي جو ڪي چئي سگهو ٿا. اهي ڳالهيون ڳٺڙ جون آهن پر مالڪ جي مهر به ڪجھ انسان لاءِ آسرو آهي. نه ته ڪير سمجهي ها ته اصل ڏر جو ڏڪائيل جنهن کي اڳيئي ڏهه سال اڳ سفيد وارن جو سهڻون ڏيئي "مارننگ نيوز" در ڏيکاريو هو، اهو ساڳيو بنده گنهگار توهان جي اڳيان آهي ۽ توهان سان اکيچولي ويٺو ڪري.

مون ته اڳ به پنهنجي جنم ڏينهن تي لکيو آهي ته هي منهنجا سفيد وار منهنجو سرمايو ٿي پيا آهن ۽ خوش پيو ٿيان ته ڪيئي سڄڻ ۽ سڪ وارا آهن جن پنهنجي پيار ۽ محبت جي اظهار سان مون کي ڏادا ڪري ڇڏيو آهي. اٿين اصل ڪونه سمجهندس ته ڪو مان داداگيري ڪرڻ تي هريل ٿي هش تي خوش ٿيو آهيان پر مشڪور ۽ ممنون آهيان انهن سڄڻن جو جن مونکي پنهنجي دلي

جذبن سان همتائي ۽ ٻي ڀلي حياتي جا خوشي سان ماڻڻ
لاءِ جيئڻ جو موقعو ڏنو آهي. منهنجي دوستن ۽ سڄڻن
مون سان جي پيار ڀلايا آهن ان جو بيان ڪرڻ ڏکيو
ٿيندو چالاڪائي ته جي مون کي اکر سجهن ته جيڪر
ڪتاب اکي وڃان. تازي ڳالهه آهي ته هلال پاڪستان
جي رفيقن پارٽي ڏيئي جنم ڏن جون مبارڪون ڏنيون
ته مون اڻهن ٿي چهو ته مان هتي ڪنهن ۽ هند ويو
آهيان ته دوستن جو پيار ٿي مليو اٿم. شل خوش هجن
جن جي دعائن سان حياتيءَ جي دور مان هلندو پيو وڃان.

صحافت جا ٥٠ سال پورا ڪري چڪو آهيان ۽
منهنجي خوش نصيبي آهي ته پنهنجي ملڪ جي صحافي
دوستن جي پيار سان سرشار آهيان. جڏهن ستر سال پورا
ڪيم ته چيا ٿا پانهو، سڄي ڪراچي جي صحافي برادري
هڪ وڏو جلسو ڪري مون کي مبارڪون ڏنيون.
حياتيءَ ۾ ڪوبه انسان ڪهڙي طرح اهي مسرت پريون
گهڙيون وساري سگهندو، اهي ئي سهڻيون ۽ سلوڻيون
سڪون آهن جن جي شان سان انسان ذات ڪجهه سک
جو ساهه پٽي رهي آهي.

دعائون ڪندس پنهنجي خاص سڄڻن کي جن مون
کي بسنديءَ ۾ لکڻ تي اياريو ۽ جي سنڌي ۾ لکڻ

شروع ڪيم نه هوليتائين نه رکيو ٻه ڪتاب ڇپايا اٿم ۽ ٻه ٽيون ٻه توهانجي خدمت ۾ حاضر آهي. عمر سڄي انگريزي صحافت ۾ گذاريم پر جڏهن موقعو مليو ته ڪو به انسان پنهنجي منڊي ٻولي، جا ماءُ جي ٿڃ سان لولي ٿي ملي، ان کان منهن موڙي نه سگهندو.

وري به ياد ڪندس محترم مرحوم دوست شيخ عبدالرحيم کي جو منهنجو دوست هو، ڪڏهن ڪان، ياد نه اٿم. هڪ ڏينهن ڪري ڏسان ته اخبار ۾ دوست جو نالو لکيو پيو هو ته ايڊيٽر آهي. ٽيلفون تي چيومانس ته ڇا تون ايڊيٽر ٿيو آهين ته چيائين ڏک اٿم توکي اچا نه ٻڌايو اٿم. هن جو ٻڌائڻ اهو هو جو اچا تائين مان لکي رهيو آهيان.

سنڌ جي لاثاني اديب، سنڌي ادب کي سجائيندڙ پير حسام الدين راشدي به مون وانگر ١٩١١ جي پيدائش هو. پيارو سائين ڪجهه ڏينهن ٿيا ته خدا جو پيارو ٿي ويو. راهه رباني ٿيڻ سڀني جو مقدر آهي. ساڳيو پنڌ، ساڳي منزل آهي. الائي ڪڏهن تو سڏ اچي پر تيستائين ان خالق جي خلق جي خلوص کي ڏسندو رهيو آهيان.

گهڻيئي ساروٽيون لکيون اٿم پر سڪ وارن جون ساروٽيون ساه سان سانڍي رکيون اٿم. نبي بخش کوسو به جڏهن

ڳڍجي ته چوندو آهي جڏهن مرندي تڏهن به اهو قلم هٿ ۾ هوندو. اهي دعائون آهن جو هيڏي عمر ۾ به هلال پاڪستان ۾ آهيان ۽ ڪجهه نه ڪجهه لکي رهيو آهيان.

لکين پلاڻيون دوستن جون جن مون کي مرڻ کان اڳ هاڻ مبارڪون موڪليون آهن. خبر نه آهي هنن کي وري وجهه ملي يا نه ملي. مان به تنهن ڪري دل وڏي ڪري سنڌ جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ رهندڙ دوستن کي سلام ٿو ڪريان. خدا سائين اجا به توهانکي اڳيرو ڪري. وري به چوندس ته دل لاهڻ روا نه آهي، جي جيئڻو آهي ته مڙس ٿي منهن ڏيڻو آهي. مونکي ملٽن جو هڪ جملو ڏاڍو وڻندو آهي:

They also serve who stand and wait .

*—*

# ڪراچي
# ڪلهه، اڄ ۽ سڀاڻ

ننڍي هوندي پڙهيو هوم ته ترڪي جي گادي قسطنطنيه آهي. انگريزيءَ ۾ ان کي ڪانسٽنٽينوپل چوندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن به شاگرد کان پڇندا هئا ته اهو شهر ڇاڪاڻ مشهور آهي ته جواب هوندو هو ته اهو شهر مسجدن ڪري مشهور آهي. ڪنڊ ڪنڊ تي عاليشان ڪشاديون ۽ قديم عمارتسازي جي نمائش ڪندڙ مسجدون ان شهر ۾ ڏسڻ ۾ اينديون.

هندستان جي بنارس شهر کي به اهڙي طرح مندرن جو شهر چوندا هئا ۽ يورپ ۾ جي ديولن جو ذڪر هليو ٿي ته روم جو رستو ڏيکاريندا هئا. اتي نالي نالي واريون ديولون آهن جن کي جڳ مشهور نقاشن ۽ مصورن سينگاريو آهي. اهي سڀ ڳالهيون پڙهيون اٿم پر اکين ڪين ڏٺيون اٿم. اهڙي طرح تاريخ اسان کي ڪجهه

وڏيڪ ٻه ٻڌايو آهي ته ننڍي جي شاهجهان مسجد، جا اچا ٻه سنڌ جو شان آهي، ڪهڙي طرح ٺهي ۽ ڪنهن ٺهرائي، جنهن کي ڏسي دل ڏاڍي خوش ٿئي. انهي مسجد ۽ دهلي ۽ لاهور جي جامع مسجدن جا احوال نه رڳو تاريخن ۾ پڙهيا اٿم پر اکين سان ڏٺيون اٿم.

اڄ هي ڳالهيون ويٺو ڪريان ڇاڪاڻ ته پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ ڪراچي ۾ هڪ مسجدن جو شهر ٿي پئي آهي. اڳين ڪراچي ۽ پوءِ واري ڪراچي ۾ ڪيڏو نه فرق آهي! نوان پردا ۽ نيون سهڻيون آهن. ڇپي ڇپي تي شاندار مسجدون اڀرڻ لڳيون، جتي نيان آيل ۽ اصلي رهاڪو مسلمان عبادت ۾ مصروف ڏسڻ ۾ ايندا. اڳ ڪراچيءَ جو رنگ، ڍُول ۽ ڀيڪ ئي هئي، جي صدر علائقو ديولن سان ڀريل هو ته گاڏي کاتو هندن جي مندرن ۽ سکن جي گردوارن سان ڀريو پيو هو. هيءَ جا قيرقار ٿي تنهن کي تاريخي اهميت آهي ته ڪهڙي طرح شهرن جي صورت حال وقت جي لحاظ کان ۽ انساني امنگن ۽ احساسن سان پنهنجو رنگ بدلائي ٿي ۽ اصل نارمل ڏيکاءُ جو نقشو پيش ڪري ٿي.

پاڪستان ٿيڻ کان اڳ انگريزن جو دور هو ۽ چوندس ته هنن کي وقت ۾ وقت چوطرف ٿيندڙ ڦيرين

قارين جو رڪارڊ رکڻ جو قدر هو. انگريز هتي اچڻ کان پوءِ وقتي وقتي هڪ گزيٽئر ڪتابي صورت ۾ شايع ڪندا هئا، جنهن ۾ شهرن، صوبن يا ملڪ بابت ڪي اهم حقيقتون درج ڪيل هونديون هيون. انهن ۾ ڪوبه وڌاءُ ٿيل نه هوندو هو پر جي ان وقت بابت ڪهڙي به نموني جي انگن اکرن جي گهرج ٿيندي هئي ته ان جو جواب ملي سگهيو ٿي. اهڙي طرح اوهان جيڪڏهن ڪراچي جو ١٩٢٧ع وارو گزيٽئر ڏسندا ته توهانکي ڪراچي جي سيني ديولن جو پورتاميل ملندو. پيا به گزيٽئر آهن جن ۾ وقت جي حالتن جو احوال توهان جي هٿ چڙهندو، جنهن جي وسيلي گذريل وقت کان وٺي ان وقت اندر تيزن تبديلين جو توهين جائزو وٺي سگهندا. مان فقط مثال طور ١٩٢٧ع جي گزيٽئر ۾ ديولن جي احوال جو ذڪر ٿو ڪريان ته توهانکي اعتبار جوڳي معلومات ملندي ته ڪڏهن ٺهيون، ڪهڙي طرح ٺهيون، انهن جي جاءِ ۾ اندر ماڻهن جي وڌڻ جي ايراضي ڪيتري آهي ۽ انهن جون خصوصيتون ڪهڙيون آهن. اهو به ان ۾ ڄاڻايل آهي ته ٺهڻ جي وقت کان وٺي انهن ديولن ۾ ڪهڙيون ۽ ڪڏهن مرمتون ٿيون.

هن سموري احوال کي ڌيان ۾ رکي اسين اهو به

چاڙي سگهون ٿا ته ١٩٢٧ع کان پوءِ حالتن جا ڦرڪا کهڙي طرح ڦريا ۽ انهن ڏيولن ۾ کهڙيون تبديليون آيون. مثال طور صدر جي رومن ڪئٿالڪ چرچ هاڻ ڪئٿيڊرال آهي جنهنجي ڇمڙ کان وٺي جنم پٽري ڏيئي سگهون ٿا.

اسين ڪراچيءَ جي جنم پٽري ان وقت کان ڏيئي سگهون ٿا، جڏهن ڪراچي مهاڻي ماڻي ڪلاچيءَ جو گوٺ هو، جڏهن گهوڙا بندر روڊ تان ڊرامون ڇڪيندا هئا، جڏهن برنس روڊ ۽ صدر جي وچ ۾ فقط هڪ خالي ميدان هو پر هاڻ ڪنهن کي به خبر نه آهي ته کهڙي طرح درجي بدرجي ڪراچي ڦرندي پيئي وڃي ۽ چوطرف سوين سينگار ڪري هڪ پڊي ماڻي مان ڦري هڪ سونورني ڪنوار ٿي پيئي آهي. ڪلفٽن وارو پاسو هڪ محلاتن جو شهر ٿيندو پيو وڃي ۽ شهر جي هر هڪ حصي ۾ ڪيئي نمايان ڦرڪا ڦريا آهن. هن وقت ساري شهر جي صورت جي بدلجڻ جي لاءِ فقط مسجدون آهن، جي ١٩٤٧ع جي انقلاب جون نشانيون آهن. اڄ ڏينهن تائين مونکي ڪو اهڙو گزيٽيئر ڏسڻ ۾ نٿو اچي جنهن ۾ مسجد خضري (صدر واري) جو احوال ملي. اهڙيون سوين مسجدون آهن. انهن جون مختلف نموني

جون اڏاوتون ٿي سگھن ٿيون. انهن جي تاريخ ٻي ٻي ٿي سگھي ٿي.

مونکي خبر آهي ته جڏهن مسجد خضريٰ ٺهي ته وڏا وڏا وزير ۽ وڏا آفسر خاص موقعن تي تقريبن تي حاضر هوندا هوا. وڏن وڏن مالدارن جون شاديون مراديون اتي ٿينديون هيون. اڄ به مسجد خضريٰ ڪراچيءَ جو خاص مرڪز آهي ۽ فقطنالي پڙڻ سان اهو طرف خيال ۾ اچي سگھي ٿو.

جڏهن ڊفينس سوسائٽي ۾ مسجد ٺهي ته ڏٺو ويو ته ان کي هڪ مينار هو. ان بابت به گھڻيون ڳالهيون پڙڻ ۾ آيون ته ٻن منارن بجاءِ هڪ منار ڇو ٿيو آهي. اهڙي طرح جڏهن آرام باغ ۾ مسجد ٺهي ته ان جو افتتاح سردار عبدالرب نشتر ڪيو هو. اهڙي طرح هرهڪ مسجد کي پنهنجو تاريخي شان آهي پر ان بابت ڪوبه خاطري جهڙو احوال ڪنهن به گزيٽئر ۾ ڏنل نه آهي.

ڪراچيءَ ۾ ١٩٢٤ع کان رهيو آهيان ۽ تبديليون ڏسندو آيو آهيان جن بابت گذريل ڏهن سالن ۾ گھڻو لکيو اٿم. ان کان سواءِ ڪراچي تي هڪ ڪتاب "ڪراچيءَ جي ڪلهه، اڄ ۽ سڀاڻ" پڙهيو اٿم. ان

کان سواءِ آهن گزيٽيئر جن مان جهولي ۾ جهونو
۱۸۷۳ ۾ لکيل ڪتاب آهي. انهن ۾ ڪياماڙي،
جهونا بندر، بريڪ واٽر، تارگهر، پوسٽ آفيس، پورٽ
ٽرسٽ ۽ ٻين عمارتن جو بيان ڏنل آهي. مون پاڻ پنهنجن
اکين سان حيدرآباد مان اچي جڏهن چؤماڙ جايون ڏٺيون ته
حيرت ۾ پئجي ويو هوس. ماشاالله هاڻ ته فلڪ نما
جاين جو ديدار ويٺو ڪريان. ايڏي طاقت نه اٿم ته
وڃي وقت جي انقلابن کي قلم بند ڪري سگهان. پر
جڏهن نئشنل هاءِ وي کي بين الاقوامي طرز تي ڪشادو
ڪيو پئي ويو ته پراڻا زمانا ياد اچي ويا جڏهن قريشي
جي بس ۾ چڙهي ڪراچيءَ کان هڪ سوڙهي
رستي تان لوڏا کائيندو ايئرپورٽ پهچبو هو.
ڪراچيءَ کان ايئرپورٽ تائين نئشنل هاءِ وي ڏسي
خوش پئي ٿيس. ڪيڏو نه ڪشادو ۽ ڪيڏو نه لسو
هو جنهن موٽرون بسون گسڪنديون ۽ ترڪنديون پئي
ويون. ۱۹۶۷ع وارين برساتن ته ڪراچيءَ جي رستن جا
ڏاچورا ڪڍي ڇڏيا هئا پر هونءَ به ڪراچي جي رستن
کي نئشنل هاءِ وي سان ڀيٽي نٿي سگهياسين. هڪ ڏينهن
ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي انجنيئر اختر اقبال
کي چيم ته توهين ڇو نٿا اهڙا رستا ٺهرايو، ته ڇهائين

ڪراچيءَ ۾ هڪ سيمينٽ مڪسنگ پلانٽ هئي اها به اسلام آباد ۾ گهرائي ورتي اٿن . ان مشين کان سواءِ اهڙا رستا ٺهي نه ٿي سگهيا .

جڏهن نيشنل هاءِ وي کي پيچي ١٩٧٢ع ۾ ڪشادو ڪيو پئي ويو ته جاچڻ لڳس ته ڪهڙا ڪهڙا سنگ ميل گم ٿيندا پيا وڃن . ڦيرين ڦيرين ته نيپئر بئرڪن جو وارو آيو . چڱو خاصو پراڻي عمارت جو حصو گم ٿي ويو ۽ رستي جي ٺهڻ پاسن کان ويندي ڊرگ اسٽيشن تائين رستي جون رنڊڪون ڊاهيون ويون . ڊرگ اسٽيشن وٽ نيپئر صاحب جي زماني کان جي الڪون هيون اهي به غائب ٿي ويون ۽ ڪشادو رستو پل پار ڪندو هلندو ويو .

توهانکي خبر هوندي ته جڏهن پي اي سي ايچ سوسائٽي کان اچي شهر تائين پهچڻ ۾ هوندا هئاسين ته قائداعظم جي فلئنگ اسٽاف هائوس وٽ هڪ سوڙهي رستي تان گذر ڪرڻو پوندو هو . فلئنگ اسٽاف هائوس جو ۽ آمهون سامهون ائڊمرل هائوس جي لان جو ڪجهه حصو ڪپي رستي کي وڏڪرو ڪيو ويو ۽ پئلس سئنيما وٽ لنگهه لاءِ ڪافي سهوليت ٿي ويئي . اهڙي طرح وقت جي تقاضا ڪري ڪنٽونمينٽ واري ٽرام پٽي وٽ چمن جي

سفارتخاني جو به حصو حاصل ڪري رستو وڌايو ويو. اج ڏسندا ته اهو رستو ١٥٠ فٽ ويڪرو آهي ۽ شهر ڏانهن موٽرن جي آمدرفت ۾ نمايان سڌارو ٿيل آهي. ٽرامون غائب ٿي ويون آهن ۽ ٽرام پٽو به ڪم آهي.

ڪيئي ٻيا به مثال ڏيئي سگهجن ٿا پر ڪنهن به تبديلي جو رڪارڊ رکيل هجي، اهو مونکي ڪونه ٿو سجهي. مون برنس روڊ واري حصي جي پنهنجن مضمونن ۾ چڱــي اپٽار ڪئي آهي. مان سمجهان ٿو ته شهر جي مختلف حصن ۾ رهندڙ شهر واسي پنهنجي شهر جي حصي جي تبديلين جو رڪارڊ رکندا ويندا ته ساري شهر جي اسرڻ جو ٻئرو ميٽر تيار ٿي ويندو ۽ آئينده جي تحقيقاتن لاءِ گهڻيئي ڳالهيون هڪيون ٽڪيون رهنديون. مثال طور ١٩٠١ع واري گزيٽيئر ۾ هاڪس بي جو احوال ڏنل آهي. هاڪس هڪ ملٽري آفيسر هو جنهن جي زال بيمار ٿي پيئي هئي ۽ هو هن کي سٺي هوا ۾ رهائڻ لاءِ سمنڊ جي ڪناري تي وٺي ويو هو. هتي سمنڊ جو ڪنارو ۽ آبهوا هنڪي وڻي ۽ انڪي مشهور ڪيائين جنهن ڪري اهو هاڻ وڏي شهر لاءِ هڪ وندرگاه ٿي پيو آهي ۽ ڏنو اٿئون ته ڪهڙي طرح ميونسپالٽي اتي وڏيڪ سڌارا آندا آهن.

# [٢]

مٿئين مضمون ۾ مون گزيٽيئرن بابت ذڪر ڇيڙيو آهي تہ ڪهڙي طرح اهي پنهنجي شهر، صوبي يا ملڪ بابت اعتبار جوڳين حقيقتن کان واقف ٿا ڪن، جنڪي وقت جي وڇوٽين بعد ڳنڍي سربستو احوال معلوم ڪري سگهجي ٿو. انهن کي جيڪر پنهنجي پسگردائي جي تاريخ چئجي، هاڻ سوال اٿي ٿو تہ انهيءَ متاخوريءَ کي ڪهڙيءَ اهميت ڏيڻي سگهجي ٿي يا چئجي تہ انهن مان ڇا ورندو سرندو. سنڌ جا ماڻهو موهن جي دڙي جو نالو وٺي خوش پيا ٿين ۽ ان کي گذريل وقتن جو يادگار سمجهي، پنهنجي آڳاٽي ثقافت جي ساراهہ جا ڍڪ پيا پرين. اِها هوندي بہ هڪ صدمون اسان لاءِ باقي اهو آهي تہ اسان لاءِ پنهنجن جهونن ماڻهن کو اهڙو خاطرخواه دستاويز نہ ڇڏيو آهي جنهن مان اسين ان وقت جي رهڻي ڪهڻي لاءِ ڪجهہ جوابداريون بيان ڪري سگهون. اسين فقط پراڻيون نشانيون ڏسي انهن جي آڌار تي ڪجهہ بيان ناهي سگهون ٿا، پر ڪا اهڙي سند نٿي لڀي جا

اسانکي پڌائي ته ڪڏهن ان وقت جي سڀيتا شروع ٿي ۽ ڪهڙي طرح ۽ ڪڏهن اها ختم ٿي. پيو نه ته، اسين جيڪر خوش ٿيون ها جيڪڏهن ڪا اهڙي لکيت ملي وڃي ها.

جون ٿا ته آمريڪا وارن هڪ دفعي خيال ڪيو ته زماني جي رفتار ۾ جيڪي تبديليون، زلزلا ۽ انقلاب ٿيندا آهن انهن جي وڪڙ ۾ اچي خبر نه آهي ته هزارن سالن کان پوءِ انسان ذات کي آمريڪا بابت معلومات حاصل ٿي سگهندي يا نه. انهي ڪري وقت جي اخبارن جون مائڪرو فلمون ڪرائي ڏاڍي حفاظت سان بند ڪرائي زمين ۾ پوري ڇڏيائون ته ڪڏهن نه ڪڏهن جي انسان ذات کي اهي هٿ چڙهنديون ته هنن وقتن جو جائزو ٿي سگهندو. مان ايتري قدر ته ڪو خيال ڪري نٿو سگهان پر ڏسون وينا ته جيڪو به احوال اسانکي گذريل مان پلئه پيو آهي ان مان گذريل تاريخ جا آثار ميسر ٿي سگهن ٿا. مثال طور آسوريا جي زماني ۾ جبلن ۽ ٿنڀن تي به ڪي تحريرون مليون آهن جن جي حوالي سان ڪجهه تاريخ بنائي سگهجي ٿي.

مان هڪ ٻيو به مثال ڏيندس ته انگريزن جي زماني جي ڪنهن گذريل ۾ ڪتي جي قبر جو ذڪر ڪيل

آهي جا دادو ضلعي ۾ آهي. ڪنهن صاحبلوڪ جبلن جي اتاهين جي ٿڌين هوائن ۾ اها قبر ٺهرائي هئي. پوءِ ان ٽڪريءَ جي آبهوا ۽ پسگردائي جو چڱو ئي احوال هڪ گزيٽيئر ۾ ڏنل آهي. اهو پڙهي هڪ صحافي هڪ خبر اڏائي ته سنڌ سرڪار اتي هڪ هل اسٽيشن ٺهرائڻ واري آهي جتي اسان جا وزير گرميءَ جي موسم ۾ وڃي آسائش ۾ رهندا. تنهن کان پوءِ گهڻئي سروي پارٽين رپورٽون ڏنيون جي سنڌ سرڪار جي فائلن ۾ اڃان موجود هونديون.

اهڙي طرح انهي ساڳئي صحافي موهن جي دڙي بابت هڪ اهم خبر اڏائي جا ڪيتري وقت تائين ماهرن جي بحث مباحثي ۾ هلندي رهي. صحافي جو چوڻ هو ته موهن جي دڙي ۾ هڪ ڪشادي عمارت آهي جا ڪٽڪ جي بئنڪ هئي. آڳاٽا ماڻهو اتي ڪٽڪ وڃي جمع ڪرائيندا هئا ۽ پوءِ چيڪ ڏيئي گهربل ڪٽڪ حاصل ڪندا هئا جيئن اسين بئنڪن مان پئسا ڪڍائيندا آهيون.

جڏهن ون يونٽ ختم ٿيو ته سنڌ ۾ چوڌاري هڪ نئين جان اچي ويئي ۽ سڄي سنڌ جي چپي چپي تي ماڻهو ماضيءَ جا نشان ڳولڻ لڳا. ياد اٿم ته دوست علي نواز وفائي پنهنجي اخبار ۾ سنڌي مارُوئڙن، پڙهيل

ڳڙهيل مفڪرن ۽ ماهرن تي زور پريو ته پنهنجي شهرن ۽ ڳوٺن بابت تحقيقاتي مواد حاصل ڪري شايع ڪرڻ جا سعيا ڪن. ان بابت منهنجو رايو پيو آهي ته اسان کي ان باري ۾ هوائي ڳالهيون يا رومانن جي درڪار نه آهي پر اسان کي زمان حال ۾ سر زمين تي جيڪي ڏسڻ ۾ اچي انهن حقيقتن کي نروار ڪرڻ گهرجي ۽ جي وقت جي رفتار ۾ تبديليون ٿيون ته انهن جي نسبت گذريل وقت جا اعتبار جهڙا نشان موجود ٿي سگهن.

مثال طور سڄي سنڌ ضلعن، تعلقن، تپن ۽ ديهن ۾ ورهايل آهي ۽ اسان وٽ ننڍي ۾ ننڍا روينيو آفيسر تپيدار ۽ آبدار آهن. هو نقشو هٿ ۾ کڻي پنهنجي تپي جو ذرو ذرو احوال اسان کي ٻڌائي سگهندا ته ڪهڙي هنڌ درياه آهي يا واهه آهي يا واٽرڪورس آهي، زمين هيٺاهين آهي يا مٿاهين آهي، پوک ٿيل آهي، يا نه ٿيل آهي، ڳوٺ ۽ واهڻ، شهر ۽ بندر ڪٿي آهن ۽ انهن جي صورت حال ڪهڙي آهي. اهڙي طرح آثار قديمه، شاندار عمارتون، وڻ ٽڻ، مارڪيٽ ۽ منڊيون سڀ، ٻڌائي سگهندا ۽ ان رقبي ۾ ماڻهن بابت به ڪيئي پروسي جهڙا اکين ڏٺا احوال ملي سگهندا جن مان ان وقت جو رڪارڊ ٺهي سگهندو.

مونکي خوشي ٿي ٿئي ته ڪجهه وقت اڳ بدين جي ڊپٽي ڪمشنر بدين ضلعي بابت هڪ ڪتاب شايع ڪيو هو. جنهن ۾ ضلعي جي قديم آثارن جي ڇنڊڇاڻ ڪيل هئي. اهڙي طرح ڪي پيا به ڪتاب شايع ٿيا آهن. هڪ وڏو ڪارنامو اهو ٿيو آهي ته صدين جي پراڻي رني ڪوٽ جو پتو پيو آهي، پر ان بابت ڪو به ويساهه جوڳو احوال ڪتابن ۾ هٿ نه چڙهيو آهي. جيترا ماڻهو اوترايون ڳالهيون. البت اها حقيقت نروار ٿي آهي ته رني ڪوٽ کي پنهنجي دور ۾ وڏي اهميت حاصل هئي. ڪن ماهرن خيال ڏيکاريو آهي ته ميرن جي ڏينهن جو آهي ۽ جناب مظهر يوسف ته دعويٰ ٿو ڪري ته ڪلهوڙن جي ڏينهن جو آهي. مان وري به چوندس ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها جي اسان کي ان جي عمر ۽ ولادت کان واقف ڪرڻ لاءِ ڪي لکڻيون هٿ چڙهن ها.

گزيٽيئرن جي باري ۾ وڌيڪ پڌائيندس ته

---

رني ڪوٽ بابت تازو مسٽر علي احمد بروهي جا ڪيئي تفصيلوار ليک شايع ٿيا آهن جي پڙهڻ وٽان آهن.

١٩٥٥ ۾ ون يونٽ جي ڏينهن ۾ سنڌ جو گزيٽيئر شايع ٿيو هو.

منهنجي خيال ۾ اهو ڪتاب آڳاٽي تاريخ آهي پر ان وقت جي نشانين، سنگ ميلن ۽ حقيقتن بابت نهايت مختصر معلومات ميسر ٿيل آهي. سنڌ ۾ منڇر ڍنڍ کي پنهنجو مقام آهي ۽ جيتوڻيڪ ان ڪتاب جي گهڻن ئي صفحن ۾ ڍنڍ جو نالو اچي ٿو پر هڪ جٽادار نشان جيان نروار ٿيل نه آهي.

هاڻ شايد آدمشماري جي رپورٽن ۾ سنڌ بابت ڪي حقيقتون ڏنيون ٿيون وڃن. ڪنهن دفعي سکر جي ساڌ ٻيلي تي لکڻ لاءِ مونکي چيو ويو هو، ۽ ان بابت حقيقتون هٿ ڪرڻ لاءِ انهن اڄڪلهه جي گزيٽيئرن کي گهڻو ٿي اٿلايم پٿلايم پر ڪنهن هنڌ به انجو پتو نه ٿي پيو. سکر ضلعي جي هڪ رپورٽ ۾ ساڌ ٻيلي جو فوٽو ڏنل هو پر ڪابه معلومات ملي نه سگهي. دعائون ڪريان سنڌ انفرميشن ڊپارٽمينٽ جي ڪريم بخش خالد کي جنهن اکين ڏٺو احوال ٻڌايو ۽ ان جي تاريخ کان به واقف ڪيو.

مٿين مضمون ۾ مون ڪراچي ۾ گذريل ڏهن سالن جي تبديلين جو ذڪر ڪيو آهي ۽ خاص ڪري شهر ۾

جيڪي مسجدون هر هنڌ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون انهن ڏانهن پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪايو آهي. مونکي خبر نه آهي ته اهي تبديليون ڪٿي به درج ٿيل آهن يا ه، پر ١٩٦٠ جي آدمشماري رپورٽ ڏٺم. ان ۾ مسجد خضريا ۽ آغاخان جماعت خاني بابت ٿي ٿي سٽون لکيل آهن جن مان گهٽي خبر ڪانه ٿي پوي. جيڪڏهن هڪ سؤ سالن کان پوءِ ڪنهن کي مسجد خضريا بابت ڪجهه معلوم ڪرڻو هوندو ته مان نٿو سمجهان ته اها داخلا ڪارگر ثابت ٿيندي.

# راماڻ ۽ ٻاٽڻي

چون ٿا ته هندن جو ڪتاب راماڻ والميڪ رشي عيسوي سن کان ٣٠٠ سال اڳ لکيو آهي ۽ سري رامچندر جي وارتا پندرهن هزار سال پراڻي چئي وڃي ٿي. انجو مطلب ٿيو ته جڏهن راماڻ رچيو ويو تڏهن سري رامچندر واري واقعي کي اٽڪل ١٣ هزار سال گذري

چڪا هئا. مان هندو آهيان ۽ سري رامچندر جي چرتر ۾ ڪي ڏسي خوش ٿيندو آهيان. اهڙي طرح ڪو به ٻيو هندو نه هوندو جنهن سري رامچندر کي وساريو هوندو. تنهن ڪري هي وقتائي نه آهي جو مان ويهي رامسيتا جي ڳالهه ڇيڙيان ٻر مونکي هاڻ ياد پيو اچي ته ڪراچيءَ ۾ هندستان جي هاءِ ڪمشنر جي چئنسري ۾ هڪ دفعي پريس اٽئشي مسٽر شوپوري سان ملاقات ٿي هئي جنهن ڳالهه ڪئي ته اسين ماڻهو ڏياري ڏياري ڪري منجهي پيا آهيون ٻر دراصل سري رامچندر هوئي ڪونه. مان ته پاڪستاني هندو آهيان پر هن ڀارتي هندوءَ جون ڳالهيون ٻڌي مونکي گهٽي چڙ لڳي. ڇيو.مانس ته جي سري رامچندر هوئي ڪونه ته پوءِ مان هندو ڪيئن آهيان. بس، ايترو چوندس ته هن مرڪي مون ڏانهن نهاريو ۽ مان ائين جو ائين رهجي ويس.

سال گذري ويا. اتفاقاً پاڪستان جي آثار قديمه محڪمي جي لئبرري مان هڪ ڪتاب هٿ چڙهيم جنهن جو نالو هو ”ڊانتي ۽ راما“. هڪ فرينچ فلسوف ايڊورڊ ليلي جو رچيل آهي جنهن جو انگريزي ۾ ترجمو ڪيل آهي. ڪتاب ۾ ڊانتي جي ”ايلئڊ“ ۽ رامائڻ جي سربستي پيٽ ڪيل آهي ته جهڙي طرح هيلن آف ٽراءِ ڦان ٽروجان

جنگيون لکيون هيون تهڙي طرح راماڻ ۾ سري رامچندر جي راوڻ سان لڙائي جو ذڪر ڏنل آهي. ٻنهي وارتائن مان ڪردارن ۽ ڪارنامن جا شعر ۾ بيان جي ڏنل آهن سي لڳ ڀڳ هڪ جهڙا آهن ۽ مان ڪافي متاثر ٿيو آهيان ته هنن ٻن رچائن جو پاڙ ۾ ڪجهه مڙيو ٿي لاڳاپو آهي. فرينچ فيلسوف پنهنجي ڪتاب ۾ اسان کي تاڪيد ڪيو آهي ته هن وقت اسين چئي نه ٿا سگهون ته هيءَ وارتا هندستان کان يورپ ويل آهي يا يورپ کان هندن هٽ ڪئي آهي. ڳالهه مونجهاري جي آهي پر حيدرآباد سنڌ مان ١٩٤٦ ۾ هڪ مسٽر شرما سنسڪرت جي حوالن سان هڪ ڪتاب "آره ورت پارت" ڇپرائي پڌرو ڪيو هو جنهن ۾ سري رامچندر جي باري ۾ فرينچ فيلسوف جو ساڳيو حوالو ڏيئي چوي ٿو ته ڊانٽي پنهنجو اليڊ راماڻ تان ورتو آهي پر فرينچ فيلسوف چوڻي ڪونه ٿو ته ڊانٽي جي "اليڊ" راماڻ جي ڪاپي آهي. هو فقط چوي ٿو ته چئي نٿو سگهجي ته اصل ڪهاڻي ڪٿي جي آهي. اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي سر رهيون پر هاڻ تازو هڪ ڪتاب " اطالوي ادب جي مختصر تاريخ " تي منهنجي نظر پيئي جنهن ۾ ڪليو ڪلايو پڌايل آهي ته ڪيئي مشرق جون وارتائون لئٽن ٻولي جي شاعرن ۽ اديبن

کي هٿ چڙهيون هيون جن انهنکي پنهنجو ن کري ڏيکاريون آهن .

اهو ڪتاب هڪ ناليواري انگريز اديب جي - ايچ - وٽفيلڊ J.H. WHITFIELD جو لکيل آهي . هو ڏيکاري ٿو ته ڊانٽي جي شاعري کان سواء ڪيتري وقت تائين لئٽن ۾ اهڙو نثر ملي ئي ڪونه ٿو جو اصلي ORIGINAL هجي. گهڻوڪري مشرق جو ادبي مواد يورپين ٻولين جي معرفت لئٽن ٻولي* ۾ پهتل آهي . ڊانٽي، خود پاڻ ڪن ڪردارن جا نالا ڏنا آهن جي اصل فرينچ ايپڪ ادب ۾ ملن ٿا، انڪري سمجهڻ گهرجي ته ڪافي عرصي لاء ترجمه لئٽن ادب جو مکيه حصو رهيا آهن .

هن معاملي کي پوري طرح سمجهڻ لاء ڏسڻو آهي ته ١٨٦٠ تائين هينئر واري اٽلي جو ملڪ هوئي ڪونه. ڪي ننڍيون رياستون هيون جهڙوڪ ٽسڪني ، نيپلس، سسلي، فلارينس وغيره هرهڪ حصي جي ٻولي* جي اوج وارو دور پنهنجو هو . ٽسڪني دور ۾ هڪ خاتون ١٣ ۽ ١٤ صدي ڌاري وارا ترجمان هڪ ڪتاب ۾ ڪٺا

---

* جي - ايچ وٽفليڊ جو ڪتاب اطالوي ادب جي مختصر تاريخ صفحو ٥٩

ڪري ڇپايا جي ٽسڪني ٻوليءَ جي اوجهه جي شاهدي ڏين ٿا.

انهيءَ کان پوءِ مارڪو پولو جو تيرهن صدي ۾ دور شروع ٿئي ٿو جڏهن جنهن جي چين تائين مسافرين مان يورپ کي مشرق جي ٻوجهه پيئي. مارڪو پولو، وينس شهر مان ١٧ ورهين جي عمر ۾ سفر تي نڪتو ۽ قبلاءِ خان جي ڪچهرين مان ٿيندو چين وڃي پهتو. اتي جا ماڻهو، سرهاڻ وارا مصالحا ۽ حڪومتن جو دٻدٻو ڏٺائين. ١٢٩٥ع ۾ چين مان واپس آيو ۽ پوءِ ڪنهن جنگ ۾ پڪڙجي پيو ۽ جيل ۾ هن پنهنجي آزمودن جو ڪتاب لکايو جو اصل فرينچ ٻوليءَ ۾ لکيل آهي ۽ پوءِ ١٤ صدي جي شروعات ۾ لٽن ۾ ترجمو ڪيل آهي. ان وقت تائين يورپ کي مشرق جي اچرج ۾ وجهندڙ نظارن جي ڪا خبر ڪانه هئي. مارڪو پولو اهڙو ڪتاب ڇڏي ويو جنهن جهڙو ان وقت تائين يورپ ۾ ڏٺو نه ويو هو.

اهڙي طرح ڪيئي ڪهاڻيون يورپ ۾ پهتيون آهن جن جي فقط اکري پوشاڪ بدلائي ويئي آهي. ڪيتريون سنسڪرت جو آکاڻيون مختلف ٻولين جي معرفت لٽن ۾ پهچي ويون. اهڙي طرح سنسڪرت جو پنچ تنترا

لاطيني ۾ Libro dei Sette Savi ٿي پيو. اصل ۾ پنج تنترا اسپيني ٻوليءَ مان لاطيني ۾ پهتل آهي.

مزي جهڙي ڳالهه ته گوتم ٻڌ ڀڳوان کي ڪرستان ڪرڻ جي آهي. اصل ٻڌ جي حياتي سنسڪرت ۾ ڇهين صديءَ ڌاري لکيل آهي ۽ هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ۾ ٿيندو آخر لاطيني هن کي ڪرستان سينٽ Saint جي صورت ڏني. انهي ترجمي پهرين تسڪن دؤر ۾جنم ورتو جنهن ڪتاب جو نالو هو Vitade Barlam E Josafat.

اهڙي طرح ڪيترن پادرين جا وعظ به هندن جي طريقي وارا هئا. هڪ وعظ ۾ ڏيکاريل آهي ته هڪ وياج کائيندڙ واپاري کي سون جي ڳوٿرين سان گڏ دفن ڪيو ويو. هن جي رشتي دارن جڏهن سون کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڏٺائون ته شيطان سون کي ڳاري گرما گرم هن ڪنجوس جي ڪنن ۾ وجهي رهيو هو. پادرين ٻيا به ڪيترا ڪتاب لکيا جن ۾ خاص ڳالهه عورتن سان واهپي جي هئي ته هنن جي ول چل ۾ نه اچجي ۽ هنن کان دور رهجي. اهڙيون ڪئي ڪهاڻيون هندن جي ڌرمي ڪتابن ۾ به ڏنل آهن ته ڪيتري به پرهيز بعد

هن انساني جذبي کان انسان ڪي پاڻ بچائڻ مشڪل آهي. هندن جي شاسترن ۾ چيل آهي ته رشي مني به ڪامديو کان پاڻ کي بچائي نه سگهيا. اهڙي طرح گوتم ٻڌ جي باري ۾ لنڊن ٻولي ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب ۾ ڏنل آهي ته هڪ نوجوان کي هڪ محلات ۾ پاليو ويو جتان هن کي ٻاهر نڪرڻ جي موڪل نه هئي. ڏهن سالن کان پوءِ جڏهن هن کي دنيا ۾ ٻاهر وٺي آيا ته هن کي فقط هڪ ڳالهه وٺي جنهن لاءِ هن جي سنڀاليندڙن هن کي نصيحتون ڏنيون هيون ته اهي شيطان جو روپ آهن ؟ انهن کان پاڻ بچائجي - ڇوڪرا هڪ گهر ڪٺي اها هئي ڇوڪري.

# [۲]

بوڪيشو جو ڊيڪئمران آکاڻين جو ڪتاب يورپ جو پهريون ناول سمجهيو وڃي ٿو ۽ انهن جيڪا جان ڦوڪي آهي انجو قدر اڄا به ادب جي دنيا ۾ خاص اهميت رکي ٿو. انهيءَ هوندي به نظر ڪجي ته انهي ڪتاب مان عربي ٻولي ۾ الف ليليٰ قصن جي باس اينديءِ، ڇو ته ان مان سڀي جون سڀيون آکاڻيون ڪٺي ڊيڪئمران ۾ درج ڪيون ويئون آهن. تفاوت فقط اهو آهي ته الف ليليٰ جون آکاڻيون عرب ماحول ۾ پليل آهن ۽ بوڪيشو انهن کي فلارينس جو لباس پهرايو آهي.

بوڪيشو جو جنم ۱۳۱۳ ۾ پئرس ۾ ٿيو. پڻس اٽلي جو هو ۽ ماڻس فرينچ هئي. جڏهن بوڪيشو لکڻ شروع ڪيو ان کان گهڻو اڳ سنسڪرت ڪتاب پنچ تنترا جي

آڪاڏين جو نئون جنم لئٽن ٻوليءَ جي ڪتاب ”لبرو ڊ يل سيٽي ساوي“ جي نالي سان ٿيو هو. اهو ڪتاب ڀهرين هڪ اسپيني يهودي پيٽرس آلفونزو پنهنجي اسپيني ٻولي ۾ ڪيو. جڏهن اسپيني ٻولي وارو ڪتاب لئٽن ۾ ترجمو ٿيو ته ان ۾ ڪردار ۽ ماحول اٽلي جا ڏيکاريل هئا پر سچ پچ اهي ڪردار هندستان ۾ پيدا ٿيل هئا. اهڙي طرح اسان اهو به ڏنو ته گوتم ٻڌ کي ڪرسچاني سينٽ ڪري ٻڌ ڀڳوان جي فلسوفي کي به ڪرسچاني رنگ ڏنو ويو. اهڙي طرح جڏهن سگهجي ٿو ته اسپين ۾ عربن جي دور ۾ الف ليلي جا قصا به لئٽن ۾ پهچي ويا هئا.

ڊيڪيمران ڪتاب جي مهاڳ ۾ مڃيل آهي ته ان جي الف ليلي قصن سان پيٽ ٿي سگهي ٿي پر انگريزي اديب هام هٽن ٿا ته الف ليلي جي پيٽ ۾ بوڪيشيو جي طرز، ڍنگ، فن ۽ هنر تمام گهڻو مٿي آهي.

مسٽر جي - ايچ وٽفيلڊ پنهنجي ڪتاب اطالوي ادب جي مختصر تاريخ ۾ لاطيني ترجمن جي چڱي اوگهڙ ڪئي آهي ۽ جهتوڻيڪ بوڪيشو ادب ۾ عزت سان ڏٺو وڃي ٿو پر اهو به ترجمن ۽ ٻين ڪهاڻين جي فريمن

کي پنهنجو ڪرڻ ۾ گهٽائي ڪونه ٿو ۽ ڪردارن جي فلارينس ۾ رهائش اهڙي طرح ٿو ڏيکاري جيئن ته انهن سان شخصي طرح سڃاڻپ ٿئي.

يورپي ادب سان واسطو رکندڙن جو وري به خيال آهي ته برابر بوڪيشو جي هڪ سئو ڪهاڻين جا فريم مصري، عربي، پرشن ۽ سنسڪرت اصلي آکاڻين تان ورتل آهن تڏهن به اهي چون ٿا ته اها ڪا وڏي ڳالهه نه آهي. اهي چون ٿا ته بوڪيشو کي انهن آکاڻين جي ڪابه خبر نه هئي ۽ هن پاڻ اهي آکاڻيون فلارينس جي شهر ۾ ماڻهن ڪان واتون ٻڌيون هيون. هو اهو به مڃن ٿا ته ڊيڪيمران جو ٽيون حصو فرينچ ٻولي مان ورتل آهي ۽ ٻين جو تعلق هندستاني ۽ پرشن سان آهي پر بوڪيشو کي ترجمي ڪرڻ جو الزام نه ٿا ڏين ۽ چون ٿا ته هن ٻڌل ڪهاڻيون پنهنجي اسٽائيل ۾ لکيون آهن.

اهو چئي سگهجي ٿو ته بوڪيشو جي آکاڻي ڪٿڻ جو ڊنگ پنهنجو آهي ۽ انهي مان ساري جهان جا نصيحت آميز يا انساني آزمودن جون ۽ نموني نموني جون حرڪتون اکين اڳيان ڦيئون ڦرن. هر نموني جا انساني ڪردار آکاڻين ۾ اسٽيج تي آئي ٿو، جن کي ڪڏهن ڪلارائي ٿو ۽ ڪڏهن انهنتي ٺوڪبازي ٿو ڪري. ڪڏهن به

انسان کي پنھنجي منھن مٺو يا سٺو نٿو ڪري ۽ ھنن جي ڪرتوتن جي اوگھڙ ٿو ڪري ۽ اندرائين اندران پڙھندڙ جي دماغ ۾ سٺائي ۽ خرابي جو انداز ٿو جاڳائي .

پنھنجي وقت ۾ جا سپيتا، روز مره جو واھپو، ماڻھن جي ڪارڪرت ۽ سندن دماغي ڦيرگھير ڏٺائين ان جو چٽو نقشو ٿو چٽي . ان جو انداز گوناگون آھي- ناٽڪي، ٽوڪبازي، چرچائي، ڏک پريو يا خوشي جا رنگ .

سوين آکاڻيون ڪشميران ۾ ڏنل آھن . ھڪ ھڪ جو پوتاميل ئي نرالو آھي . ھزارين ڪردار اسٽيج تي اچن ٿا، جدا جدا طبقن جا آھن ۽ ھر ھڪ کي پنھنجو انداز آھي . انھي سان گڏوگڏ جڏھن پادرين جي ڪل ٿو لاھي تہ ڪھڙي طرح ھو مذھب جي آڙ ۾ فحاشي جا ڪم ٿا ڪن تہ اصل ڪمال ٿو ڪري ، چڱ تہ اصل ڪاوڙ ۾ پادرين جي رھيل کھيل پت ڪار کي پوڙي ٿو رکي . ڪتاب جي آخر ۾ چوي ٿو تہ جيڪي مون چيو آھي اھو سڀ سچ آھي ۽ مونکي سچ چوڻ ۾ ڪوبہ ڊپ نٿو ٿئي .

........

# نگر سيٺ

پنجاهہ سال کن ٿيا ، جڏهن هڪ ڏينهن اسين ڪراچيءَ ۾ ننڍ مان اٿياسين تہ معاملو ڪجهہ اور ڏسڻ ۾ آيو. ماڻهن جا منهن لٿل، ڪنڌ پاسي تي ۽ ڳاٺ ۾ پيڻ پڻ ڪندا ڏٺاسين . هڪ رات جي عرصي ۾ ڪهڙو راڪاس شهر مان گهمي ويو هو ، جو هر ڪنهن کي چورا ڪورا لڳي ويٺي هئي !!

انهن ڏينهن جي ڪراچي ۾ جتي اسين ديسي ماڻهو رهندا هئاسين سا مس برنس روڊ تائين پهتي هئي ۽ آرٽلري ميدان جي پريان مڙيئي آنند هو. صدر تائين بڙيانگ پر پريان جي رهندا هئا سي صاحبلوڪ هئا. هي آڪاڻي ديسي علائقي جي آهي .

اڄ بہ ڦوهان کي برنس روڊ تي اين . اي . ڊي انجنيئرنگ ڪاليج جي سامهون هڪ عاليشان عمارت ڏسڻ ۾ ايندي. هڪ پاسي برنس گارڊن هوس پر اڇوڪي

---

هاڻوڪو ايس . ايم ڪاليج بہ برنس گارڊن جو حصو هو

اٺولان ريسٽارنٽ يا ٻي وسٽن ڪانہ هٿي. اتي فقط آرڊلري هو. ڳالهہ اُهي عمارت جي آهي جنهن ۾ شهر جو وڏو سيٺ گدو مل رهندو هو، جنهن کي ننڪر سيٺ چوندا هئا . انهي ڏينهن اخبارن ۾ خبرون شايع ٿيون تہ ننڪر سيٺ جو ڏيوالو نڪتو آهي .

ڳالهہ ڪين ڪل! جنهن سيٺ جو نالو وٺي ڪري ڪٿي بس ڪر ، جنهن جي بنگلي اڳيان سوين سوالي هوندا هئا، سو اڄي پٽ پيو هو. غريب غربي جو، ننڍي وڏي دڪاندار جو، نوڪرين وارن جو، ڊنڊي ڏاڙي وارن جو سيٺ ۾ ويساهہ هو. ماڻهون پنهنجون بچتون پنهنجي ٻارن لاءِ توشو بنائڻ لاءِ سيٺ وٽ ڊراوتون رکي ايندا هئا. ڪجهہ فڪر ڪونہ هون . پر اڄ رنڊٽي ۾ رولو پئجي ويو هون، رڏل ديگڙا چاهين تان لهي ويا تہ هي ڪهڙو بغداد ٿيو!

هونءَ تہ سيٺ صاحب نالي وارو هو. ڪراچيءَ جي وڏي سيٺ نائو مل جي آڪهہ مان هو پر اڄ سيڪو هٿ مهتيندو ئي رهيو تہ هي ڇا ٿيو! اڳ ۾ تہ ڏڙا ڏڙ سيٺ وٽ سيڪو موڙي جمع ڪرائي ڳڻتي بنان ويو هلندو هو پر اڄ هنن لاءِ ماتم هو. ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ

ٿي آيو تہ چا ٿيو جو سيٺ جو ڌرو نڪري ويو ۽ سڀ ڌرين پر ڦان ٿي ڪري پيا .

قصو ڪوتاهہ هيءَ عاليشان عمارت جنهن ۾ هاڻ حڪيم محمداحسن ۽ سندس گهرواري ڊاڪٽر عباسي رهن ٿا سڄي جي سڄي ملڪيت سرڪار قبضي ۾ ڪري ورتي ۽ ان جي نيلام جو اعلان ڪيو ويو. جتان ڪٿان ننگر سيٺ تي گارين جو ڏوڙيو هو، پٺون پاراتا هئا، روئي ڌوئي هئا، ماڻهن جو اگر نگر ناس ٿي ويو هو. هڪ مختيارڪار ميتارام هو جو ١٠٨ رپين جي سڄي پينشن وٺي سيٺ وٽ جمع ڪرائي ڇڏيندو هو. ان جي حال جي مان ڪهڙي ڳالهہ ڪريان، بنهہ چريو ٿي رستي تان دانهون ڪندو ڪيس ڏنم. هن هي ٿي ويل الميہ هاڻي مونکي هڪ ڪاميڊي پيو لڳي تہ ڪهڙي طرح نہ هن عاليشان عمارت ۾ سڄو گهرو سامان جو مهينن تائين نيلام جاري رهيو.

ماڻهن کي جڏهن سيٺ صاحب وسري ويو تہ ڪٿان آيو هو ۽ ڪيڏانهن ويو . روز هشام ماڻهن جا هن ڪشادي عمارت جي ايوانن ۽ گئلرين ۾ اچي ڳاهٽ ٿيندا هئا . جڳهہ جي ڏن پاسن کان هيٺ ۽ مٿي خبر ڏي نہ ٿي پيئي تہ گهڻا ڪمرا هئا ۽ جنهن ڪمري ۾ ماڻهو گهڙيا ٿي تہ ان کي ڏسي دل نہ ٿي ڍاپين. ديوارن تي

پردا، ڇٽيون ڇتسالي واريون، جن مان بتين جا شئنبلہئر پئي لڙڪيا، چؤطرف پلنگ، صوفا ۽ ڪپٽ هئا جن جي شيشي وارن درن مان عمدو سامان ڏسڻ ۾ پئي آيو. پمسي جي راند هئي، هن زمين تي ۽ آسمان هيٺ ان وقت جي ماڻهن آسائش ۽ فرحت جو سامان ڏسي اکيون پئي مهٽيون.

مان به پر ۾ برنس روڊ تي ٿي رهندو هوس. اسان اسڪولي ڇوڪرن لاءِ ته رونشو ٿي آيو. نه رڳو اسان لاءِ پر شايد سيني ماڻهن لاءِ رونشو تي آيو هو ۽ گهٽيئي اهڙا به هئا جي فقط سوٽ جي سامان کي ڏسي خوش ٿيندا هئا پر سامان خريد ڪرڻ جي همت نه ٿيندي هئن. ڪالرج شاعر جو هڪ بيت آهي ته:-

”گهٽيئي آهن ات منڊيون، واڇون ۽ لاڪيٽ
دل ڏٽي تي پوي ته خالي آهي پاڪيٽ“

اسان به هارون الرشيد جي زماني واريون الف ليلي جي عشق ۽ عشرت جي سامان جون ڪهاڻيون پڙهيون آهن پر هتي به ڪاٿو ڏي ڪونه هو. ڇيني جا طرح طرح جا سامان ڏسي دنگ رهجي ويندا هئاسين. اٿين ڪٽي چئجي ته چڻ سڄي اليفنسٽن اسٽريٽ جي سامان جو نيلام ٿي رهيو هو.

ماڻهن هر طرف لامارا پئي ڏنا ۽ اهڙا ٻه هئا جي ڪجهه خريد ڪري خوش پئي ٿيا ته اهـا شيءِ سيٺ گدو مل جي هئي. ڪي ٻارن ٻچن وارا ٻه هئا جن ٻارن جي گهمائڻ واري گاڏي پئي اڪي کولي ته سندن ٻار ٻه ان گاڏيءَ ۾ گهمن جنـهن ۾ سيٺ گدو مل جا ٻـار گهمندا هئا.

ٻه ٽي مهينا تماشو هليو. وقت آيو جڏهن نه سيٺ گدومل رهيو ۽ نه ان جو ديڏيو. ماڻهن جي دلين تان ميسارجي ويو.

گهڻو وقت پوءِ ٻلازا سئنيما وٽ هڪ موٽرن جي شاپ هئي. هڪ جانٺو ۽ ٻت ۾ پيريل ماڻهو خاڪي سوٽ ۾، ڏاڙهي سان اتي ڏٺم. شاپ چڱيائي هئي اتي ڪنهن ڪن ۾ چيم ته اهو سيٺ گدومل آهي. مون هن کي نه اڳي ڏٺو هو ۽ نه پوءِ ڏٺم.

# هنسراج وائرليس

ڇا نہ ھو انگريز سرڪار جو دپدپو! ۱۹۳۰ ڌاري دهلي کان بمبئي ڏانهن وائسريگل اسپيشل (خاص ريل گاڏي) ۾ هندستان جو وائسراءِ لارڊ ارون وڃي رهيو هو. اوچتو ريل جي پٽن تي هڪ بجلي جهان ڌماڪو ٿيو، پر ذري گهٽ اسپيشل بچي ويئي. ريل جا پٽا اکڙي ويا پر نوبل لارڊ کي ڪا لهس نہ آئي ۽ اسپيشل وڃي ماڳ پهتي.

هندستان ۾ ۽ خاص ڪري بينگال ۽ پنجاب ۾ گهٽيئي متي ڦريل هئا جي لکي ڇپي انگريز حڪمرانن کي بم گولن ۽ بندوقن جو منهن ڏيکاريندا هئا. انهيءَ هوندي بہ هيءَ هڪ اهڙي جهڙي ڳالهہ هئي تہ حادثو اوچتو ٿي اوچتو ڪنهن ڪيو ۽ ڪهڙي طرح وائسريگل اسپيشل جو ڏورانهين هنڌان نشانو ٿي ويو. سڄي ملڪ ۾ سي. آءِ. ڊي وارا ناسون هڻي رهيا هئا، پر ڪو

ڪڙتيل ڪونه نڪتو. ٻه ٽي سال گذري ويا ۽ آخر انهيءَ الف ليليٰ جهڙي ڪارناميءَ ۾ گهربل باغي پوليس کي حيدرآباد ۾ هٿ چڙهيو. هي حادثو اڃان تائين هندستان جي تاريخ ۾ هڪ افسانو سمجهيو وڃي ٿو ته ڪهڙي طرح هنسراج ننڍ ٻنان تار وانگر وائسراءِ کي ٻه هٿ هن جي جان ٿي ورتي. انهي عجيب حرڪت ڪندڙ کي اڃا تائين هنسراج وائرليس جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

.... .... ...

حيدرآباد ۾ ڪاڏيءَ جي پوشاڪ ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪا نئي ڳالهه ڪانه هئي، سڪل سڙيل ڳوٺائي جيان هنسراج به ڪاڏي جي پوشاڪ ۾ عام جام طرح ڦرندو رهندو هو. هڪ هندو زميندار وٽ منشي هو ۽ اهو زميندار به هڪ ڪانگريسي هو جنهن جون زمينون ٽنڊي محمد خان پاسي هيون.

مان حيدرآباد ۾ ڇٽري جي پڙ ۾ رهندو هوس. مون به هن کي ڪئين دفعا ڇوڪي چاڙهي ڪان سڌو صدر ڏانهن ويندڙ رستي تي ڏٺو هو. انهيءَ رستي تي ٿورو پرڀرو هڪ ننڍو ڪامل ميدان هو جنهن جي هڪ پاسي عام رواجي هوٽل تي گهٽيئي دفعا ٿلهي تي ويٺو

هن کي چاهه پهچندو ڏٺو هوم: هن جـي شڪل شبيهه پنهنجي هئي جڏهن ته ڪو تازو هڪ سنڌي ڳوٺائو ڪنهن ڪم ڪار لاءِ حيدرآباد ۾ آيل آهي. ڪنهن کي به هن ۾ ڪو خاص شڪ پوڻ جو سوال اٿي نٿي سگهيو.

ڳالهه جو ڳاڻو ته پوليس هن جي بـاري ۾ ساري ملڪ ۾ ڳولها ڪري رهي هئي ۽ هن تي الزام هو ته هن بادشاه سلامت سان جنگ جوٽي آهي . پوليس هٿ پيئي هئي پر ڪو پوٽو نه پريو. هيءُ نوجوان ڪليو ڪلايو هندو زميندار جو منشي ٿي مڙي سان حيدرآباد ۽ ٺٽي محمد خان جي درميان چڪر پيو لڳائيندو هو. هن جي منهن ۾ نهاري ڪم چوندو ته هيءُ اهـو هاڻڪ آهي جنهن وائسراءِ جو سر ٿي نيون! مان هاڻي ٿوري ۾ ان وقت جي حالتن جو ذڪر ڪندس . لارڊ ارون جو پوءِ لارڊ هيليفسٽاڪس جي نالي سان برطانيه جو پرڏيهي وزير به ٿيو. اهو هندستان جو ۱۹۲۵ کان اٺن سالن لاءِ وائسراءِ هو. هن جي هاڪ اها هئي جو هن کـي ڪوسچڻ وائسراءِ چوندا هئا. هن اچڻ سان نرم نيتي اختيار ڪئي ۽ هندستان ۾ قومي هلچل کي ٺاپر ۾ آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪيون جيئن صلح سانت سان ملڪ ۾ سياسي تبديلي اچي سگهي. هن مهاتما گانڌي سان ناهه ڪيو جنهن کـي ارون - گانڌي

ڀڳت چون ٿا ھيءَ جھتوڙيڪ نرم نيتي سمجھي ويندي ھئي پر انگريزي حڪومت ڀاران ڀڪڙ ڀڄاڙ به چالو رھي. ھڪ پاسي ھندستان سان منيون منهون ڳالھيون ھلنديون ھيون ۽ سياسي طرح ڪجھه ماٺ ھئي پر ملڪ ۾ انقلابي تحريڪون به زور ھيون. جنهن جو ھڪ مثال اھو آھي ته ۱۹۲۸ ۾ ھندستان جي قانون ساز اسيمبلي ۾ بم گولو اڇلايو ويو. ڀڳت سنگھه، سکديو ۽ بي - ڪي داس بروقت گرفتار ڪيا ويا.

اھي تحريڪون ڪڏھن ڪڏھن ملڪ ۾ ڳڙ ٻڙ ته ڪنديون رھيون پر وائسراءِ جي ٽرين تي ھڪ عجيب ھلان ھائيدرس مچائي ڏنو. انقلابي ڇتا ٿي پيا ھئا ۽ وائسراءِ جي ٽرين کي نشانو بنائڻ کان به نه مڙيا.

۱۹۳۲ع ۾ لارڊ ارون ويو به ھليو ۽ ھن جي جاءِ لارڊ ويلنگٽن والاري جو سختيءَ سان حڪومت ھلائڻ لاءِ ھاڪارو ھو. مگر اچرج جي ڳالھه آھي ته وائسراءِ جي ٽرين تي بم ڦٽي ڪرڻ واري منصوبي جي ڪابه خبر چار ڀڄجي نه سگھي ۽ ھنسراج اچا حيدرآباد ۾ عام رواجي شھري جيان گھمي ڦري رھيو ھو.

لارڊ ويلنگٽن جي وائسراءِ ٿيڻ کان پوءِ ملڪ ۾ گرفتاريون شروع ٿي ويون. ڪانگريسي لاءِ ھيڏانھن ھئا

۽ نہ هوڏانهن هئا، خبر ئي نہ ٿي پئي تہ ڇا ڪجي.

اتفاق سان هڪ ڏينهن صبح جو شهر ۾ گوڙ مچي ويو. اخبارن وارا هوڪا ڏيڻ لڳا تہ هنسراج پڪڙجي ويو آهي ۽ اهو بہ حيدرآباد ۾. پوءِ خبرون مليون تہ پوليس انهيءَ صبح جو هنسراج جي ڪوٺي تي ڇاپو ماريو هو، جا ڪوٺي حيدرآباد جي پوليس چوڪي کان سڏ پنڌ تي مس هئي.

ڇو ته تہ بجلي جي اوزارن کي هنسراج ايئن ڦيريندو ڦيريندو هو ڄڻ اهي راندڪا آهن. پر انهي ڏينهن غلطي ڪري ويٺو. رات جو بتي وسائڻ بنان ننڊ اچي ويئي هئس. شايد شڪ شبها پوريائين اٿيا هجن، ڇاڪاڻ تہ ٿنڊي محمد خان ۾ بہ بجلي جي اوزارن سان ماڻهن کي وندرائيندو هو.

جڏهن پوليس هن جي ڪوٺي تي ڇاپو ماريو تہ اليڪٽرڪ بلب ٻريا پئي پر انهن لاءِ ٻاهران ڪابہ تار ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي آئي. بجلي پاڻ مرادو روشني ڏيئي رهي هئي ۽ وهاڻي هيٺان پستول رکيو هو.

مان انهن ڏينهن ۾ ٢٢ سالن جو مس هوندو هوس ۽ جڏهن هنسراج تي نظر پيم تہ حيرت کائڻ کان رهي نہ سگهيس تہ اهو ساڳيو گوناڻو هو جو هوٽل جي ٿلهي تي ويهي چانهن پيئندو هو.

# افسانہ نگاري

برابر ڪانءَ ڪي مور جا پر پٽي مور ڪري ڪونہ سگھيو آهي. مان ان جو قائل آهيان. ائين بہ چئبو آهي "ڪوئي لڏي هيڏ ڪِرِي ۽ سمجهي تہ پساري آهيان." مون ستر سال ۾ هڪ ڪتاب ڇپايو آهي ۽ ان مون کي وڏو ماڻهو تہ ڪري نہ ڇڏيو آهي. هن کان اڳ گهڻئي پنهنجي قلم جا جوهر ڏيکاري ويا آهن ۽ گهڻئي محقق ۽ مفڪر اديب اسان جي اوسر لاءِ پاڻ پتوڙي اڳتي وک وڌائي رهيا آهن. مون ڪڏهن بہ پاڻ کي اديب جو لقب نہ ڏنو آهي ۽ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ بہ ڪجھہ لکيو اٿم جن ۾ ڪي اصلي آکاڻيون آهن ۽ ڪي نقل ڪيل آهن پر مون ڪڏهن بہ پاڻ کي افسانہ نگار نہ ڪوٺيو چاڪاڻ تہ منهنجي لاءِ افسانہ ناول آهي: هائو تہ هڪ بہ مختصر ڪهاڻي لکندڙ بہ پاڻ کي افسانہ نگار ڪوٺائي سگھي ٿو.

مون سدائين ھڪھاڻيءَ ۾ پاڻ کي وھاريو آھي. جھڙي طرح منھنجي ڪتاب جو ھرھڪ مضمون منھنجو شخصي آزمودو يا مشاھدو آھي. مانئين پنھنجي ھڪ مضمون ۾ چيو آھي ”مان ان ماڻھوکي پسند ڪريان جو لکي ٿو جنھن جي چاڻ اٿس ۽ جاڻ کان وڌيڪ ڪجھ نه موضوع ڪھڙو به ھجي“. منھنجي دوستن گھڻوئي چيو آھي ته مونکي اھان به وڌيڪ تفصيل سان لکڻ کپندو ھو پر معاف ڪجو مون جيڪي لکيو آھي اھو اکين ڏٺو احوال آھي يا ذاتي آزمودو آھي. مان ان کان ڪجھ وڌيڪ چوڻ لاءِ تيار نه آھيان.

ھن ڪان اڳ ١٩٧٣ ۾ ھلال پاڪستان ۾ يادگيريون لکيون اٿم. ھڪ دفعي لکيو ھوم ته پاڪستان ٿيڻ کان اڳ منھنجو لکڻ جو شوق ۽ ذوق ڪيتري حد تائين ھو. ان باري ۾ پاڻ بابت ڪيئي ڳالھيون منھنجن ھاڻوڪن مضمونن ۾ ٽڙيون پکڙيون پيون آھن پر ھاڻ ڪجھ احوال ان وقت جي لکڻين جو ڏيندس.

سنڌ آبزرور ڪراچي واري اخبار ۾ منھنجي صحافت جو دور شروع ٿيو. رھندو جمشيد ڪوارٽر ۾ ھوس ۽ جڏھن رات جي ڊيوٽي ختم ٿيندي ھئي ته ٥ وڳي صبح جو سائيڪل تي چڙھي گھر واپس ويندو ھوس. مڃاڻ

گارڊن روڊ ڪراس ڪري اچا انڪمٽيڪس آفيس وٽ پهتس تہ هڪ ڪتي اچي ورايو. ڊپ ۾ مان هيٺ تہ سائيڪل مٿان. منهنجي رڙين ۽ واڪن تي ڪتو تہ غائب ٿي ويو پر مان اٿي نہ سگهان. قسمت هئم جو هڪ تار وارو سائيڪل تي وڃي پيو ۽ مون کي ڏسي ورتائين. شاباس هجيس مون کي پنهنجي سائيڪل تي ويهاري ۽ منهنجي سائيڪل کي بہ گهليندو ايس سي شهاڻي رستي تي جمشيد ڪوارٽر ۾ گهر ڇڏي ويو.

هن مهاتم کان پوءِ ٻڌائيندس تہ پير وٺي ڪٽولي تي پيو هوس ۽ منهنجي پهرين آکاڻيءَ جو آغاز ٿي ويو. ياد کي چيم تہ ڪاغذ ۽ قلم ڏي ۽ آکاڻي لکي ڏني مانس تہ هندستان هفتيوار مخزن جي ايڊيٽر مسٽر بلرام کي ڏيئي اچ. آکاڻي ”هي منهنجو پير ٿو مڙي“ جي عنوان سان ڇپجي ويئي ۽ مان مشهور ٿي ويس. انهي کان پوءِ ڪيتري وقت تائين پنهنجي گهر جي آس پاس ”هي منهنجو پير ٿو مڙي“ جو نالو پئجي ويو ۽ اڄان ڪٿان لنگهندو هوس تہ ٻڌندو هوس ”امان بابا“ ”هي منهنجو پير ٿو مڙي“ وڃي پيو.

---

هي مضمون پنهنجي ڪتاب ”جهڪي ڏٺو مون“ جي ڇپجي وڃڻ بعد جو لکيل آهي.

خيال ويٺو ڪريان ته هي ڏکو ڪان ٿي نه ها ته لکان ڪيئن ها! پر مڙيل هو، زمين تي رکڻ محال هو، ڪٺولي تي ويهي ويٺي حڪم هلايم. ڪکي برش ڏي، ٽوال ڏي، پاڻيءَ جي پاٽ ڪٺولي پرسان رکي ڏي. پاپي رنڌڻي ۾ ويٺي ٻوسري ته سيٺيو کٽ تي بالم ٿي ويٺو سون سون ڪري ۽ حڪم هلائي.

پلا سائين، ٻئي ڏينهن پيسڪ ڪکيءَ ڇهو ته ساڏن واري مائيءَ کان پڇي آئي آهيان، چوي ٿي ته ٽي هفتا لڳندس. يڪدم چيم ته ساڏن واري مائي شل ٣٦ پٽ ڄڻي، هيءَ کهڙي ٿي دعا ڪرين ته ٽي هفتا کٽ تي ويٺو هوندس. ساڏن واري مائيءَ کي سڃاڻندو هوس هوءَ ڪاڪي ٽونٽرمل جي گهرواري هئي. ڪاڪو ڪنهن وقت سنڌ آبزرور جو چيف پروف ريڊر هو. جڏهن گڏيو ته چوائين پهلي ست پٽ ته اڳيئي اٿم، تنهنجي وات گلاب، اهي مونکي ڇنيهن پٽن جهڙا آهن.

وچ ۾ بابا کي خيال ٿي پيو ۽ چوائين ته گانڌي گارڊن وٽ هڪ ايراني ٽي شاپ ۾ ٻير ڏسڻ وارو آهي هل ته ان کي ڏيکاري اچان. ايرانيءَ به ڪو خاص نموني جو ٻير ڏسندڙ هو. ان وقت ڪراچيءَ ۾ هڪ پٺيو پير مالس ڪرڻ وارو ڪماريءَ تي رهندو هو ٻر

هي يار تہ هڪ رونر ڪٽي آيو ۽ منهنجو پير ان تي رکي ڏہائي وٺي رولر هلايائين تہ منهنجا واڪا ۽ رڙيون ڪو ٻڌي ها! فائدو تہ ڪوئہ ٿيو پر سڌو تي هلڻ کي ڇهہ مهينا لڳي ويا .

....    ....    ...

مان بندو گنهگار جنهن کي ہاڻ کي افسانہ نگار چوڻ کان شرم ايندو هو هڪ ڏينهن حيدرآباد ۾ اڪثراہ گهٽي جي سامهون تلڪ رستي تي منسک پريس پرسان بيٺو هوس . پريس جو مالڪ مسٽر منسک دوست هو ۽ پنهنجي هڪ قلمي مخزن ۾ منهنجين لکتين کي ڇاپڻ جي عنايت ڪندو هو. جان ڪري نظر ڪريان تہ تلڪ چاڙهيءَ طرفان ڦيرو ڏيئي مون ڏانهن ڪا ٽينگر وڌي رهي هئي . اڪ ۾ ڄاڻ پڇاڻ هئي پر هاڻ شادي شده هئي . مون تائين پهچڻ ۾ ڏهہ ويہہ ٻرانگون پوئيون هوس .

منهنجو ڊيڪنسي جو انگريزيءَ ۾ " مول ڪوچ " مضمون پڙهيل هو جنهن ۾ نهايت سسپينس جو واقعو بيان ڪيل آهي تہ هڪ پل ۾ حادثي کان پوء ڪهڙو وڌيل وهندو . سڄو مضمون ان هڪ پل جي معنيٰ رکي ٿو . منهنجي بہ حالت اها هئي تہ جي هوءَ مون سان

ڪجهہ ڳالهائي تہ ھڪھڙو جواب ڏيان ۽ جي نہ تہ مان ڇا چوان يا نہ چوان. مون کي خبر نہ آهي تہ ڪيترا سوال جواب مون دل ۾ ناهي ورتا هوندا پر اک پوٽ ۾ ملاقات ٿي.

يڪدم مان پريس ۾ اندر ويس ۽ پنو پينسل کڻي ڪرسي تي ويهي آڪاڻي لکيم ”مون هن کي ڏٺو“ جنهن جا ہہ ٽي جملا مون کي ياد آهن. ”خبر نہ آهي ڪهڙا ٻول ٻولهائين پر هڪ پردوسي پکي جيان هڪڙاءَ چڙي ويئي“. آڪاڻي ٻن صفحن ۾ ڇپي جنهن جا پڇاڙيءَ جا اکر هئا ”جيئن مينهن ڪنديءَ پور، تيئن دوست وراڪو دل سين“.

.... ..... ...

دوستيءَ جو ننگ آهي. منهنجو دوست آتمو هيرانندائي ڪاليجي شاگرد هو. هڪ ڏينهن هوسٽيل حال ۾ نمائش ڏسڻ ويو ۽ دل ڦرائي آيو. نينگر بہ ڪاليجي هئي. چيائون هئي سانوري پر سونهن جي ساراهہ جا ڏيک ائين پي پرڏائين جهڙن ميران ٻائي ڪرشن ڪنئي جا گيت ڳايا آهن.

هاڻ مونکي اها ڪهاڻي لکڻي هئي. ڪاري ماڻهو کي گرين روم ۾ وهاري ٿي. ويءَ لاءِ فوٽو جينڪ ڪرڻو

هو. انهيءَ ڪري ڇوڪريءَ جي سياه ڪارين ڪي سفيد ڪفرين سان اوڍيم ۽ هن جي نيڪ ڪي نروار ڪيم، پر ڪهاڻي لکڻ لاءِ منهنجو حافظو ڏاڍو ڪتب آيو. مون اڳ ۾ مسٽر چيتمل پرسرام گلراجاڻيءَ جو هڪ مضمون پڙهيو هو جنهن ۾ هن چيو آهي. ”سونهن منهنجي اکين ۾ آهي، جڏهن به ڪنهن تي اهي اکيون سونهن اوتين ٿيون ته اهو سهڻو ٿي ٿو پوي. هزارين توکي ڏسي رستو وٺندا ٿا وڃن، انهن لاءِ تون ڪجهه نه آهين. اها منهنجي اکين جي سونهن آهي جا جڏهن توتي پوي ٿي ته تون سهڻي ٿي ٿي پوين ۽ توکي ڏسي مان بيهي ٿو رهان. اها سونهن مون توکي ڏني نه ته پيا چو نه ٿا تنهنجي سونهن ڏسي بيهي رهن“.

سونهن جو عڪس ڏيئي ”سچي“ جي عنوان سان ڪهاڻي لکيم ۽ ڪاليج جي ”قلمي“ مخزن ۾ ١٩٣٢ ۾ ADH نالي سان ڇپي،

# مائٽن سان ملاقات

١٩٥٦ع ۾ ٻهريون دفعو هندستان ويو هوس جنهن بابت اڳ ۾ گهٽوئي لکيو اٿم ته ڪهڙي طرح دهليءَ ۾ ڇهه ڏينهن رهيس ۽ اتي تواريخي يادگار ڏٺم. دهلي ۾ مدراس جي ”هندو“ اخبار جي ايڊيٽر ڪستوري سرينواسن جي دعوت تي ويو هوس جو پاڪستان ٺهڻ سان ڪراچيءَ ۾ ”هندو“ جو نمائندو هوس پر ايڊيٽر اچا منهنجي شڪل نه ڏٺي هئي. مسٽر سرينواس سان ملاقاتون ٿيون پر لٿو پنهنجي پيءُ جي گهر هوس. مونکي دهليءَ مان سڌو ڪراچيءَ پر واپس اچڻو هو پر الهيءَ وچ ۾ منهنجي ماءُ ۽ ڀاڄڙن کي بمبئي ۾ خبر پئجي ويئي ته مان هندستان آيل آهيان ۽ خطن پٺيان خط اچڻ لڳا ته بمبئي سان ٿيندو وڃان ۽ ٿيو به ائين.

بمبئي پهچڻ تائين رستي تي ريل گاڏيءَ مان جهڪي ڏسندو پئي ويس اهو منهنجي لاءِ صفا نئين ڳالهه هئي. ڇڻ ته

دهليءَ بابت هڪ مضمون منهنجي ڪتاب ”جهڪي ڏنو مون“ ۾ ڏنل آهي.

ڪنهن ولايت ۾ آيو هوس. سفر فرسٽ ڪلاس ۾ ڪيو هوم ۽ جتي ٽرين بيٺي ٿي ته اتي ڪيئي گهوڙيا پهچي ٿي ويا. مترا ۾ خاص طرح ڏٺم ته اهي ماڻهون مسافرن جي ڪلي لاهڻ ۾ تيز هئا. مون سان گڏ گاڏي ۾ هڪ پيو مسافر هو تنهن چئي ڇڏيو ته جا قيمت اهي ماڻهو ٻڌائين ته اصل اڌ ڪان ٻه گهٽ واڪ ڏيڻ گهرجي. مونکي اتي جون شيون ڏسي دل پئي ٿي ته اهي مان يادگار طور خريد ڪري وٺان. هڪ گهوڙئي تاج محل جو رانديڪو ڏيکاريو ته دل سرڪي وئي. ست روپيه گهرياٿين ته مون ٣ رپيا چيا نيٺ گاڏي ڇٽڻ تائين چنبڙي پيو ۽ سادي ٣ روپين ۾ ڏيئي ويو.

باقي ماڌو پور، اسٽيشن تي ڏسان ڪري ته اسٽيشن پليٽفارم تي باندر ائين پئي گهميا جيئن هتي ڪتا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اسٽيشن تي هڪ عطر فروش مسلمان مليو جنهن هڪ ننڍڙي شيشي لاءِ ٥٦ روپيه گهريا پر مون خريد نه ڪئي. ٿورو جنهن جو سامان خريد ڪيم پر جڏهن رات جو ٩ وڳي رتلام اسٽيشن تي پهتس ته چيائون ته اتي جون واڻ سان ٺهيل کهڪهيون مشهور آهن، اهي به خريد ڪيم. پڌم ته اتي جا نقلي جواهر مشهور آهن پر رات جي ڪري گاڏي مان لهڻ جي

جرئت نہ ٿي .

صبح جو ائين بجي جڏهن دادر اسٽيشن تي پهتس تہ ننڍو ڀاءُ مون کي وٺڻ لاءِ آيو هو. منهنجي ليکي تہ مونکي بمبئي وڃڻو آهي پر هن ٻڌايو تہ گاڏيءَ مان لهڻو هو .

منهنجو ننڍو ڀاءُ جو پاڪستان وڃڻ وقت ۱۲ سالن جو هو سو هاڻي ۲۱-۲۲ سالن جو ٿي ويو هو سو سمجهائين تہ مان سڃاڻندو مانس ٿي ڪين . مونکي ڏسي ڇهائين ـ دادا مان شام آهيان . مونکي ڪل اچي ويئي ۽ چيومانس تہ مان توکي سڃاڻين سگهان ٿو.

پاڪستان نڪرڻ کان پوءِ مائٽن سان هي پهرين ملاقات هئي. نہ رڳو پنهنجا مائٽ پر ڪيترن دوستن کي خبر پئجي ويئي جي مونکي گڏيا . هڪ مزي جهڙو واقعو ٿيو، ان جو سربستو احوال ڏيندس ـ ڊاڪٽر تاراچند لعلواڻي جون ڳالهيون ڪهڻيون ڪيون اٿم تہ هو نہ رڳو هتي ڪراچي ۾ ڪراچي ڊيلي جو ايڊيٽر هو، پر ڊاڪٽر بہ هو، ۽ نجوميءَ جيان هٿ بہ ڏسندو هو. مان جڏهن بمبئي پهتس تہ هن مونکي هوٽي جي چيٽي جي موقعي تي اچڻ جي دعوت ڏني .

سنڌي هندن جو چڱو حصو بمبئي ۾ آباد ٿيل آهي

۽ هن موقعي تي ٻه ڳهڻي سنڌي هندو آيل هئا، جن مان خاص طرح ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو اڳيون چيف آفيسر ٿي - جي ٻوچواڻي هو. ڳالهين ڪندي ڏنم ته هڪ واڻيو ڏوتيءَ جو ٻلاند لوڏيندو اچي مون وٽ پهتو ۽ چوڻ لڳو ته ڏاڍي خوشي جي ڳالهه آهي ته توهين نيٺ پنهنجي ملڪ ۾ آيا آهيو. مان پنهنجي خيرعافيت پڏي حيران ٿيس ۽ چيم ته هندستان منهنجو ملڪ نه آهي مان ٿوري وقت لاءِ پاڪستان مان پنهنجن مائٽن کي ڏسڻ لاءِ آيو آهيان. ان جواب هن تي ڪهڙو اثر ڪيو سو چئي نٿو سگهان پر ڏٺم ته منهن ڦيري هليو ويو.

بمبئي ۾ مان هڪ ٻهروني مسافر هوس. اتي ان وقت شراب تي بندش پيل هئي پر ٻيروني مسافرن کي پرمٽ ملي ٿي. مونکي ٻه پرمٽ ڪوٺا مليا جنهن ۾ فقط ٣ ٻهر جون ٻوتلون ڏنل هيون.

ڪراچيءَ ۾ هندو هئا ته اهو عام طرح ڏسڻ ۾ ايندو هو ته ڏڻ چمڻ تي ماڻهو پيءُ خوش ڪونه ٿيندا هئا، چاڪاڻ ته ڏيتي ليتيءَ جي مرض هنن کي ڏڪائي ڇڏيو هو.

مائٽن کي خاص طرح نياڻين جي اڪلائڻ جي ڳڻتي

ٿيندي هئي. ڪنهن گهر ۾ چار يا پنج ڏيڍر هوندا ٿيون ته انهيءَ ماڻهن جي دل وڻٽي پوندي هئي ۽ مٽن قياس ايندو هو. بمبئي ۾ قصوئي اور هو. اتي ته جنهن گهر ۾ گهٽيون نماڻيون ته ان جا پاڳب چئبا ڇاڪاڻ ته سڀ ڇوڪريون ڪنهن نه ڪنهن ڪاتي ۾ ملازم هيون.

هتي ڪراچيءَ ۾ منهنجي دوستن کي خبر هئي ته مان ڪڏهن ڪراچي کان ٻاهر ويو ئي ڪونه هوس. دهلي ۾ ڊان جو نمائندو ضميرالدين احمد گڏيو ته واڌڙو پئي ٿيو. بمبئي ۾ پاڪستان چئنسري ۾ ويس ته اقبال ڀٽ مونکي ڏسي واڌڙو پئي ٿيو ته مان سچ پچ گرداس آهيان يا ان جو روح ٿي بمبئي ۾ ڀٽڪي رهيو آهيان. ڇاڪاڻ ته اوهين ڪراچيءَ کي ڇڏي آيو آهيو.

........

# مکي گوبندرام

قاضي عبدالمجيد عابد جون عبرت ۾ حيدرآباد جي باري ۾ ٻرائيون يادگيريون پڙهي ڏاڍو خوش ٿيس. اهي ڏينهن اهي شينهن. جڏهن اهي زمانا ياد ٿا ڪجن ته حيدرآباد جي چپي چپي سان سرهاڻ پيئي اچي. قاضي عابد ته اصل سرڪيون ڀيو پري ۽ اهي ڏينهن ياد ڪري خوشيءَ ۾ نٿو ماپي. خاص ڪري جڏهن مکي گوبندرام جي ڪهاڻي ڪنيائون ته چڻ سنڌ جي تاريخ جي هڪ باب کي وري جيئاري ڇڏيائون.

مکي صاحب سنڌ جي هڪ خاص هستي ٿي گذريو آهي ۽ سنڌ جي پائيبندن ۾ جا هنجي مچتا هئي ان جو بيان ڪرڻ ڏکيو آهي. سنڌ جي هندن جون ٻه اهم ذاتيون هيون جن کي عامل ۽ پائيبند چوندا هئا. عاملن جي نيات خاص ڪري پڙهيل ڳڙهيل هئي ۽ هن صدي جي ٻئي ٽئين ڏهاڪي ۾ تعليم يافتن جو مرڪز خاص

ڪري حيدرآباد کي سمجھيو ويندو هو. انهن جي پوشاڪ، رهڻي ڪهڻي پائيبندن کان ٻي طرح جي هئي. ٻين پائيبندن جهان مکي صاحب جي ستهري سفيد ڌوتي تي ڪارو ڊگهو ڪوٽ، مٿي تي پائيبندڪي خاص نموني جي سفيد پڳڙي ياد ٿو ڪريان ته انهن ڏينهن جي خاص سيپتا اکين اڳيان تري ٿي اچي.

پائيبند ويچارا سپاجهڙا، سادا ۽ سڪوارا هئا ۽ اها عاملن واري ٺاٺه ٺون هنن ۾ نه هئي. ڦسڻ ۾ نهايت غريب پر پنهنجي ٻر چڱي پونجي وارا هئا. عاملن کي ديوان چوندا هئا، اهي ڊاڪٽر هئا، وڪيل هئا، انجنيئر هئا ۽ پنهنجي هٿ ۾ پيا ڇڄندا هئا. گهڻي پاڳي هنن جو گذر نوڪري تي هو ۽ پگهاردار هئا ٻر پنهنجي نالي سان هئا، ڪنهن ۾ اک ڪانهه پڌندي هين. جنهن ڪري هنن کي چيڙائيندا هئا ته "اچا ڪپڙا ڪيسا خالي". ديوان جو دم پيو لڳي.

ملڪيون ناهڻ پائيبندن کان ڪو پڇي. هنن جي مغز ۾ سدائين واپار جي ڏي وٺ جي تنوار لڳل هئي. ڌندي کان سواءِ هنن جو گذر ڪٿن هو. عاملن کي دڪان تي ويهي ساهميءَ ۾ وکر تورڻي ڏيڻ ۾ شرم لڳندو هو پر پائيبند يعني واڻيو خوش ٿيو ٿيندو ۽

دڪان کولیندو تہ هٿ جوڙي پڳوان کي ياد ڪري ڪاروبار هلائيندو.

حيدرآباد جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ اهڙا واپاري به پيا هئا جن جون ڪوٺيون ڏيساورن، جاوا، سماترا، جپان ۽ چين ۾ هيون. جن واپارين جا واپار هلندا هئا، سي حيدرآباد مان ڪم ڪار لاءِ ماڻهو ڀرتي ڪري وٺي ويندا هئا ۽ اهي ڏن سالن جي مسافري تان لهي حيدرآباد پهچي ويندا هئا.

حيدرآباد جي شاهوڪاري اهي واپاري هئا جن کي سنڌ ورڪي ڪوٺبو هو. ڪيترين ئي تہ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عاليشان پٿر جون عمارتون پکڙيون پيئون آهن جي انهن واپارين جون يادگار آهن. قوم جي ڀلائي لاءِ چندا ڏين، دان پن ڪرڻ، انهن جو ڪم هو ۽ چڱوئي دل کولي برادريءَ جي ساهتا لاءِ هٿ وڌائيندا هئا. پئسو پئسو آهي ۽ پئسو پنسي کي ڏاهي. پر تعليم کي پنهنجو مقام آهي. اها تعليم هئي جنهن حيدرآباد کي سونهن ڏني هئي. چوندا آهن تہ مايا اچڻي وڃڻي آهي. اڄ آهي سڀاڻ ناهي پر تعليم اهو ڌن آهي جو ناس ٿي نٿو سگهي. سنڌ ورڪي اڃا بہ هانگ ڪانگ ۾ آهن. جڏهن پير علي محمد راشدي چين ۾ سفير هو تہ انهن سنڌين

ڪي ڏسي آيو آهي ته ڪهڙي طرح پنهنجي واڻڪي ٻوليءَ ۾ ليکا ويٺا لاهين. حڪيم محمد احسن سيوهاڻي ٻه نائجيريا ۾ سنڌي ڏسي آيو آهي ته لاگوس ۾ سنڌين جا دڪان ايترا آهن جڻ ته حيدرآباد جي تلڪ چاڙهي آهي.

تڏهن به ٻاهرين ملڪن جي سياسي حالتن گهڻن سنڌين کي ڏڪائي ڇڏيو آهي پر تعليم کي ڪو ڏڪا ڏئي نه سگهندو. سنڌ ورڪين جو شان هو. لک لهي تي لوڏ انهن جي گهروارين جي جيڪي سون سان ڇڻ راند ڪنديون هيون. فونٽ تائين سونا چوڙا اهي پائينديون هيون. شاهوڪاري هنن جي هٽي پر حيدرآباد جا عامل ڇوڪر ۽ ڇوڪريون سليٽ پٽن کڻي اسڪول ۾ وينديون هيون. چون ٿا ته ڪراچيءَ جي اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ ٻهريات وارن ڏينهن ۾ مئٽرڪ ڪلاس ۾ ١٠٨ ڇوڪرا هئا جن سان ١٠٢ حيدرآباد جا هئا.

پائيبندن کي پنهنجون روايتون هيون. هنن جي لباس يا رهڻيءَ ۾ ڪو گهڻو ڦيرو نه آيو پر تعليم حيدرآباد جي عاملن ۾ گهڻو ڦيرو آندو. مردين زالون هنن جي رهڻي ڪرڻي ۾ گهڻو فرق هو. ننڍي هوندي کان ڏسندو

آيو آهيان تہ ڪھڙي طرح هنن رنگ مٽايو پر پائيمند گھٽي پاڳي پنهنجي ٽوپي ۽ پڳڙي ۾ ئي پنهنجو مان شان سمجھندا هئا. جيتوڻيڪ اهي روايتون اسين سنڌ ۾ هاڻ گھٽو ڏسي نہ رهيا آهيون پر مان تہ انهن پراڻن زمانن جون ڳالهيون پيو ڪريان جڏهن سنڌ جا شهر گھڻو ڪري سنڌي هندن سان ڀريا پيا هئا.

شايد اها حيدرآباد جي تعليم جي هوا آهي جا اچا به اتي لڳي رهي آهي. سنڌي ادب يا ساهتيہ جي سڌارڻ ۽ سهيڙڻ وارن جا ميلا اڃا بہ اتي لڳا پيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن حيدرآباد ۾ وڃڻ ٿيندو آهي پر اهو سڪون ۽ سکن جون سڪون ماضيءَ جون يادون ٿي ويئون آهن. شهر جو رنگ ڍنگ ئي بدلجي ويو آهي. گور گنبور، پڳل لٽل رستا ڏسي دل ئي دهلجي ٿي وڃي. جتي هڪ لک آدم هو اتي ڏهن لکن کان بہ وڌيڪ ماڻهو رهن ٿا. ماڻهو ماڻهن تي سٿيا پيا آهن. پر انهي هوندي بہ چار شوري ۾ سنڌ يونيورسٽي اتساهہ ڏيارينڌڙ آهي تہ اسانجو نئون نسل تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سرگردان آهي. اهائي ثقافت، اهيئي ساهتيہ جي سڪ وارن جون مجلسون ۽ محفلون لڳيون پيئون آهن.

گھٽن ڏي دوستن سان حيدرآباد ۾ ڏيٺ ويٺ ٿيل آهي ۽ جڏهن به هنن وٽ وڃڻ ٿيو آهي يا ملڻ جهلڻ ٿيو آهي ته، مان ته، ائين پيو سمجهندو آهيان ته انهن پراڻي زمانن جي حيدرآبادين وٽ ويٺو آهيان. ڇا هنن جو لباس ۽ ڳالهه ٻولهه - ان زماني جون سڪون پيو لاهي. ڏسون ويٺا ته جو حيدرآباد ۾ رهندو اهو حيدرآبادي ٿي پوندو.

# برنس گارڊن

ڪو زمانو هو جڏهن برنس گارڊن ڪراچي ۾ گاڏي کاتي جي رونق هو. صبح سانجهي ننڍا وڏا باغ ۾ ڏهلڻ لاءِ ايندا هئا. هر هنڌ سرهاڻ جي هبڪار سان دل ۽ دماغ لاءِ ورونهه جو سامان مهيا ٿيندو هو. هن وقت ڏسندا ته هڪ ڪنڊ وٽ ايس-ايم ڪاليج ۽ ٻئي ڪنڊ تي لا ڪاليج آهي انهن ٻنهي ڪان وٺي آرٽس ڪائونسل سوڌو برنس گارڊن هوندو هو، آلبرٽ ميوزيم به پوءِ ٺهيو.

انهي ميوزم ۾ باغ ۾ اينڊڙ شاگرد اچي اگهين وقتن جون شيون ڏسندا هئا، پر هاڻي شايد باغ تي کنهن گره جو حساب ٿيو جو باغ گم ٿي ويو. ڪيترن محڪمن لامارا ڏيئي باغ ڏي گهڙڪائي ڇڏيو. هڪ دفعي آرٽس ڪائونسل ٿهي. ٿورو پوءِ آثار قديم وارن ٻيو حصو والاريو، تنهن بعد ميوزيم ۾ اسٽيٽ بئنڪ اچي بيٺڪ ڪئي. ان جي وچ بعد ملٽري اڪائونٽس وارا اتي ڏسڻ ۾ آيا.

١٩٧٣ ڌاري ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو چيئرمن مسٽر پرويز احمد بٽ هو. هن ڏٺو ته ميونسپل بلڊنگن جي کوٽ مسواڙ نٿو ڏئي. گهڻئي لکون پڙهون ٿيون پر ڪنهن ليکيو نه ڪيو. نيٺ نوبت اهڙي بني جو هڪ ڏينهن آثار قديم جي والاڙيل جڳهه کي تالو لڳي ويو ۽ ميونسپل ڪارپوريشن پنهنجي جڳهه تي قبضو ڪيو ۽ پوءِ ملٽري اڪائونٽس وارن به مسواڙ ڏيڻ قبولي. هاڻي اها جڳهه ميونسپل ڪارپوريشن جي عملي لاءِ ڪتب اچي رهي آهي پر ملٽري اڪائونٽس جي دفتر وارن ڏينهن ۾ شاندار جڳهه جي بري گت هئي.

مونکي ڏک آهي ته ڪراچيءَ جي هڪ خاص علائقي جي وندرگاهه يعني برنس روڊ جنهن کي ١٠٠ سالن

ڪان پالي وڏايو ويو هو ۽ اتي جي رهاڪن لاءِ آسائش هئي، انکي بند ڪيو ويو آهي. هونءَ به اسان عوام جي سهنجن ۽ سکن لاءِ سرڪاري تجويزون ڏنيون آهن پر اهڙي هردل عزيز باغ کي پٽيون ڏيئي مائهن کي سڪايو ويو آهي اهو سمجهڻ ۾ نٿو اچي. انهي هوندي به پروردگار جو فضل آهي ته اڃ اسين باغ ۾ گل ڦل، سايون سايون ساوڪون، ناريلن جا ڍگها وڻ ۽ قسمين قسمين ميون جا جهڳٽا ڏسندا هئاسين پر هاڻ ان ساڳي جڳهه تي تعمير، تعليم، ثقافت ۽ ڪنهن زمانن جا آثار قديم ڏسي سگهون ٿا، جي اسانجي قومي ميوزم ۾ ميسر آهن.

اسانجي موهن جي دڙي جي هاڪ ملڪان ملڪ آهي ۽ اسانجي سڀاجهڙي سنڌ جي روايتن ۽ حڪايتن جو ذڪر ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. اسان شهر جي رهواسين جي تعليمي ۽ ثقافتي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻ چاهيون ٿا. ڪراچيءَ جو شهر جو ڪن محدود حدن ۾ هليو پئي هاڻ ملير ۽ لانڍي کان به پري نڪري ويو آهي تنهن ڪري برنس گارڊن جهڙي وندرگاهه کي قيرائي ميوزم يعني ذهني وندر جو مرڪز بنايو ويو آهي ته ڪنهن کي به ارهو ٿيڻ نه گهرجي.

اسانجي سماجي ڀلائي جي ڦرندڙ گهرندڙ گهرجن لاءِ نرڳو نئشنل ميوزيم پر ان جي آس پاس وارا ادارا به ثقافتي لحاظ کان انساني واڌاري لاءِ پنهنجو شان رکن ٿا. ميوزيم جي چؤطرف تعليم گاهه آهن جتي هزارين شاگرد علمي واڌاري لاءِ هن اعليٰ ترين ميوزيم مان فائدو وٺي سگهن ٿا. هڪ ڪنڊ تي انڪي ساري ملڪ جي اعليٰ چترڪارن ۽ سنگيت جي شائقن ۽ مصوري جي چاڙن کي پنهنجي جوهر ڏيکارڻ لاءِ پاڪستان آرٽس ڪائونسل آهي. اڳيان ٿورو هلبو ته سنڌ جي جهنگلن واري محڪمه جو دفتر آهي جو ساري سنڌ جي سهڻن سهڻن پکين ۽ جهنگلي جانورن جي نه رڳو خبر چار رکي ٿو پر انهن جي سار سنڀال لهڻ جو اونو رکي ٿو. هن محڪمه جي اهميت کان گهڻا ناواقف آهن پر مان جيڪر چوان ته شاگرد طبقي کي پنهنجي ملڪ جي پکين پرندن ۾ جانورن جي پڙتال ڪرڻ گهرجي ۽ هن محڪمه مان فائدو وٺڻ گهرجي.

اڳئين برنس گارڊن واري ميراضي ۾ جڏهن آلبرٽ ميوزيم تي قبضو ڪيو ويو ته چئبو ته ان عاليشان عمارت جي ثقافتي حيثيت غائب ٿي ويئي. هزارين ماڻهو پکيارڻ ۽ پينشن لاءِ انتي ڌڪا پيا

ڪائيندا هئا. اصل فرش جون سرون ئي ڍليون ٿي ويئون هيون.

مونکي ياد آهي ته ون يونٽ جي ٽٽڻ کان پوءِ ڪراچي وري سنڌ جي گادي ٿي ۽ ان وقت کان وٺي سنڌي ثقافتي ۽ علمي مصروفتيون وڌيون پر ڪا اهڙي جاءِ نه هئي جتي سنڌي گڏجي ڪجهه واڌارو ڪري سگهن. ان ڪري اها گهر ڪئي ويئي ته سنڌي ثقافتي مرڪز لاءِ سنڌ سرڪار کي اپاءُ وٺي ۽ ميونسپل ڪارپوريشن جي ميوزم کي وري اوج تي آڻي، اتي سنڌ جي ثقافت جو هاليشان مرڪز بنائجي. ان بعد سنڌ حڪومت سنڌ هائوس برپا ڪيو پر اهو به هاڻي سرڪاري آفيس ٿي ويو آهي.

مان وري به عرض ڪندس ته سنڌ جي گادي جي هنڌ سنو ٿيندو ته سنڌين لاءِ ڪو ثقافتي مرڪز قائم ڪيو وڃي. هونءَ به سنڌي ڳوٺاڻي زندگي گذاري پنهنجي ٻني ٻاري ۽ کيتي ڌانهن لاڙو رکيو آهي پر تڏهن به هنن پنهنجون اباڻيون روايتون ۽ سهڻي شاه جون لاتون نه وساريون آهن. سنڌي ادبي سماجي ۽ ثقافتي ڪيئي منزلون طئي ڪري چڪو آهي. سنڌي ٻولي هر طرز ۽ رخ ۾ مهراڻ جيان موجزن آهي ڪيترن ئي چترڪارن

پنهنجا نماءُ ڪيا آهن ۽ سنڌي موسيقي ۽ فوڪ آرٽ جي هاڪ هر هنڌ آهي. هن وقت جيتوڻيڪ سنڌ جو ثقافتي مرڪز حيدرآباد ٿي ويو آهي پر انهي هوندي به ڪراچيءَ کي پنهنجي حيثيت آهي. انهي ڪري ڪراچيءَ ۾ ثقافتي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ مرڪز جو برپا ڪرڻ ضروري ٿيندو. انهيءَ کان ته ڪو انڪار ڪري نه سگهندو ته سنڌي اداڪارن هر ڏس ۾ پنهنجي فن ۾ پنهنجو نالو قائم رکيو آهي.

سنڌ جو عوام موجوده دنيا جي رخن کي جاڻڻ لاءِ ۽ بهبودي لاءِ هرڪا ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن وقت جڏهن سنڌي فنڪار ۽ اديب جوش خروش سان پنهنجي ثقافتي ورثي کي وڌائڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري چڪا آهن ان وقت ضروري آهي ته حڪومت هن ثقافتي ايراضيءَ ۾ سنڌين لاءِ مرڪز برپا ڪرڻ جا اپاءُ وٺي.

آلبرٽ ميوزيم هاڻ ميونسپل ڪارپوريشن جي ضابطي ۾ آهي ۽ اڳي وانگر ٻين محڪمن جي هٿن ۾ نه آهي. اسين ان ۾ خوش آهيون ڇاڪاڻ ته ميونسپل ڪارپوريشن جڏهن اها عمارت نهرائي هئي ته سرڪاري دفتر ڏيڻ لاءِ نه پر شهر جي سنهنجن لاءِ ۽ ذهني مصروفتين کي وڌائڻ لاءِ نهرائي هئي. اها ان لاءِ هٿ گهرجي. ميونسپل ڪارپوريشن شهرين جي

محصولن ڏيڻ سان تي هلي ۽ شهرين کي جائز سهوليتون ملڻ سندن حق آهي.

هن وقت انهي عمارت ۾ ميونسپل جو هڪ محڪمو آهي پر اها اسانجي شهري نمائندن جي فراخدلي ٿيندي جي هن عمارت کي به هن ايراضيءَ جي پين مرڪزن جهان ثقافتي مصروفتين لاءِ مخصوص ڪيو وڃي ۽ سنڌين لاءِ مرڪز کولڻ جي اجازت ڏني وڃي.

......

# ڳالهيون اديبن، فنڪارن جون

سر والٽر اسڪاٽ پنهنجن ناولن کان چڱو تـالو ڪيو آهي ۽ اڪرن ۾ جي هن منظر چٽيا آهن اهي حقيقت نگاريءَ جو انوکو مثال آهن پر جڏهن برش کڻي انهن منظرن کي رنگن ۾ چٽڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته تي دائيون وڏائهن ٿي. چوي ٿو ته مونکي

اها پينٽر واري اک شايد نہ هٺي جا رنگينون جي ميل جول سان قدرت جي نظارن کي جان ڏيئي، هڪ حقيقت وانگر پيش ڪري. نيٺ لاچار ٿي والٽرسڪاٽ کي رنگن جي ٻولي ۾ نمائش ڪرڻ تان هٿ کڻڻو پيو.

چترڪار هجن ۽ ان سان گڏ ساهتيہ جي سڪ ۽ فلسوفين جي اپٽار ڪن، اها مونکي خبر پيئي جڏهن عظيم فنڪار صادقين سان مڪاميلو ٿيو. هن جي فن کان سارو جهان متاثر آهي پر جڏهن هو قرآن شريف وارين آيتن کي رنگيني بخشي خوشخطي جا خاڪا ڪيندو آهي تہ چئو پنهنجو روح هڪ هڪ لفظ ۾ اوتيندو آهي. اهي چئو ساکيات مورتيون ٿيو پون ۽ "نيومن لائين پريان سندي پار ڏي".

سر والٽر اسڪاٽ - ساهتياڪار هو پر چترڪار ٿي نہ ٿي سگهيو ۽ صادقين نہ رڳو اعليٰ چترڪار آهي پر اعليٰ اديب پڻ آهي. اها چورا ڪورا مونکي ٿيندي هئي تہ هڪ اعليٰ اديب، جو فنڪار واري اک سان قدرت جي نظارن کي چٽي ٿو وٺي اهو چو نہ رنگينين ۾ بہ پاڻ کي موکي. اها پڌتر آهي جنهن کان اڳا آجو نہ ٿيو هوس تہ حيدرآباد ۾ شرجيل سان ملاقات جو شرف مليو. هڪ اعليٰ چترڪار سان مڪاميلو ٿيو. هن کي

ڏسي منهنجي دماغ جي گهراين ۾ هڪ اڻلڀ پٽل ٿيڻ لڳي چاڪاڻ ته ڏٺم ته هو نه فقط چترڪار آهي پر فيلسوفي جي جيئري جاڳندي مورت آهي.

مون جڏهن شرجيل جي وچا ڪئي ته چيائون ته اصل نالو فتاح اٿس ۽ ٽريننگ ڪاليج ۾ هرڪو توکي پڙائي سگهندو ته ڪٿي تون هن کي گڏجي سگهندي. مان نيٺ ان سان گڏ ٿي گالهائي رهيو هوس ۽ پڇيم ته دوست شرجيل جي معنيٰ ڇا آهي؟ هن مونکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مان سمجهي نه سگهيس. هڪ هن جو انداز ڏٺم ته انسان ڪهڙي به حالت ۾ ڪهڙين به مشڪلاتن کي منهن ڏيئي سگهي ٿو. اهو رتبو انسان جو آهي.

پنهنجو لکيل هڪ ڪتاب ڏنائين جنهن جو عنوان آهي "پن ڇڻ کان پوء". جڏهن خزان ۾ وڻ جا پن سڀ ڇڻي پوندا آهن ته ان جي رڪائي حيران ڪندڙ ٿيندي آهي پر شرجيل ڪنهن به حالت ۾ ڪنهن به رڪائي کان نه ٿو ڊڄي. اهو تڏهن محسوس ڪيم جڏهن موڪلائڻ وقت هڪ ٽنگ تي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ لٺ ڪڻي مونکي دروازي تائين موڪلائڻ لاء تيار ٿيو. ڪهڙي نه استقامت هنجي هئي، جنهن فلسوفيءَ سان هو ساه وارن

رنگن ۾ ليڪن سان جي رهيو آهي ۰

ڪتاب ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو تہ منهنجا چتر سنڌي قوم جو اولڙو آهن پر شرجيل پاڻ بہ همٿ جو اولڙو آهي جنهن جي فلسوفي سنڌس چهري مان جهاتيون پيئي پائي ۰

پليتو چوي ٿو تہ انسان فيلسوفي ڪرڻ لاءِ چاڙو آهي پر بيڪن جو عقيدو آهي تہ دنيا جي فيلسوفيءَ مان انسان کي سبق وٺڻ گهرجي ۽ فيلسوفي هڪ ذريعو آهي جنهن سان انسان ذات لاءِ خوشيون مهيا ڪري سگهجن ٿيون ۽ جي فلسوفي جي گهراين کان اڻواقف آهن انهن جي ڏکن ڏاڪڙن کي پاسي ڪري سگهجي ٿو. منهنجي لاءِ شرجيل انهن ٻنهي فيلسوفين جو مرڪب آهي ۰

... ... ...

حميد سنڌي ڪنهن وقت هڪ ادبي مخزن جو ايڊيٽر هو. هاڻ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جو پرنسيپال آهي ۰ گهڻي وقت کان پڏائيندو هو تہ سندس ڪتاب جلد شايع ٿيڻو آهي. هن دفعي جڏهن حيدرآباد ۾ هوس تہ پتو پيو تہ ڪجهي ڪجهي نيٺ آسمان ڦاڙيندو. حميد جو ڪتاب ” ويريون “ هن مهيني ۾ ڏي ميدان ۾ اچڻو آهي. ڪتاب

۾ اٺ ڪهاڻيون آهن .

هڪ دفعي مهتاب محبوب حميد بابت هڪ خاڪو لکيو ته حميد ادبي ولهن ۽ اِدبي هيرو آهي ۽ اهو ساڳيو خاڪو ڪتاب جو مهاڳ آهي . خبرون ڪتاب پڙهڻ سان پوندييون ته هن ڊبل ڪيريڪٽر ڪهڙا هاچا ڪيا آهن !

.... .... ....

بمبئي جي اخبار ”نگرواسي“ جو پرچو مورخه ١٠ فيبروري ١٩٨١ منهنجي اڳيان آهي جنهن ۾ سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار ماهتاب محبوب جي ڪتاب ”اندر جنين اڇ“ جي ساراهه جا ڏڪ پربا ويا آهن . ڪتاب جو مهورت الهاس نگر ۾ ڪيو ويو جتي سنڌي پنچات فيڊريشن جي پريزيڊنٽ ناري گرسهاڻي چيو ته پيڻ ماهتاب هيءُ ڪتاب لکي اسان سنڌين سان وڏو وڙ ڪيو آهي ۽ مان چاهيندس ته هيءُ ڪتاب هندستان ۾ چپچڻ گهرجي جيئن ته هر سنڌي اهو پڙهي سگهي .

شري ناري گرسهاڻي ڪتاب جو مهورت ڪندي ان جي ڳاڙهي ربين کولي ۽ وڏيڪ تاڙين جي وچ ۾ حاضرينن کي ڪتاب ڏيکاريو. فنڪشن هلندي هلندي

ڇپن سنڌي اعليٰ سهاتيڪارن گهر ڪئي ته ڪتاب ڪي هندستان ۾ ڇپايو وڃي.

مونکي خوشي پهچي ٿي ته هن سنڌي ڪتاب جو بمبئي وارن سنڌين ايترو آدر ڀاءُ ڪيو آهي ته ڪتاب جي لکڻي ۽ ويچار نهايت اعليٰ معيار جو آهي. مونکي خبر نه آهي ته هن کان اڳ يا هن دور ۾ اسان جا ڪتاب اتي پهچن ٿا يا نه، پر جي اهڙي طرح اسانجي سنڌي ڪتابن جي پڙهندڙن جو دائرو وڌي ته ملڪ لاءِ فائديمند ٿيندو. اسين هتي پهرئين ڇاپي جي هزار ڪاپين کان وڌيڪ مشڪل خيال ڪندا آهيون پر هن طرح جيڪڏهن دنيا جي ٻين ملڪن ۾ سنڌين جو جائزو ورتو وڃي ته شايد ادب کي اڃا به گهڻي همٿ ملي سگهي ٿي.

حيدرآباد ۾ ماهتاب محبوب سان به گڏجڻ جو موقعو جڙيو جا پنهنجي ڪتاب جي ڪاميابيءَ تي ڪپڙن ۾ نٿي ماپي. تڏهن به رکي رکي ڪن اديبن جي ٽيڪا ٽپڻي ڪري ڪجهه ڪجهه مايوس هئي. ادبي ميدان ۾ عرصي کان رهي ڪري به اهو احساس موزون نه سمجهيو ويندو آهي. ڇياڻين ته جڏهن کان لکڻ شروع ڪيو اٿم تڏهن کان وٺي مون ڏانهن ڪنهن آڱر نه کنئي آهي. هيءُ پهريون دفعو آهي جو ڪتان ڪتان

ٻه ڪارڊنٽ آواز ڪن چڙهيا اٿم.

گهڻو ڪري ڏٺو ويو آهي ته اديب ۽ ڪهاڻيڪار پنهنجي فن جي جاچ پڙتال ڪان ڏهندا آهن ۽ پنهنجي فلسوفي پين ڪي نڙڳهٽ ڪان دوسق پنهنجو بنيادي حق سمجهندا آهن. جڏهن اسين ادبي دنيا ۾ پير رکون ٿا ته اسين ٻارڪن جي نوڪ ٽوڪ کي جهولي ۾ وٺڻ لاءِ تيار ٿيون ٿا. انگريزي شاعر جان ڪيٽس ان وقت جي نڪته چيني ڪان اهڙو ته هراسجي ويو هو جو چون ٿا ته اهوئي سبب هو جو هو گهڻو وقت جالي نه سگهيو.

حميد سنڌي جو ڪهاڻين جو ڪتاب ”ويريون“ ڇپجي ويو آهي ۽ ادبي مرڪزن ۾ نهايت پسند پيو آهي. تازو انسٽيوٽ آف سنڌ الاجي ان بهترين افسانوي ادب جي ڪتاب لاءِ هڪ هزار رپيه انعام جو اعلان ڪيو آهي.

ان سان گڏ منهنجي ڪتاب ”سارونڊون“ کي به غير افسانوي ادب جو بهترين ڪتاب ٺهرايو ويو آهي ۽ جنهن لاءِ به هڪ هزار رپين جي انعام جو اعلان ڪيو ويو آهي.

# ٻيڙياتا ٻيڙين وارا

پڪاڻي گهوٽ اسانکي ڪيٽي ٻيڙياتا ٻيڙين وارن جي سفرن جون ڳالهيون ٻڌايون آهن ته ڪهڙي طرح غوراب مالن سان پرائـي ديسان ديس هاڪاريندا هئا ۽ ستار سبحان جي ٻاجهه سان لونگن الاچين ۽ زائفران سان ٻيڙا پري واپس وروندا هئا. سفر سنڌين جي رڳن ۾ آهي. ان کان پوءِ سنڌ جي سنڌ وڪين ڏيهان ڏيهه ڏور وڃي ڪونيون ڪوليون ۽ وڻج واپار ڪيا. هاڻ ته وڏا جهاز ٺهيا آهن جي دنيا جي چوڌاري پيا ڦرن ۽ ملڪان ملڪن جا سامان ڍوئي پيا هاڪارين. انگريزن جي دور ۾ اسان جي ملڪ جا خلاصي ته گهڻيئي هئا پر جهازراني جا ڪپتان ۽ وڏا آفيسر انگريز هئا. آزادي آئي ته تفرقا ڦري ويا ۽ اسان به ان ڏس ۾ پاڻ ملهائڻ شروع ڪيو آهي.

اسان کي خبر آهي ته پاڪستان جا ڪيئي جهاز هاڻ دنيا جي چوڌاري ڦري رهيا آهن ۽ ملڪ جي پيدائش

جي نيڪالي لاءِ پاڻ موڪي رهيا آهن. انهي هوندي به دنيا جي هن دور ۾ جهاز راني ڪهڙي انداز سان وڌي ويجهي رهي آهي ۽ اسان جا عام طرح پاڪستان جي مٿاهين حصن جا ماڻهو، جن ڪڏهن سمنڊ ڏٺو به نه هوندو، هاڻ جهاز رانيءَ ۾ ڪافي ڪاميابي سان حصو وٺي رهيا آهن. ساموندي سفرن ۾ ڏينهن جا ڏينهن، مهينن جا مهينا اجهاڳ سمنڊ تي گذر ڪرڻ ڪي پنهنجي ڪيفيت آهي. اهي ڳالهيون جي سمجهڻيون ٿيون ته الطاف شيخ جا سفرناما پڙهي ڏسو ۽ جهازين جي خوشين، ڏکن ۽ گهر ۽ ملڪ جي سڪ جا انداز معلوم ڪريو.

الطاف شيخ جو لکڻ ۽ اکين ڏٺا احوال ڏيڻ جو ڍول ۽ ڍنگ ئي نرالو آهي. هو نه فقط اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪهڙي طرح مهينن جا مهينا سمنڊ تي رهڻ سان جهازين جي من ۾ گهرو مسئلن کي منهن ڏيڻ جي چڪ ئي پيدا ٿئي پر ان سان گڏ هو ڪجهه جاگرافي، ڪجهه تاريخي ۽ ڪجهه مختلف ملڪن جي ماڻهن جي ريتين رسمن کان به اسان کي آگاه ڪندو وڃي ٿو.

جوزف ڪانرڊ به برطانيه جو هاڪارو جهازي ٿي گذريو آهي. هو اصل پولنڊ جو هو پر هن انگريزي ۾ جهاز راني بابت ڪيئي ناول ۽ مضمون لکيا آهن. هو

پنهنجي ڪتاب ”مرر آف دي سي“ ۾ خلاصيون، ڪانين ۽ ٻين جهاز جي آفيسرن جي سامونڊي سفر جي دوران احساسن، اميدن ۽ امنگن جو بيان ڪندي چوي ٿو ته جهازين لاءِ ڪجهه چوڙڻ ۽ پتي پسڻ حياتيءَ جو خاص حصو ٿي پوندا. جڏهن هو ڪجهه چوڙي جهاز هاڪاريندا ته دل ۾ آس اٿن ته ڪنهن نه ڪنهن وقت ۽ ڪٿي نه ڪٿي ڌرتيءَ سان مڪاميلو ٿيندو ۽ ڪشادي ۽ بي ڪناري، اٿاه سمنڊ مان اڪارجي وري انساني صحبت حاصل ٿيندي.

جوزف ڪانرڊ جي وقت جي جهازراني اور هئي. هن وقت گهڻي ترقي ڪئي آهي ۽ اڄ جو مدار ايتري تي ويٺي آهي جو سمنڊ جي لهرن ۾ رهندي ڪنهن به حصي ۾ جهازن کي ريڊيو رستي نياپا پهچي سگهن ٿا پر اڳيان ڏينهن پيا هئا. تڏهن جهازن جا ڪپتان ڪمپس ۾ نهاريندا، طرفن جو اندازو وٺي اڪيچار پاڻيءَ ۾ گهايا نهاريندا ويندا هئا ته ڪڏهن ٿو ڌرتيءَ جو ديدار ٿئي. زمين کي وري ڏسڻ کي انگريزي ۾ ”لئنڊ سلائيڊ“ ٿا چون ۽ جيستائين اتي پهچن هو هرروز ڊرئلڪ چارٽ تي جهاز جي پوزيشن پنسل سان ڪراس ڪندا ويندا هئا ته ان وقت جهاز ڪهڙي هنڌ پهتل آهي. جهازين لاءِ

خوشي جو موقعو تڏهن ٿيندو هو جڏهن هو پنهنجي پسندا ۽ زمين تي ساهه پٽن جهڙا ٿيندا هئا.

الطاف شيخ به ڪانرڊ جي ڍنگ سان پنهنجن ڪتابن ۾ ڪپتان ڪان خلاصين تائين روزاني ڪارڪردگيءَ جو خاصو بيان ڪيو آهي ۽ اهي ئي جهازين جا احساس، امنگ ۽ خوشين جو وستار ڪيو آهي. الطاف پڙهائي ٿو ته ڪهڙي طرح هڪ مختصر سفر تي ويل جهاز کي سمنڊ تي ڇهه مهينا لڳي ويا ۽ هرهڪ ريڊيو جي نيابي تي خلاصي گاريون ڏيڻ شروع ڪندا هئا.

مونکي خبر آهي ته الطاف شيخ جا ساموندي سفرن جا ڪتاب گهڻوئي پڙهندڙن کي پسند پيا آهن ڇاڪاڻ ته نه رڳو هن صفائي سان سفرن دوران جهازن جي ماحول جو سربستو احوال ڏنو آهي پر گهڻي قومي مسئلن جي اپٽار ڪئي آهي. ڪويت جا ڪنارا ” ڪتاب ۾ هن ڪافي پاڪستاني تارڪين وطن جي تڪليفن جو بيان ڪيو آهي جي هاڻ عرب ملڪن ۾ ڏکا ڪاٽي رهيا آهن.

”ڇا جو ديس ڇا جو وديس “ ڪتاب ۾ ته انگريزن جا ڇوڏا لاٿا اٿائين ته ڪهڙي طرح هو پاڪستاني، هندستاني ۽ جميڪن ماڻهن خلاف جلوس ڪڍندا رهن

تـا ،

الطاف شيخ کي پنهنجي رواني آهي ۽ واقعن ، قصن افسانن سياءَ ۽ وقت به وقت ڦيرين قارين کي اهڙي طرح ڳنڍيندو ٿو وڃي جن جي پڙهڻ ۾ ڪجهه اٽڪ ۽ هٻڪ نه ٿي ٿئي. ڪڏهن ته اهڙي طرح ٿو نوڪ ٽوڪ ڪري جنهن کي مان ”جيڪي ڏٺو مون“ چوندو آهيان. جپان جي سفر ۾ ڏنائين ته جپاني لام جو اچار ڪري نه ٿا سگهن ۽ لنڊن بدران رنڊن ۽ هوٽل بدران چون هوٽر ؛ يعني جيئن فرانسي ماڻهن جي نصيب ۾ ”ٽ“ جو اچار آهي ئي ڪونه . هو ٺ کي ت ڪري اچاريندا آهن .

محترمه خيرالنساءَ جعفري الطاف شيخ جي ڪتاب ”ڇا جو ديس، ڇا جو وديس“ جو مهاڳ لکيو آهي . هوءَ چوي ٿي ” انفرادي لحاظ کان توڙي اجتماعي طور، سموري سنڌ کي الطاف تي فخر آهي . هن جنهن خلوص سان ۽ سچاڳ ذهن سان پنهنجي ڌرتيءَ، ان جي شهرن ڳوٺن، واهڻن ۽ بستين کي پرڏيهه جي شهرن ، اتي جي وسندين ۽ وسڻ سان مشابهت ڏني آهي ان ليکي هن گويا سموري سنڌي قوم جي ڪنهن رهجي ويل خال کي پري ڇڏيو آهي “.

مون کي خوشي ٿي ٿئي ته محترم سنڌي ادب جي
ڪنهن خال ڏانهن اسانجو ڌيان ڇڪايو آهي. مان
سدائين ائين سمجهندو آهيان ته شعر شاعري ۽ افسانه
نگاري کان سواء ادب جي سڌارڻ ۽ سنوارڻ جون
ڪيئي راهون آهن جن کي اسانجا اديب نظرانداز ڪندا
رهن ٿا. ساموندي سفرن ۽ پرڏيهن ۾ وڃي اتي جي
اندازن کي پرکڻ جي باري ۾ الطاف شيخ نه فقط ڪارنامو
ڪيو آهي پر اجا ڪري رهيو آهي.

... ... ...

# نانگن جو بادشاهه
۽
# چڙيءَ جا صاحب

سو خبرون اچي رهيون آهن ته نواب محمد خان لغاري آف تاجپور جي پوئيرن نواب صاحب جي چوڻ سان پاليل ٽن هزارن نانگن کي پون ڏکڻا ڪري سپيرن کي ڏان ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته جيئن اهي جيئڻ ۾ وجهي مرليون وڄائي ڪجهه گذران لاءِ هٿ پير هڻن. سچ چئو اٿن ته ڏڻ ته ڏٺي نه ته وڪڻ ڪٽي. مون ته سمجهيو هو ته پوئيرا ڪجهه رهيل کهيل نواب صاحب جي ذات سان لاڙيل هوندا يا جيئن چوندا آهن ته ماسو جڙيئي مال ته پيچارا پر ڏئين. پر انهن نه ٿيو مون ته پهرين ئي ائين سمجهيو هو ته اسان جون مشرقي روايتون ڏي اهي آهن جو نواب صاحب جي رحلت سان ان سائنس جي به رحلت ٿي ويئي.

مون اڳيئي نانگن جو گهڻيون ڳالهيون ڪيون آهن ته دنيا پر ۾ قدرت جي ضمن ۾ جهڪي بـ. ڏسجي وائسجي ٿو ان بابت دنيا جي سڌريل قومن تحقيقاتون

ڪري انسان ذات کي فيض سان سرشار ڪيو آهي.
اها هڪ لکن آهي جنهن جي وسيلي وکاني فردن تيز
نظر سان جهاتيون پائي قدرت جا ڳجهه جهٽي ورتا
آهن، انهي ڪري هائي ڏسون ٿا ته ڏکي ڳاڌي جي
دور مان هلندا اسين خلائي جهازن جي دور ۾ پهچي
ويا آهيون.

اسان جا دوست هن وقت ساهتم جو سال ملهائي
رهيا آهن ۽ ڪتابن جي پالوٽ ڏسي ڪيڙن ۾ نتا
ماهن پر سچ پچ جي اسين رواجي روايتي آڪائين کان
مٿي چڙهي ڪجهه قدرت جي نماءُ ڏانهن نظر ڪري
ڪجهه ترقياتي انداز ۾ مواد ميڙيندا سين تڏهن ئي دنيا
۾ منهن مٿي ڪري سگهنداسين.

مان ته ان باري ۾ گهڻوئي چئي چڪو آهيان ته
اسانکي پنهنجي ملڪ جي گلن ڦلن ۽ ٻوٽن ٻوٽين جي
به ايتري پروڙ نه آهي جو انهن بابت اپماس ڪري قوم
لاءِ ڪجهه ڪري سگهون. سوين گلن جا نالا ٻڌا
هونداسين ۽ فقط انهن جي ٻڌل سونهن ۽ خوشبوءِ سان
مغز کي تازو توانو پيا ڪندا آهيون. هڪ دفعي جي
ڳالهه آهي ته منهنجي اولاد جيان هڪ بي - ايس - سي
جي شاگرديائي مون کي چيو ته دادا تون ته رپورٽنگ

لاءِ هرهنڌ ويندو آهين، مون کي ٻاڻهي ڪلاس لاءِ ٻاغن مان ڪي نموني نموني جا گاهه WEEDS آڻي ڏي چاهڻ ته، اها منهنجي امتحان جي سبجيڪٽ آهي. مون ٻار جي حڪم جي تعميل ته ڪئي پر هوءَ فقط ايترو سگهي جو گاهن جا نمونا ڪاپيءَ ۾ چنبڙيل هئا پر اهي هئا ڇا، انهن جو پتو شايد استادن کي به ڪونه هو ۽ مارڪون رکڻو ڪاپيءَ تي مليل هيون. مان اهو وڏو ڏينهن سمجهندس جڏهن اسان جي ٻارڙن کي نه رڳو اهڙي تعليم ڏني ويندي پر هنن جي همت افزائي ڪري تحقيقاتن ڪرڻ لاءِ اڀاريو ويندو.

تازو بمبئي جو رهاڪو پکين جي چاڻ رکندڙ ماهر ڊاڪٽرسالم‌علي ڪراچيءَ ۾ آيل هو. ڪنهن اخبار واري هن سان ملاقات ڪري هن بابت ۽ ڪجهه پکين‌جي‌باري ۾ حقيقتون ڏنيون هيون ۽ پهو تيو خبر. ڊاڪٽر سالم‌علي کي سڄي هندستان جي پکين وديا ۾ چاڻ ۾ جيڪو درجو مليل آهي ان سان سوين سڪون ڪندا. ”دي گراند اولڊ مئن آف بامبي“ کي عام طرح بمبئيءَ ۾ چڙيا والا صاحب چوندا آهن.

چون ٿا ته ٻالي تڪريءَ کان هيٺ پير و سمنڊ واري پاسي رهندو هو، ۽ گهر کان ميل ڪن پنڌ تي ٻوٻا

ويور پکين (جنکي پرمانند ميوارام پنهنجي ڊڪشنري ۾ روڏو پکي ٿو چوي) اچي وڻاڻ ڪيو. هو انهن پکين جي رهڻي ڪرڻي جي اڀياس ۾ جنبي ويو ۽ انهن تي جو مقالو لکيائين، ان تي سڄي دنيا ۾ هن جي شهرت ٿي، چون ٿا ته هندستان جي زمين تي هر پاسي جبلن، دريائي ۽ سامونڊي ڪنارن، ميدانن، ماڻرين ۽ وادين جي پکين جي اڀياس لاءِ سليم علي کان وڌيڪ ڪنهن به ايترو سفر نه ڪيو هوندو.

هندستان جو اهڙو پکي هوندو ئي ڪونه جنهن جو اڀياس هن پنهنجي ڪتابن ۾ نه ڏنو آهي. انهن جا رنگ ۽ ڍنگ لاتيون ۽ ٻاتيون ۽ سڀ کان وڌيڪ انهن جي گهرو ۽ سماجي خصوصيتن جو ذرو ذرو جاچي بيان ڪيل آهي. هن هندستان جا پکي، ڪڇ جا پکي، ٽڪرين جا پکي ۽ هماليه جي پکين بابت جي ڪتاب لکيا آهن سي سڄي دنيا لاءِ هڪ تحفو سمجهيا ويا.

چون ٿا دنيا ۾ ٨٥٠٠ پکين جا نمونا آهن جن مان ١٢٠٠ هندستان ۾ آهن. پاڪستان ۾ ڪيترا نمونا آهن انهن جو پتو مون کي پئجي نه سگهيو آهي پر هڪ دفعي جهنگلات کاتي وارن سنڌ جي پکين بابت مورتن وارو ڪئلنڊر شايع ڪيو هو جن سان ته انهن جي قد

ٻت ۾ رنگ جو پتو ٿي پيو ۽ نڪي نالن کان سواءِ پيو احوال ڏنل هو.

تازو بمبئي جي السٽريٽيڊ ويڪلي جو سڄو پرچو هندستان جي پکين لاءِ وقف ڪيل هو. ان ۾ ڊاڪٽر سليم علي جون پکين بابت تحقيقاتون ڏنل هيون. پکين جي مورتن ۽ انهن بابت ڪوڄنائون پڙهي دل پڻ خوش ٿي. ڇا قدرت جون رنگ به رنگي ڪاوشن هن سرشتي لاءِ سونهن جا پنڊار پکيڙي ڇڏيا آهن! اهي ئي ڪارناما آهن جي امر رهي سگهن ٿا ۽ انسان ذات کي فيض سان نوازين ٿا. هڪ هند ڊاڪٽر سليم علي ٻڌائي ٿو ته سائبيريا جا پکي اتي جي برفاني سيئن کان بچڻ لاءِ سهارو گرم ملڪن ۾ اچي ڪندا آهن جن ۾ پاڪستان به آهي، پر هماليه جا رنگ به رنگي پکي هڪ ئي اڌام سان ڏکڻ هندستان ۾ نيلگري ٽڪرين تائين پهچي ويندا آهن ۽ وري بهار جي موسم ۾ موٽي ويندا آهن.

هاڻي سوال اٿي ٿو ته اسين پاڪستان ۾ اهي تحقيقاتون ڪري سگهيا آهيون يا نه. ان جو جائزو وٺڻ تمام ضروري آهي ۽ جيڪڏهن اهڙا ماهر آهن جن پاڪستان جي هر هڪ حصي کي ڏسي پکين جي مڙين حقيقتن

ڪي ڪنو ڪيو آهي ته ان ڪي ياداشتي نموني ۾ سلسليوار ظاهر ڪرڻ گهرجي. اسان ڪي ٽانگن واري صاحب وٽان ڪجهه به حاصل نه ٿيو آهي چاڪاڻ ته هن جيڪڏهن ڪجهه تحقيقون ڪيون به هيون ته اهي اتي ئي رهجي ويئون آهن.

ڊاڪٽر سليم علي جو مون کي هڪ پکيءَ جو بيان نهايت عجيب لڳو. چيائين ته ملبار ۾ رئڪيٽ ٽيل پکي ٿيندو آهي جنهن کي ڊرينگو به چوندا آهن. وڏن وڏن پکين سان هٿ اٽڪائيندو آهي ۽ ساڳئي وقت تي رهندڙ گيرن ۽ ڪبوترن جهڙن نازڪ پکين لاءِ سهارو ٿيندو آهي جو انهن تي وڏا پکي حملو ڪري نه سگهندا آهن. انهي ڪري ان پکي تي ڪوٽوال نالو پئجي ويو آهي.

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر سليم علي کان پڇيو ويو ته پکي وديا کي عام ڪرڻ لاءِ اسڪولن ۾ شاگردن لاءِ ان تعليم جو بندوبست ڪرڻ فائدي وارو ٿيندو يا نه. ڊاڪٽر سليم عليءَ جو خيال هو ته انهي لاءِ فقط ٻارن جي اندروني چڪ اتساهه پيدا ڪري سگهي ٿي. اهي اڪيون گهرجن جي پکين جون چلولايون جاچين ۽ اهي ڪن گهرجن جي ٽڪلو ٽڪلو سٽي وجد ۾ اچي وڃن.

اهو سڀ برابر آهي پر مان جيڪر چوان ته ٻارن

ڪي گهٽ ۾ گهٽ ملڪ جي خوبصورتين ڪان واقف ڪرڻ لاءِ اسڪولن ۾ ڪجهه بندوبست ضرور هئڻ گهرجي. جيڪڏهن هڪ ڪلاس جي شاگردن کي ڪلفٽن جي مڇي گهر ڏانهن وٺي وڃجي ۽ هنن کي نموني نموني جي چٽسالين وارين ننڍين وڏين مڇين جو ديدار ڪرائجي ته ضرور هو خوش ٿيندا ۽ ڪجهه معلومات حاصل ڪندا. ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن شاگرد کي مڇين کي سمجهڻ لاءِ اندر ۾ لگن جاڳي ۽ هو دلچسپي وٺي ۽ جي اهڙي طرح مون کي مڇين جي باري ۾ هڪ ماهر ملي وڃي ته منهنجون سڀ محنتون ساب پيئون ۽ مون لک ڪٿيا. اهڙي طرح ٻيون به هابيون ۽ ولدرون ٿي سگهن ٿيون ۽ جي مون کي اهڙي طرح پيا ماهر حاصل ٿين ته دنيا اڳيان ڪنڌ جهڪائڻو نه پوندو.

# ڳالهيون سيارن ۽ ستارن جون

ڌرتي جو سج کان مفاصلو اٽڪل هڪ ڪروڙ ۳۰ لک ميل آهي. ان کي جيڪڏهن هڪ يونٽ ڪري ليکجي ته ٻين گرهن جا سج کان هيٺيان مفاصلا ٿيندا:

مرڪيوري ۰٫۳۹، وينس ۰٫۷۲، مارس ۱٫۵۲، جپيٽر ۵٫۲۰، سيٽرن ۹٫۵۳۹، يورينيس ۱۹٫۱۵، نيپچون ۳۰٫۰۶ ۽ پلوٽو ۳۹٫۴۳.

مان مارننگ نيوز ۾ ۱۹۶۱ کان وٺي ڏهه سال کن رپورٽر رهي چڪو آهيان. هڪ ڏينهن منهنجي محترم دوست مرحوم شيخ عبدالرحيم رستي تي ڪٿي پڪڙيو. منهن ۾ اداس پئي ڏٺو ۽ نهايت ملول ٿي چيائين، "ظلم ٿي ويو." مان حيران ته ڪا اوچتو جنگ ڇڙي پيئي آهي يا منهنجي پياري دوست کي ڪو اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ گهاٽو پيو آهي. مان اچا پڇڻ ۾ هوس ته چيائين اڙي واڙيا دنيا جلد تباهه ٿي ويندي. خبر اٿيئي ته سڀئي سيارا هڪ لائين ۾ ٿي ويندا ۽ دنيا کي اٿل پٿل ۾

وجهي ڇڏيندا.

هندو هئڻ جي حيثيت ۾ اهڙن ستارن ۽ سيارن جي نجومت جي حسابن ۽ جدولن جي ڇان هڻي مون کي جڳائي ها پر منهنجي دوست کي ادبي ۽ سياسي مصروفيتن جي باوجود تارن جي اڀياس جو خفت هو ۽ رکي رکي سيارن جي بيهڪ بابت جدولون ڦاهيندو هو.

منهنجي لاءِ دلچسپي فقط هڪ خبر ملڻ جي هئي جو مان مدراس جي هندو اخبار جو پاڪستان ۾ نمائندو هوس. هندو وارا ته روزانو آسمان ۾ تارن جي بيهڪ جو نقشو اخبار ۾ ڇپيندا هئا ۽ منهنجي رپورٽ پڙهي ضرور خوش ٿيا هوندا. هاڻ وري تارن ۽ سيارن جي شناس رکندڙن حساب لڳايو آهي ته سنه ١٩٨٢ يعني ڏهن مهينن بعد دنيا ۾ تباهي اچڻي آهي، ڇاڪاڻ ته مڙيئي نَوَ گرهه جي سج جي چوڌاري هڪ ٻئي کان ڪروڙين ميل دور چڪر لڳائي رهيا آهن سي هڪ سڌي لائين ۾ اچي ويندا.

منهنجي دوست شيخ رحيم جڏهن ته سيارن جو حساب لڳايو هو تڏهن هو اڪيلو نه هو پر دنيا جي مختلف ملڪن مان انهي اڳڪٿي ڪيل تباهي بابت پڙهندو ته دنيا جي عوام ۾ هراس هو. ڪئي ڪلاڪيندڙ

آڪاڊيون ۽ڊيونسين ته ايندڙ مصيبتن کان بچڻ لاءِ ماڻهن جبلن جي غارن ۾ وڃي پناهه ورتي هئي يا ڪي ٻيا بندوبست به ڪيا هئا ۽ ڪن ته حضرت نوح جيان سمنڊن جي اٿلن مان تري وڃڻ لاءِ ٻيڙيون ۽ جهاز به تيار رکيا هوندا.

انهي ۾ شڪ نه آهي ته دنيا جي تارن جي ڇنڊ ڇاڻ رکندڙن وڏيڪ اڀياس ڪرڻ لاءِ ڪيئي بندوبست ڪيا هوندا ۽ هتي پاڪستان ۾ پڻ جيوفزيڪل سوسائٽي ٻاران سيارهن جي جوڙجڪ واري ڏينهن کي جاچڻ لاءِ تياريون ٿيون. اخبارن جا نمائندا پوتخانن ۽ جانورن ۽ پکين وارن باغن، ڍنڍن ڍورن ۽ درياهن ۽ سمنڊن تي تبديلين کي جاچڻ لاءِ ڦري گهري رهيا هئا. ڪراچيءَ جي گانڌي گارڊن ۾ به انهي ڏينهن کي جاچڻ لاءِ ڪافي اخباري نمائندن جو گوڙ شور هو. مون کي خبر آهي ته حيوانات تي ڪجهه اثر ٿيل هو ۽ ان باري ۾ دنيا جي ٻين حصن مان به ڪيئي بيان اچڻ لڳا هئا پر دنيا ۾ جيڪو هراس ڦهلايو ويو هو اهو هڪ ڇرچو ثابت ٿي پيو.

هاڻ به اهو سلسلو جاري آهي ته دنيا جا سمورا

سمنڊ صفحه هستي تان متجي ويندا ۽ سمنڊن جي تباهي جو مطلب سڄي ساموندي ملڪن جي تباهي آهي. دنيا ۾ پرليون ۽ مها پرليون ٿيون آهن ۽ انهن کان پوء انسان ذات جي نين نين سڀتائن جو به آغاز ٿيو آهي. ان بابت به ڪافي مواد موجود آهي. ان بـابت ڪجهه چئجي ان کان اڳ اسانکي سمجهڻ گهرجي ته ڪهڙي طـرح هي نج نئون مانڊاٺو مچئو آهي.

تارن ۽ سيارهن جي سائنسي اڀياس مان هيل تائين اسين سمجهي چڪا آهيو ن ته ڪائنات جي ڪارسازي ۾ چـاتل مچاتل سياره سج جـي چوڌاري گردش ۾ آهن. اوري ۾ اوري سج جي چوڌاري مرڪيوري يعني مشتري ٣٥ لکن ميلن تي گردش ۾ آهي ۽ ان بعد متي وينس آهي جنهن کي اسين زهره چئون ٿا. ڌرتي جـي ٽين منزل آهي جنهن کان پوء هڪ ٻئي مٿان ٻيا ڇهه سياره مارس، جيپٽر، سٽـٽرن، يوريـنس، نيـپچو ن ۽ پلوٽو آهن.

هاڻ اهـي نوَ سيارهه پنهنجي چـڪر (Oibit) ۾ پنهنجي تيز رفـتار يءَ سان پنهنجن مختلف مفاصلن تـان هزارين سالن بعـد اهڙي مرڪز تـي پهچڻ وارا آهن

جو سڀ جا سڀ هڪ ٻئي هيئان اچي ويندا ۽ ڏسڻ ۾ ايندو ته سج جي چوڌاري مريخ کان وٺي پلوٽو تائين هڪ لائين ۾ هوندا جيئن اٽڪل ٢٠ سال اڳ تي سياره سج کان هڪ ٻئي جي سڌائي ۾ هئا. تنهن ڪري انهي چوڻ ۾ ته ڪو وڏاءُ نه ٿيندو ته سڌائيءَ ۾ سيارهن جي ڪشش جي هڪٻئي کي ڇڪ تي ته ضرور هن ڌرتيءَ تي به ڇڪ ٿيندي. ان مان ڪهڙا خلل پرندا ان جو ڪاٿو ڪرڻ هن وقت محال آهي پر ماهر نجوم، جي هن وقت تجربن ۾ مصروف آهن، انهن کي پنهنجون جدولون آهن.

اهي اڳڪٿيون اني ٿي رهيون ته خبرون مليون آهن ته سنڌ جي تارن جي اپياس ڪندڙ ماهرن جي نظرن کان صبح جو تارو گم ٿي ويو آهي ۽ هاڻ دنيا جي تباهي کي روڪڻ لاءِ نمازون ادا ڪري رهيا آهن. ”پيچ چريا، چي مست ٿا اچن“ اسان کي هرويرو اهڙن ماهرن جي تحقيقاتن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

مان انڪار نٿو ڪريان ته سائنس جي واڌاري ۽ تارن ۽ سيارهن جي ٻهڪڻ سان ڪو اثر نٿو ٿي سگهي. پورن ماسي جي ڏينهن ڏسبو ته سمنڊ جي ٻاٽي واري سطح تي چنڊ جي ڇڪ سان ڀاري اثر ٿئي ٿو ۽ هاء

ڏاڍيون، جا ان وقت ٿي هوي ٿي سا پاڻيءَ جي سطح کان مٿي اوچي ڇڪ سان ٿئي ٿي. اهڙي طرح سيارهن جي اثرن بابت هندن جا پراڻا جوتش جا ڪتاب ڀريا پيا آهن. اهي ڳالهيون به اسان کهڙي ڏنيون ۽ پڙهيون آهن. هندو نه رڳو حياتيءَ جي مکيه واقعن کي سيارهن جي اثرن موجب سمجهن ٿا پر ٻارن جي نالن ۽ آئنده لاءِ به سيارهن جي بيهڪ جو حساب لڳائين ٿا.

اسان جو هن دؤر ۾ هر طرف واڪارو ٿيو آهي ۽ اسانجا ائسٽرالاجر جديد دوربينن سان آسمان جي گوشي گوشي ۾ مٿي ڪيپاڻيءَ سان اکيون اٽڪايو بيٺا آهن. ڇنجي ڪري ته هو انسان ذات لاءِ ڏکيو وقت ڏسي رهيا آهن پر خدا خير ڪري.

پر جي اسانکي سيارهن جي ڪري تباهي جا آثار ملي رهيا آهن ته اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي جڏهن انسان جيان دنيا جا ڏينهن به پورا ٿيندا ۽ وري به نئين سان اثبات ٿيندي. حضرت نوح جي ٻيڙي ٻوڏ Deluge کان پار اڪري ويئي ۽ وري هڪ نئين سڀيتا جو آرنڀ ٿيو. گهڻيون سڀيتائون آيون ۽ گهٽيون ٿي ويئون. ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته اڪثر تحقيقدان ٻڌائيندا رهندا آهن ته ڪيئن ڪروڙين سالن جي انسانن ۽ جانورن

جا هڏا ۾ ڪوپرانيون هٿ چڙهيون آهن . سچ پڇجي ته اسين ته ٿورن هزارن سالن جون تاريخون پڙهون ٿا ته مغز خراب ٿيو پوي .

لارڊ بيڪن به پنهنجي مضمونن ۾ ائٽلانٽا کنڊ جو ذڪر ڪيو آهي ، جتي هاڻ ائٽلانٽڪ سمنڊ آهي . ڪيڏانهن ويا اهي زمانا ۽ ڪهڙا حادثا ٿيا؟ شاعر رابرٽ براؤننگ جي بيتن ۾ به هڪ ڪهاڻي آهي جنهن جو نالو پائيڊ پائيپسر آهي جنهن کي اسين چارڻ يا پڪرار يا ريڊار چوندا آهيون . ان ۾ به شايد مٿيان پرلئه جو ذڪر ڪيل آهي .

ڳالهه ته پئي نموني ۾ آهي ته هيلمن جا پار جي اتي جي درياهه ۾ ٻڏي ويا انهن جو نسل هزارن سالن کان پوءِ ٽرانسويليان ۾ ڏسڻ ۾ آيو.

جڏهن اسين نجومت جي منحوس اڳڪٿين کي نظرانداز به ڪريون تڏهن به دنيا جي آئيندي لاءِ ڪيئي اونداهي واريون پيشنگويون ڪيون ويئون آهن .

تازو جرمني جي فضائي غلاظتن جي ماهرن ٻڌايو آهي ته هن وقت جي صنعت ڪاري جي ڪارخانن جي دونهن ۽ غلاظتن جي ڪري دنيا جي درجه حرارت ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي . عيسوي ٢٠٠٠ سالن تائين درجه

۽ هڪ ڊگري سينٽي گريڊ وڌي وڃڻ جو امڪان آهي. نه رڳو فضا زهريلي ٿيندي پيئي وڃي ۽ گرمي جي اثر هيٺ ڌرتيءَ جي ڌرون قطبن ۾ جمان ٿي برف جي ڳرڻ جي رفتار ۾ اضافو ٿيو ته سمنڊن ۾ اهڙي پاڻيءَ جي ٻوڏ ٻوڪان ٿيندي جو الله بچائي.

بس، ڀروسو انهي پروردگار تي آهي جو سک سان وقت گذري نه ته "هي ڪهڙي ڪير جا امر کي آڏو اچي".

---

١٠- مارچ ١٩٨٢ تي سڀ گرهه يعني PLANETS سج جي هڪ پاسي ٩٦ ڊگرين اندر گڏ ٿي ويا هئا. دنيا ۾ ڪافي گهڻي اٿل پٿل نه ٿي پر ان ڏينهن ڇڳوئي سينٽر پيو جو غير معمولي هو. ان کان پوءِ مئي مهينو پورو ٿي ويو ته به اڳڪٿين موجب سڀ گرهه سج جي هڪ پاسي هڪ لائين ۾ نه آيا. دنيا جي مٿريالا جيڪل ادارن مان ڪي خاص بيان پڌرا نه ڪيا ويا ۽ ١٠ مارچ ڏينهن تي مون پنهنجون اکيون سڄل محسوس ڪيون هيون.

# شاهه محمود

مان ڪڏهن ڪڏهن موضوعن جي ڪمي جي ڪري رستي تي اڪيون ڦيرائيندو هلندو آهيان ته ڪجهه مونکي موضوع ملي وڃي ۽ ڪا نئين يادگيري پڻ جي وڃي. ڪڏهن ڪڏهن مان پنهنجي ننڍپڻ جي دوستن کي ياد ڪندو آهيان ته ڪهڙي طرح اسين کلندا ٽڙندا ۽ جهڳڙندا هئاسين. اڄ به آهي ته ننڍپڻ ۾ ٻهراڙين جا کيل شڪار ڪيا اٿم، پر خاص طرح هاڻي خوش ٿيندو آهيان جڏهن زمانن جي تبديلين بعد ڏسندو آهيان ته ڪيئي هندو سنڌي شاگرد ادبي محفلن ۾ ويهي ڪڏهن خواب خيال ۾ به نه آڻيندا آهن ته هو ڪنهن ڪمپرسيءَ ۾ مبتلا آهن. سنڌ ڳالهائڻ، بحث ڪرڻ، ٽوڪبازيءَ ۾ شامل ٿيڻ، تنقيد ڪرڻ يا تصديق ڪرڻ جا قدر هنن جا فقط سنڌي ۽ دوستانا آهن. پنهنجن سان گڏ پنهنجا آهن. انهيءَ مٿي مان ٿهيل آهن جنهن جا روپ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيا پيا آهن.

اسڪولن ۾، راندين جي ميدانن تي، علمي ادبي يا ثقافتي
چٽاڀيٽين ۾ ڪنهن ڪٿي هلڻ وارا آهن. سرڪاري آفيسن
۾ خانگي ادارن ۾، تعليمي ۽ ادبي مصروفيتن ۾ هندو
ڏسي خوش ٿيندو آهيان چاڪاڻ ته هاڻ ٣٤ سالن جي
نئون زماني ۾ هو ٻه نئين زماني جا آهن. جيڪي ٿي
گذريو اهو فقط تواريخ ڪان وڌيڪ ڪا اهميت نه ٿو
رکي جو هنن جو اڪين ڏٺو احوال نه آهي. مگر اڄ
مان انهي ڪان به وڌيڪ خوش آهيان چاڪاڻ ته ڏسان
ويٺو ته هن ملڪ جي مٽي، پاڻي ۽ هوا ڪهڙي طرح
ڏاهي ٿيي پنهنجو ٻڌائي تي جيئن ڪنير چڪ تي ويهي
ٽانو ٿيپندو آهي.

گهڻيئي دفعا ڪراچي ميٽروپولٽن ڪارپوريشن جي
انفرميشن ڊئريڪٽر شاه محمود کي ڏٺو اٿم، ڳالهايو اٿم،
اٿيو ويٺو آهيان، سنڌ جي حالتن ۽ رخن تي بحث ڪيو
اٿم. هڪ ته ڏسڻو وائسٹو آهي، ڪڏهن ڪڏهن دل ۾
خيال ڪندو آهيان ته ڪنهن فلم جو هيرو هجي ها،
پر هن سان گڏ ويهي سنڌي ۾ گفتگو ڪرڻ ۾ اهڙو
لطف ايندو آهي جڻ ته مان پراڻين سنڌي ڪچهرين ۾
ويٺو آهيان. سنڌي ڳالهائيندو آهي جا سنڌي آهي، هن
جا اشارا، لهجا يا اوپاريون لهواريون ڏسندا ته اصل هو

هن سياجهڙي سنڌري جي مٽي جا مرڪب ڪيل آهن. اڄ مان هن جي ڪا سفارش ڪري نه رهيو آهيان پر ڏسان وينو ته ڪهڙي طرح سنڌ جي ماحول ۾ نپيل ۽ پليل انسان فطرتي طرح ان ۾ سمائجي ٿو وڃي. اها قدرتي يڪجهتي آهي، دلي ۽ دماغي تمنائن جو مرڪز آهي ته هيءَ زمين اسان جي آهي جنهن جذبي هيٺ ئي جديد قوميت جا آثار نمودار ٿين ٿا.

مسٽر شاهه محمود اڄا ٻن سالن جو مس هو جڏهن ڪٽنب سان گڏ سنڌ جي سرزمين تي هن جي رهائش جو آغاز ٿيو، جڏهن ساري برصغير مان ڀنهي طرفن کان قافلا لڏ پلاڻ ڪري هڪ اڻ ڏٺل بهشت ڏانهن هلندا هليا هئا. الله‌آباد جي نزديڪ مهانپور ۾ ڄاڻو هو پر هن کي فقط اهائي خبر آهي ته هن جو ڳوٺ ڏوڪري تعلقي ۾ سيهر جو ڳوٺ آهي جتي هن سنڌي پرائمري اسڪول ۾ تعليم ورتي هئي ۽ سنڌي ڇوڪرن مان رانديون روندبون ڪيون هيون. شايد ان وقت هن نديڙي ڳوٺ ۾ اردو اسڪول ڪونه هو، پر هن جي سياجهڙن مائٽن نئين ملڪ جي تعليم کي تسليم ڪندي نديڙي شاه محمود کي پنهنجي نئين ملڪ جي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني ۾ ڪو عيب نه سمجهيو.

مان سمجهو ٿو صد ايڪالاجي ۾ يقين رکندو آهيان ته
تون مڃين يا نه مڃين، وقت جون حالتون توکي گهڙينديون
هون، وچن ۽ تنهنجو ذهني قالب به انهن حالتن جو عڪس
آهي. منهنجو دهليءَ ۾ وڃڻ ٿيو هو ۽ اتي پنهنجي پيءُ
جي گهر لٿل هوس. پيٽيوپو ٻڌوان لکالي اڃا تائين
سچل جو ڪلام ھونگاريندو هو پر ان جو پٽ اڃا
هڪ سال جو هو جڏهن هو دهلي ۾ پهتو هو. پيءُ جا
ٻيا ڀي پار دهلي ۾ ڄاوا هئا. ڏنم ته سنڌ جو نالو
هنن لاءِ فقط جاگرافيائي هو. هو اصل هندي سنڌي ٿي
ٻيا هئا. پيءُ جي ننڍي ڌيءُ کي ڇيڙايم ته ماڻ کـي
دانهن ڏنائين ته ”هروڀرو اسان تي نام لڳائين ٿا“، ڪجهه
هندي ڪجهه سنڌي.

شاهه محمود ڪجهه اردو ڪجهه سنڌي نه آهي پر
رڳو سنڌي آهي. مون جڏهن هن کي ٻڌايو ته يار ٻڌاءِ
تون ڪاٿون جو آهين، ماڻهو ته مونکي ٻڌائين پيا ته
تون مهاجر آهين ته کلي ڏنائين. چيائين مان لاڙڪاڻي
جو آهيان اتي هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ پڙهيو آهيان ۽
منهنجو ڳوٺ ڏوڪري طعلقي ۾ سيهر آهي. مون کي به تو
وانگر ٻڌائيندا آهن ته مان يو-پي جي مهانپور ڳوٺ جو آهيان.
ڳالهه اها آهي ته مون کي اهائي خبر آهي ته مان سنڌي

آهـن ۽ لاڙڪاڻي جـي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جـو ميمبر هوس.

اسين سڀ شاگرد ملڪ جي مفاد لاءِ ذهني طرح يڪسان هئاسين. مونکي اردو ۾ تعليم وٺڻ جو ڪوبہ موقعو نہ مليو جيتوڻيڪ گهر ۾ اردو ڳالهائيندا آهن. مونکي وڏ يڪ پڙداياڻين تہ سنـڌ ۾ ڪافي تعداد اردو ڳالهائڻ وارن جو آهي جي اصل سنڌي ٿي ويا آهن ۽ هنن جو آئيندو هن سرزمين سان وابستہ آهي. سنڌو جو جنهن پاڻـي پيتو هوندو تہ ان جي زبـان ۾ بہ اهـا چاشني آهي.

ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي هـن خيال ڏيکاريو تہ ڪراچي ۾ ٻاهران آيـل ماڻهو سنڌ کان الڳ ٿي ويـا آهن ۽ پنهنجو پاڻ ۾ ونهوار رکن ٿا جنهن ڪري سنڌ جي اندروني حصي کان ناواقف آهن. ڇنگو ٿيو آهي جو سنڌ جي گادي واري هنڌ ڪراچي ۾ اهو جدائي وارو جذبو ماڻ وساريو پيو وڃي ۽ پاڻ کي سنڌي سمجهڻ ۾ ڪجهہ ڪوتاهي ڪونہ ٿا خيال ڪن. مان پاڻ ان خيال جو آهيان تہ جڏهن سڀني جو سدائين لاءِ هن سرزمين سان لاڳاپو رهڻو آهي تـڏهن خيال ڪرڻ گهرجي تـہ سوين سالن کان پوءِ جي سنڌ ۾ ڪي اهڙا سنڌي هوندا

جي پنهنجي ٻولي کان اڻواقف هوندا ته اهي پاڻ کي ٻين جهڙو ڪهڙي طرح سمجهي سگهندا؟ اهو اسان جي اولاد سان تعور و ظلم ٿيندو جي هنن کي پنهنجن هم وطنن کان الڳ هئڻ جو احساس هوندو.

# ڪنوارن جي ڪهاڻي

اڊيسن پنهنجي هڪ مضمون ۾ ٻڌايو آهي ته هڪ دفعي سقراط شادي ڪرڻ جي اهميت تي اهڙي گفتگو ڪئي، جوڪا ٻڌڻ سان ڪيئي گهوڙيسوار گهوڙن کي اڙيون هڻي روانا ٿي ويا ۽ دهلن دمامن سان وڃي شادي ڪيائون. چئجي ڪئي ته جي ٻيبي حوا ٻهرين چوڪ نه ڪري ها ته شايد اڄ ڏينهن تائين آدم پنهنجي شان کي برقرار رکي خدا سائين جي ٻهشت ۾ اچا ٿڌيون ٿڌيون هوائون وينو کائي ها. جڏهن قدرت جي مناظرن ۾ انسان حوا

سان گڏ زمين تي لٿي آهي ته ملٽن پنهنجي پراڊائيز لاسٽ ۾ چوي ٿو ته پنهنجون اکيون آسمان ڏانهن کري خداوند ڪريم جي ٻاجهه جا دعاگو ٿيا. انهن خدا سائين جي ٻاجهه سان ٻن مان چار، ڇهن مان اٺ ۽ اڄ ڏينهن ڏاڍين گنج لڳي ويا آهن.

سو جيڪر چئجي ڪٿي ته جيئڻ مرڻ سان گڏوگڏ شادي مرادي به انسان جي حياتي جو تاجپوشيو ٿي پئي آهي. ٻار ٿو ڄمي ته ماءُ پيءُ جي اهائي آس آهي ته وڏي ويجهي ۽ هڪ مان ٻه ٿي گهر جو نالو آباد ڪري. شادي اسان جي معاشري جو هڪ قائم مدام ميوڙ ٿي پئي آهي ۽ ڇو ته مرد ۽ عورت هڪ گاڏي جا ٻه ڦيٿا آهن ۽ هڪ ٻئي جي اوٽ تي اونهن عميقن ۽ اوچين اناهين کي اڪاري سگهن ٿا. انهي ڪري اهو خيال ۾ اچڻ ٿي اوکو ٿي پوي ٿو ته اسان وٽ اهي به آهن جن شادي جو نالو به نه ورتو آهي ۽ پنهنجي سر دنيا ۾ اڪيلو گذر ڪرڻ ۾ ڪا هيڪ ڏي ڪانه ٿي ٿئين.

سورهين صدي جي وچ ڌاري فرينچ مضمون نگار مانٽين، جنهن کي مضمون نويسي جو ابو چون ٿا، شادي جي باري ۾ چوي ٿو ته، مون ٣٣ ورهين جي ڄمار ۾

شادي ڪئي ۽ مان ارسطو سان شامل راءِ آهيان ته شاديءَ لاءِ ٣٥ ورهين جي عمر معقول آهي. افلاطون بہ نہ ته سمجهي ٿو ته ٣٠ سالن کان اڳ شادي ڪرڻ گهرجي جيتوڻيڪ وٽس ٿو ڪلون ڪري جي ڏسي ٿو ته ڪنهن ٥٥ ورهين جي عمر بعد شادي ڪئي آهي. چوي ٿو ته انهن جي ٻارن جو آخر ۾ ڪوئي اوهي واهي نہ هوندو.

پرمانٿين هڪ مزي جي سورنهن آنا سچ ڳالهہ هڪ فلسوف ٿيلر Thaler بابت ڪئي آهي ته جڏهن ننڍي هوندي ماڻس زور پريو ته شادي ڪر ته چيائين ته اڃا گهٽوئي وقت پيو آهي ۽ جڏهن وڏو ٿيو ته چيائين ته وقت گذري ويو! هاڻ ان وقت گذري وڃڻ جون ڳالهيون ڪريون ته چئو سائين، اسانجو هردلعزيز پرڏيهي معاملن وارو وزير آغاشاهي، اڃا تائين نويڪلائي اختيار ڪري ويٺو آهي. اڄ جنهن کي جهڪر سمجهجي ته پٽن پوٽن جي لاڏ هجيس اهو بي چنتا آهي ۽ ڪنهن ۾ اک ڏي نہ ٿي پڏيس. آغاشاهيءَ کي ڪهڙا سبب هوندا اها ڳالهہ بي آهي پر ڏٺم ته حيدرآباد جي مهراڻ سنڌي اخبار ڏاڍي هوشياري سان انڪشاف ڪري پڙهندڙن کي فخر سان ٻڌايو آهي ته آغاشاهي صاحب اڃان شادي نہ ڪئي

آهي ۽ شايد اها خبر پڙهي سڀني تعجب ۾ اڪيون مهٽيون هونديون.

ڳالهہ برابر آهي. آغاشاهي جنهن کي مون تڏهن ڏٺو هو جڏهن پاڪستان ٺهو ڪان اڳ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ آء - سي - ايس آفيسر هو يا سنڌ جي اندرين ضلعن ۾ ڪلاڪٽر جي عهدي تي پاڻ موکيندو هو. هڪ سحافي لاء اهو ئي فخر آهي تہ ڪهڙي طرح هن جو اهڙن هستين سان مڪاميلو ٿئي ٿو ۽ ڪيئن هنن کي ياد ڪجي ٿو.

جڏهن پاڪستان ٺهو تہ مسٽر آغا هلالي بيروني وزارت ۾ پروٽوڪول آفيسر هو. مون کي هن کي سڃاڻڻ ۾ دير ٿي ڪانہ لڳي جڏهن پڌايائين تہ هو آغا شاهي جو سڳو ڀاء آهي. پلا پاڪستان ٺهڻ ڪان اڳ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ هڪ آغاشاهي هو ۽ ٻيو سيد هاشم رضا، جي اڄا تائين اسان وٽ آهن. تنهن ڪري ڪهڙي طرح دماغ ۾ آئيان تہ آغا شاهي صاحب کي اڄا اهو ڪهڙو وارو ڪان ڪونہ لڳو آهي جنهن بابت شاعر ستن آسمانن تائين ڪنهن نہ ماري نزاڪتدار ناز واري وينگس جي ديدار لاء تڙڦندا آهن.

چوندا آهن سوال نہ پڇجي متان ڪورو جواب ملي.

انهي ڪري جي آغاشاهي صاحب اڄان تائين ڪنهن سان
پلوءَ نہ ٻڌو آهي تہ اڪيلو ڪنهي ۾ وڏن وڏن فيلسوفن
مفڪرن ۽ مدبرن، سنسار کي سونهن سان سنوارڻ وارن
۽ الله لوڪن جي قطار ۾ آهي. چرچل پنهنجي ڪتاب
”گريٽ ڪانٽيمپوريز“ ۾ لارڊ بالفور جو مثال ڏنو
آهي جو ويهين صدي جي شروعات ۾ برطانيہ جو وزير
اعظم هو. ٨٠ سالن واري سالگره تائين بہ سالم هو پر
شادي ڪانہ ڪئي هئائين. هن جي ايامڪاري برطانيہ
لاءِ شاندار هئي ۽ هنجي ڪنوارپڻ بابت چرچل جا اکر
آهن: لارڊ بالفور شادي نہ ڪئي. عام طرح انسان کي
پنهنجو گهر ٻڌڻ ۽ ڪٽنب جي پلائڻ جي چورا کورا
رهندي آهي پر بالفور لاءِ اها شامت نہ آئي، شايد ڪو
رومانٽڪ سبب هجي. سارو وقت هن کي ڪا اون نہ هئي
۽ آزاد رهيو. چرچل وڌيڪ چوي ٿو.

His thought was nationalistic, his interests were world wide, that Britain shonld be prosperous ... this was his llfe's aım.

.... .... ...

ڪنوارن لاءِ اسان جي زبان ۾ ڪيئي ڪهاوتون
آهن پر خدا سائين جي فضل سان اسان جو پرڏيهي

وزير ۽ لارڊ ڪلفور جهان ڪنوارو آهي. هن وقت دنيا جي وهڪري ۾ پاڪستان جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي آغاشاهي جي ضرورت آهي شل هو هن پنهنجي ملڪ کي ائين سنڀالي جيئن عيال وارو پنهنجي ڪٽنب کي ڏکئي وقت کان پار پوڻ لاءِ پاڻ آڇي ڇڏيندو آهي.

مان سمجهي سگهان ٿو ته عام طرح آغا شاهي صاحب جي قابليت، پختي بلندي، ذهني ۽ دنيوي پدارٿن جي مالڪ ٿيڻ سان سوين سڏون ڪندا پر انسان جي دل کي ماپڻ اهڙو ڏکيو آهي جهڙو سمنڊ جو ترو لهڻ. پر جي مان توهان کي ٻڌايان ته سنڌ جو هڪ وقت وزير اعليٰ قاضي فضل الله ۽ اڃا ڪنوارو آهي ته شايد توهان کي عجب لڳندو. ”زميدنداري پار، سياست جو ماهر، دنيا جي چڪرن ۾ ڪنل پنل، ٽري اسڪور ۽ ٽيهن عمر کي ڏک هڻي چڪو آهي پر اڃا شاديءَ کان نسون واري وٺو آهي. مان قاضي صاحب کي گهڻو ڪري وزير اعليٰ جي رهائش گاهه ڪلب رستي تي هوربلي هائوس ۾ گڏبو هوس. قاضي صاحب جا شاندار ڏينهن هئا. هتان ڪراچي مان هڪ صحافين جو وفد وٺي لاڙڪاڻي ۾ پهتو ۽ مان ان وفد جو ليڊر هوس. ڳالهين تان ڳالهيون

ٻڌايائين ته سندس خاندان ۾ دير سان شادي ڪندا آهن.
هن جي والد صاحب به ٧٠ ورهين جي ڄمار ۾ شادي
ڪئي هئي.

خدا ڪري اها روايت قائم رکي ٻـر اڄا ته ڪو
هڪ جو سڌ ڪونه ٿو سمجهي. هيڏانهن ڏسو جناب ايس
ايم ڪوجا، تعليم جو ماهر ڪنهن وقـت نوابشاه جي
ڊي. ايم هاء اسڪول جو هيڊ ماستر هو ۽ سيڪنڊري
تعليم بورڊ جو چيئرمن رهي رٽائر ڪمائين پر اڄا ٥٥
ورهين تائين شادي نه ڪئي اٿس. انهي کي ڇا چئجي؟

ڏسان پيو ته شادي نه ڪيل ويچارن کـي ڏسي نه
رکو ڪي ڪهل کائيندا آهن پر اکيون به پيچندا آهن.
هي بنده گنهگار به ان صف ۾ منهن مٿي ڪري بيٺو
آهي جنهن جو ذڪر ڪري رهيو آهيان. مون کي به
پڇا ڳاڇا لاء شخصي طرح روئـما روئٽان آهن ته ڪهڙي
طرح مون کان آڏي پڇا ٿيندي آهي ته ستر سالن جي
عمر ۾ ڪهڙي طرح پيو ڏينهن ۽ راتيون ڳٺيان. اهـو
احوال ڪريان ان کان اڳ۾ چوندس تـه اسين انهن الله
وارن کي عزت جي نـظر سان ڏسندا آهيون جـي سڀ
دنيا جا ٻهارت وساري خدا جي خلق جي خدمت ۾ ٻاڻ

اڃا چڏيندا آهن . انهن جو ڇرتر ٻه انسان ذات لاءِ هڪ روشن مثال رهي ٿو. عام طرح ته انسان وشيه وڪارن ۾ ڦاٿو پيو آهي پر اهي ٻه آهن جن کي پنهنجي ڪابه خبر نه آهي ۽ ان الک جي ڏيان ۾ حياتي گذر ڪن ٿا .

سنڌ جي هندن خواه مسلمانن لاءِ ساڌو واسوانيءَ جو مثال سدا ياد رهندو . ١٨ صدي جي آخر ۾ هو برلن ۾ بين الاقوامي مذهبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو هو. تازو پوني ۾ هن جو ديهانت ٿيو پر سڄي عمر هن انسان ذات جي خدمت ۾ گذاري . هاڻ ان ڳالهه چا پڇون ته هن شادي ڇو نه ڪئي. اهڙا مثال ڪيئي ملندا. جيڪڏهن ويجهو نهاريون ته مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا جو نالو زنده آهي . هن ڪراچيءَ کي بنائڻ ۾ پنهنجي حياتي ڏيئي ڇڏي جنهن ڪري ٨- آگسٽ تي ٿياسافيڪل لاج ۾ هن جي ورسي ملهائي ويندي آهي . هن به شادي جو ڪڏهن خيال نه ڪيو ۽ انسان ذات لاءِ پاڻ ارپڻ ڪري ڇڏيو .

ڀلون ڀل پيئي آهي پر مان به اهي ڳالهيون ڪري پاڻ کي وڏو ماڻهو سمجهي وينو آهيان ۽ پاڻ

پيو پرچايان . جي بي ڳالهه نه به هجي پر بنا ڪنهن معاوضي جي چم روڪ جي مهم جي ڀرپور همت افزائي ڪري رهيو آهيان. پڻ لاءِ ته ريڊيو پاڪستان ۽ ٽيليويزن تان گهڻي سر آلاپيا پيا وڃن ته مختلف ملڪن جا ماهر ڪوجنائون ڪري ڊيڄاري رهيا آهن ته جي انساني تعداد وڌندو رهيو جيئن بنگلاديش ۾ ٧٠٠ انسان هڪ چورس ميل ۾ ملڪ جي رهيل ڪهل پيدائش تي وار و ڪري رهيا آهن ته جي اڻين ٿيو ته پوءِ ڏاڪڻون ئي پڪو.

پنهنجي ٻارن کي گود ۾ کڻي ۽ انهن کي ٽپرڻ تي هريل نسلن کي اهي ڳالهيون ڪهن ٿيون آڏڙن. مهتاب محبوب جو "ڏکو پر پوران" پڙهي ڏسو ته ڪيئن نه جيجي زبيل ٻارن جي چالڪ وٽي ويٺي آهي . انهن ڳالهين جي لحاظ کان مان جيڪر حڪومت کي سفارش ڪريان ته ڪنوارن لاءِ خاص انعام مقرر ڪري ڇاڪاڻ ته هنن پنهنجي زندگي ۾ پنهنجن پيرن تي بيهڻ جو عزم ڪيو آهي ۽ ملڪ جي پيداواري کي وڌيڪ هرپ ڪرڻ کان سؤ ميل پري نظر اچن ٿا.

اهي ڳالهيون سمجهڻ جون آهن پر مــون سان ته وڏل آهي جڏهن ڪا چوري ڪئي اٿم ۽ ڪنهن جا حق

غضب ڪيا اٿم. ستر سالن جي سالگره جي موقعي تي سنڌ يونيورسٽي جي صحافت جي شعبي پاران هڪ نمائندو پهچي ويو ۽ مون سان مٿاهين جون ڳالهيون ڪندي منهن جهڙ ڪندي چيائين ته ادا سڄي عمر گذري ويئي اٿو (ڏاڍو قياس ڪاڏائين) ۽ توهان شادي نه ڪئي آهي. مان ڪجهه چوان مس ته ڪلي پڇيائين ته ضرور ڪجهه هوندو. هاڻ ڪجهه هئڻ کان سواءِ ڪجهه برابر ٿي نه سگهندو پر هن جو مطلب هو ته مان هاڻ ويهي ساري عمر جو پوتا ميل ڏيان. پلا هو هندو دادوءَ جو مسٽر ماڪيجاڻي، چوڻ لڳو دادا شاسترن ۾ پڙهيل آهي ته هن معاملي ۾ رشي مني به ڪري پيا ۽ اسان جي نئين نسل کي توهان کي پنهنجا آزمودا ٻڌائڻ گهرجن. بس ڪجهه تيزي ۽ ڪجهه نرمي سان جان ڇڏايم.

مان ماحول جي اثر يعني ايڪالاجي ۾ يقين ڪريان ٿو ۽ الائي ڪهڙي طرح حالتون ٿينديون تيون وڃن جو انهن جي اثر هيٺ ڪجهه ٿي پوندو آهي، ان جو علاج نه ٿيندو آهي.

ان باري ۾ هڪ ٽوٽڪو ياد ٿو اچيم. ننڍي هوندي

ڪنهن چاتل سچاتل ٻڍي مائيءَ ڦماس ڪائهندي ڇمر ته ماريا، هيڏو وڏو ٿمو آهين شادي ڇو نٿو ڪرين .

ڇوماٺس ته پنهنجي شڪل شبيهه ڏسي سمجهان ٿو ته جنهن ڇوڪريءَ جو نالو وٺندس ته اها مون سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيندي ؛ جي ڪا اهڙي ڇوڪري آهي جا مون سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهي ته ان سان مان شادي ڪري نه سگهندس .

....

---

هي مضمون مسٽر آغاشاهي جي استعفا کان گهڻو اڳ جو لکيل آهي .

# ظفر حسن

ساهتيه سال جي سهيڙڻ جي سڪ ۾ پنهنجي دوست ظفرحسن جي آڪاڻين جي سهڻي گلدستي کي ڏسي دل بيحد خوش ٿي. ڇاڪاڻ ته هن جنهن سوچ سان سنڌ جي ثقافت يعني رهڻي ڪرڻي ۾ درپيش آيل دشوارين کي دل ۾ رکي دماغي هرڪر سان اوپارين ۽ لهوارين جي چند ڇاڻ ڪري پاڻ سوکيو آهي انهي ضرور داد لهڻو. هڪ نوجوان ڪاڻل اکين سان پنهنجي ماحول ۾ هوڏانهن هوڏانهن نهاري حقيقتن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۾ گهڻو کيو آهي، ڪٿي ڪٿي هٿي، رنگ وڏيڪ ۽ ڪٿي ڪٿي اڻلڪا رهيا آهن پر هن پنهنجن احساسن جي عڪاسي ڪري پنهنجي شخصي جذبن ۽ رحجانن کي جيئرو ڪري ڏيکاريو آهي.

ظفرحسن سان گهڻي واقفيت نه اٿم پر هن پنهنجي آڪاڻين ۾ جي مسئلا اتاريا آهن ۽ پنهنجن خيالن کي نمودار ڪيو آهي ان تي ڪجهه لکان ان کان اڳ خوش ٿيو ٿيان ته دوست ۱۴- آگسٽ ۱۹۳۷ تي هن

جهان ۾ اکيون کوليون، جنهن ڏينهن کان ورهاڱي ورهيه ڏهه سال پوءِ اسان جو پاڪستان به هن جهان ۾ نروار ٿيو. مسٽر ظفرحسن ڪري چئجي ته پاڪستان بنجڻ کي به ڏهه سال شهه ڏيئي ويو.

اسان جي سنڌ جا اهم مسئلا ڪي گهڻ گهڻا آهن، جن ۾ زميندارِي ۽ ملڪ جي پوک ڪندڙهارين جي مفلسي جي ويچار کي پنهنجي سوچ جي دائري کان ٻاهر ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. مصنفن ۽ مفڪرن لاءِ انهي زميندارِي ماحول کي پنهنجي فڪر کان جدا ڪرڻ جو اهڙا موقعو نه جڙيو آهي جيتوڻيڪ رکي رکي اسين زمين جا سڏارا ٻڌاندا آهيون. غلامرباني جي ساهتيه زندگي جي شروعات به شايد هڪ اهڙي ڪهاڻي سان ٿي. جي ماهتاب محبوب جون آکاڻيون پڙهو ته به زميندارن کي سيٺيون وچائيندا ڏسندا ۽ رنن ۾ اکيون وجهيو ويٺا هوندا. سو دوست ظفرحسن به ان دک ڀريٺي داستان کان پاڻ جدا ڪري نه سگهيو آهي. ڪريون ٻــ ڇا؟ گهڻو ڪري ساري سنڌ يا زميندار آهي يا هاري آهي تنهن ڪري هي مسئلو ڇڻ اسانجي رڳن ۾ پيو آهي.

ظفرحسن جي ڪتاب جـي پهرين پهرين آکاڻـي "رهيل قرض" به ان زمره ۾ اچي ٿـي ته قرض مرض

آهي ۽ نيت ان جي ادائگي ڪنهن به صورت ۾ ڪرڻي
هوندي هئي. هاري کي زميندار وٽان تقوي قرض ملڻ آهي
۽ ان جي ادائگي جي ڳڻتي ۾ الله جي آسري آسمان ۾
اکيون ڪري ويٺو آهي ته شل فصل پلو ٿئي ۽
زميندار ي چڪ کان بچي وڃي. ظفرحسن نهايت
سنجيدگيءَ سان غريب هاريءَ جي نيڪ نيت کي نروار
ڪيو آهي پر چوندا آهن ته بندي جي من ۾ هڪڙي
۽ صاحب جي من ۾ ٻي ....

هاڻ ڪهاڻيڪار لاءِ ٻيو ڪو رستو ڪليل ڪونه ٿي ڏسڻ ۾ ٿو
اچي ته ڪهڙي طرح ڪنهن قدرتي ڪرشمي کي ظاهر
ڪري جو پنهنجي مکيه ڪردار کي پنهنجي پيرن تي ته
بيهڻ ڪري ذميداري کان ڪرڻ جو جاموڻ ڀرائي.... ان
ڪري نمبري آسمان ۾ اوچتو ڪڪر آڻي ، مينهن
وسائي ووڻ ڪڻن جو فصل ناس ڪرائي ٿو ۽ ڪردار کي
طبيبن تات وڃهي ٿو . آڪاڻي جي ١٩٦٦ ۾ لکيل نه
هجي ها، جڏهن ١٩٧٣ واريون هڪ ٻئي پٺيان واريون برساتون
۽ ٻوڏون ٿيون ٿي ڪين هيون ته به عجيب نه لڳي ها.
١٩٧٣ کان پوءِ هن آڪاڻي جو اسٽرڪچر ڪجهه حالتن
پٽاندر ٿئي ها پر ظفرحسن جي اها هڪ خاص خوبي آهي
ته اهڙا ڪارناما ڪڏهن به ٿي سگهن ٿا جي حقيقت ۾ ١٩٧٣

ڪان پوءِ ٿيا هئا جڏهن ساري سنڌ لوڏي ۾ اچي ويئي هئي.

وڙي ٻئي پنهنجي آڪاڻي کي آخر تائين پهچائڻ لاءِ ظفرحسن ڪنهن حادثـي کي پيش ڪري ٿو تہ مکيہ ڪردار هـاريءَ جو پٽ مـوٽر هيٺان اچـي مري وڃي ٿو ۽ جنهن ڪري هاريءَ کي هڪ هزار رپيا ملن ٿا جو هو پنهنجي قرض چڪائي سگهيو. آخـر ۾ پنهنجي فلاسافيءَ کي معنيٰ دار نموني ۾ ظاهر ٿو ڪري تہ جيڪڏهن هـاري قـرض نہ ڏيئي سگهـي ها تہ زميندار جون اکيون هاريءَ جي ڌيءَ ساران ۾ هـيون پر خداوند ڪريم جـي برڪت سان هو قـرض ڏيئي پنهنجي عزت بچائي سگهيو.

هيٺيان اکر دل ۾ سانديي رکڻ جهڙا آهن جـن ۾ ظـفر حسـن پنهنـجي فـلاسافي سـمائـي آهـي. هاريءَ وٽ تہ ڌيءَ چمندي رهندي اهو قـدرت جو اٽل نيم آهي پر هن ڌرتي تي ڏاڍ سدائين رهندو اهـو قدرت جو اٽل قانـون ڪونـهي. جيڪو صدين کـان غريب جو امير تي رهيل قرض آهي ان جـو پـورو حساب ٿيندو.

هيءُ ئي انسان جي دور حيات ۾ اٽل نيم آهي تہ

اتيمي ڪر اتيمي پر . سنهي ٿلهي سپ لنگهي نہ وينديِ،
سيڪا پنهنجو پوڙهو جهامنديِ .

هڪ ٻيءَ آکاڻيءَ ۾ ظفرحسن سوکڙيءَ جو سوال
اٿاريو آهي . سوکڙي ڇا آهي؟ ڪهاڻيڪار چوي ٿو
تہ وٺندڙ جي حيثيت نظر ۾ رکي سوکڙي ڏيڻ
گهرجي جو وٺندڙ کي اوتري ئي قيمت جي سوکڙي حياتيءَ
جي ڪنهن بہ مرحلي تي ڏيڻي پوندي . مون سدائين
سمجهيو آهي تہ سوکڙي سڪ سان ڏيڻ ۾ ئي شان آهي.
ان ۾ نہ ڏيڻ جو ۽ نڪي آس رکڻ جو سوال آهي .
سوکڙي اها نہ آهي جا مونکي گهرجي يا ان لاءِ مان
گهر ڪريان پر سوکڙي اها آهي جا سڪ سان پيري
پئي هجي ۽ ان ۾ ڏي وٺ جو سوال ئي نہ ٿو ٿئي .

پر دل سان داد ٿو ڏيان پنهنجي دوست ظفرحسن
کي جنهن پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ زال مڙس جو هڪ
ڪتاب ڏاهي امانکي اها مٺ محبت ۽ هڪ ٻئي جي
دلين ۾ پيهي وڃڻ وارو اصولي خاڪو پيش ڪيو آهي
جو سمجهجي تہ اهڙائي ڪتاب آهن جي قوم جي خوشحاليءَ
جي پيڙهہ ٿي سگهن ٿا .

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سوني هار جي ڳالهہ ڪمل آهي.
جڏهن پڙهڻ وينس تہ آخر تائين پهچڻ جي اڻتڻ

ٿيڻ لڳي.

جيئن جيئن سوني هار جو ڀيو پڙهان ته دل ۾ شڪ پيو ٿيم ته هيءَ ته ماپا سان جي "نيڪليس" ڪهاڻي نه هجي. ان ۾ به هڪ اڌارو ورتل سونو هار وڃايل هو ۽ ان جي واپس ڪرڻ لاءِ هڪ عورت کي ١٥ سال ڪپڙا ڌوئڻا پيا هئا.

مزي جي ڳالهه اها هئي ته جڏهن عورت جنهن کان هار اڌارو ورتل هو اها ١٥ سالن کان پوءِ ان عورت کي ڏسي ڇيو ته ڇا ٿيو آهي جو ڪپڙا پيئي ڌوئين ته پوءِ ڳالهه کلي پيئي. ان عورت ورائيو، توکان اڌارو ورتل هار وڃائجي ويو هو تنهن ڪري سڀ ڪجهه وڪڻي توکي هار وٺي ڏنو هوم. اتان وري ڳالهه ڦري ته اصل هار نقلي هو ۽ ان عورت واپس وٺي رکي ڇڏيو هو. جڏهن وري اهو هار آيو ته ٻنهي عورتن کٽي پاڪر پاتو ته ڇا مان ڇا ٿي پوي ٿو.

مان به هن ڪهاڻيءَ کي پڙهندي پڙهندي پيو سمجهان ته ڪٿي هي به هار ڪم ٿيڻ وارو آهي. هار ڪم نه ٿيو پر سوکڙيءَ ۾ مليل هار وري به سوکڙي ٿي ويو. جوندا آهن ته زال ذات مٺيا سهسائي نه سگهندي آهي پر شاباس آهي هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار رشيد جي

زال، زرينا کي جنهن مٿوي سان دل نہ رکي ۽ رشيد جي دوست جي شاديءَ تي سوکڙي کري ڏيڻ جي پيٺ ڪئي. اسين ڏسندا آهيا آهيون تہ اهڙيون سلڇڻيون ۽ سياڻيون عورتون آهن جي پنهنجي گهرن ۾ سڀ سمپتي جو سامان موسر ٿيون ڪن ۽ پنهنجي ڪٽنب جو شان ٿيون ٿين.

مان هڪ وڏيڪ ڳالهہ ڪندس تہ هن وقت پورن سارن ڪٽنبن ۾ هن طرح قيمتي سوکڙين جي وارثن جي روايتن تي ڪجهہ سوچ ڪرڻ گهرجي. چوندا آهن تہ وات ڪائي اکيون لجائين، اهڙيون روايتون ئي گهوڙيون جن جي پوراتي ڪرڻ لاءِ گهٽتي جو شڪار ٿجي ۽ جيتوڻيڪ اهڙي سگهہ نہ هجي پر منهن کي پڪو ڪري، سور اندر ۾ رکي سڀ جو بهانو ڪجي. سوکڙي سڀ جي اشاني آهي ۽ نہ پنهنجي حيثيت جي عڪاسي.

سڏامون پڪيت جڏهن دوست ڪرشن کي گڏجڻ ويو تہ ڏوتيءَ ۾ سڪل چانورن جي لپ ٻڌي ويو. ٻڌي ننڍي هوندي جا دوست هئا پر جڏهن سڏامون ڪرشن وٽ پهتو تہ چانورن ڏيڻ کان لڄ پئي اچيس. ڪرشن کي دوست جي خبر هئي ۽ چيائين تہ ڏوتي ۾ ڇا ٻڌي

آيو آهين ۽ انهن ئي ڇانور سڌامي جي ڏوتيءَ مان چوري ڪائي ويو. اها آهي سڪ، اها آهي سوڪڙي.

# گلن جوڙا ٻارڙا

عيسوي سن ١٩٢٢-١٩٢٣ ڌاري جپان ۾ ڌرتي ڌڏڻ جي حادثي ۾ ڪافي نقصان ٿيو هو. مان انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هوس جنهن کي هاڻي نورمحمد هاءِ اسڪول چون ٿا. جپان ۾ قدرت جي قهر ڪري دنيا جي هر حصي ۾ همدردي جو اظهار ٿيو هو ۽ هر ڪنهن جپان جي امداد ڪرڻ لاءِ هٿ ڏکيڙيو. حيدرآباد هاءِ اسڪول طرفان به جپان جي مدد ڪرڻ لاءِ اسڪائوٽن رالدين ۽ کيلن ڪرڻ جو سعيو ڪيو ته ان مان ڪجهه ايٽ ڪري جپان جي سهائتا ڪئي وڃي. مان ڪب هوس

۽ مرحوم فيروز غلامعلي نانا، جو ڪنهن وقت سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج هو انهن ڏينهن ۾ اسڪائوٽ ٻئنڊ جو مهندار هو. جلسي جون تياريون ته مهينا پهرين هلنديون ۽ اڃا ياد اٿم ته ڊرل ماستر جي سنڀال هيٺ اسان ڪهڙي طرح ڊرلون ڪيون، قيرائيون پائيون ۽ هلندي هلندي پاڻمرادو نمونو نمونو سان ورهائجي ٿي ويندا هئاسون، پر ترتيبوار مارچنگ هلندي رهندي هئي. واهه جو ڪم ٿيو، مارچ ڪرڻ وقت پير اُٿي پئي قريا ۽ چريا چڙ ڏسڻ ۾ پڻ انهن جو ڪم هو.

منهنجي خوش قسمتي آهي جو تازو حيدرآباد جي پبلڪ اسڪول جي ماسترن ۽ مائٽن جي مڪاملي واري جشن ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو جڙيو ۽ منهنجيون ننڍي هوندي جون يادون تازيون ٿي پيئون. مونکي حيدرآباد هاءِ اسڪول جو شاگرد هئڻ جو اڃا به فخر آهي ۽ ڏٺم ته هن اسڪول جا ٻارڙا به تربيت، تازگي ۽ توانائي سان جڏهن قدم کڻي راندين ۾ حصو وٺي رهيا هئا ته پنهنجي اسڪول جو شان پنهنجي سيني ۾ سانڍيل هون. مون کي ننڍي هوندي جا ڏينهن وسرڻ جا نه آهن ۽ هاڻ جڏهن مون پبلڪ اسڪول جي معصوم ٻارن جا ڪم ڏٺا، رانديون ڏٺيون ۽ جڏهن ڏٺم ته سرها ٿي بهار

بهار ٿيا ته دل خوش ٿي ويٺي. اهو اسڪول جو شان آهي جنهن ٻارڙن کي تربيت ڏني آهي ۽ تربيت سان تيار ڪيو آهي جو هو اسڪول جو منهن مٿي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن.

وڏا ڀاڳ اسان جا آهن جو هن وقت سنڌ ۾ اهڙا پنج پبلڪ اسڪول آهن. حيدرآباد، سکر ۽ ميرپورخاص ۾ هڪ هڪ ۽ ڪراچي ۾ ٻه آهن ۽ پبلڪ اسڪول چيا ٿيندو آهي ان جي پروڙ حيدرآباد ۾ پبلڪ اسڪول جي ۱۲ درجن ۾ ۳۰۰۰ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ هي جلسو اسڪول جي پهرين پنجن درجن جي ٻارڙن جو هو، جن پنجن درجن ۾ اٽڪل ۵۰۰ شاگرد آهن. اهو ڏينهن نيڪرن ۽ نينگرين جو سڀاڳو ڏينهن هو جڏهن هو چستي، ڦڙتي ۽ خوش مزاجي سان ميدان تي ڪملن ۽ راندين جو مظاهرو ڪري رهيا هئا.

انگريزي ۾ چوڻي آهي ته "نيپولين سان واٽرلو واري جنگ ايٽن اسڪول جي ڪرڪيٽ جي ميدان تي کٽي ويئي". جيڪي انگريزن جا وڏا وڏا سپهه سالار ٿيا آهن انهن جي تربيت جو سامان انهي اسڪول مهيا ڪيو هو. پاڪستان بهادر جنرل هئا جن پنهنجي ملڪ جو منهن مٿي ڪيو هو. اسانجي ملڪ جا ٻه لک ڀاڳ

آهن جو شاگردن کي انهن تربيت ڏني ٿي وڃي جيئن اينن اسڪول جو نالو ورتو ٿو وڃي. اها آهي جسماني بردباري ۽ تازگي جنهن جي وسيلي ذهني ۽ دماغي حوصلن جو واڌارو ٿو ٿئي.

چوطرف جلسي ۾ ڏٺم ته هزارين ماڻهو حاضر هئا ۽ پنهنجن ٻارن جون قابليتون ۽ هوشياريون ڏسي فخر سان تاڙيون وڄائي خوش پئي ٿيا. گهڻا ته ٻارن جا ماءُ پيءُ هئا، جي سڀ سنهري آيا هئا ته ڪهڙي طرح ٿو سندن ٻار پنهنجو ۽ سندن نالو روشن ڪري. واه جا نينگرن ۽ نينگرين مارچ پاسٽ ڪئي. پير پير ۾ مليل، ڪنڌ کي جهٽڪو ڏنل ۽ يڪسان قدم کڻي ڏسڻ جهڙو هو. ڇا سندن قد ۽ بت ۽ چڱي ملٽري پريڊ ٿي ڪيائون. پيون ٻه رانديون هيون، جن ۾ هنن پاڻ ملهايو. مزو ته تڏهن ٿيو جڏهن ٻانبرا پائي ۽ ٻاجولهون کيلي شرطون وڃائي هڪ پئي کان گوءِ ٿي کڻي ويا. مبارڪون آهن اسڪول جي پرنسپال حميد مومڻ، ماسترن ۽ ماسترائين کي جن جي جفاڪشي، محنت، ۽ فرض ادائي سان هيڏو مانائتو رچايو ويو هو.

چوندا آهن ته ٻارن جي ابتدائي تعليم پنهنجي گهر جي ماحول ۾ شروع ٿئي ٿي. هنن جا لڇڻ، سمجهه،

ذهني لاڙا ڇڻ ان ماحول جو عڪس آهن. اهو مائٽن جو فرض آهي ته ٻارن جي نظرداري ڪن. ان ڪري مائٽن ۾ اسڪول جي اختياريءَ وارن جون گڏجاڻيون مثالي ٿــي سگهن ٿيون ۽ اسڪول جي جلسي ۾ ٻارن جي مائٽن جا دلچسپي ڏيکاري اهو ڏيکاري ٿو ته ٻارن جي تعليم جو آئيندو روشن آهي.

اهڙا به مثال ٿي سگهن ٿا ته مائٽن ليکي ٻار اسڪول ۾ پڙهڻ ويو آهي پر سچ پچ ته بندرا بن ۾ ٿنگيو پيو آهي، يعني گهمي ڦري اچي گهر پهچندو. مان پبلڪ اسڪول جي پرنسپال جي ڪمري ۾ ويٺو هوس ته هڪ شاگرد جا مائٽ اوچتو طرح ڪمري ۾ داخل ٿيا ۽ پڇڻ لڳا ته سندن ٻار امتحان لاءِ سرٽيفڪيٽ ڇــو نه ڏنــيو آهي. خبر تڏهن پيئي جڏهن ٻڌايون ته ڇوڪر گهر کان سهي سنئين اسڪول وڃڻ لاءِ نڪتو هو پر بندرا بـن ۾ ٿنگيو پيو هو. هنن گهٽيئي ڇــو ته اسان کــي ڪا خبر ڪانه آهي ته ڇوڪر اسڪول ۾ ايندو ئي ڪونه هو. گهٽيئي منتون ڪمائون پــر ڪجهه وريو ڪين. انهي ڪري مائٽن کي هش تي خوش ٿي رهڻ نه گهرجي پر ٻارن جي چڱي سنڀال ڪرڻ گهرجي.

....

# مولو منسڪاڻي

”راڪي رام ته ماري ڪؤن“، ”سچ ته ھئو نچ“ پر ھن جھان ۾ ڏٺو اٿئون ته پاڳيا پڙجي وڃن ۽ چور شاھه شاھوڪاري جون ھام-ون ھڻن ته اسان وٽ ڪريه ڪارو پئسو ڪونھي، اھي ڇٽي وڃن. اٿـئن به ڇئبو آھي ته ”حقون به رکي ناحقون به رکي“. ڏسڻ وارو فقط رب العالمين آھي، باقي ھـن قدرتي تـي انسان سڀ ھلا وسيلا ھلائي ته به پرو پاند پـوڻ مشڪل آھـي. تڏھن به ھن سنسار ۾ سٽريل ماڪن ڪي قاعـدا قانون ٺاھيا آھن ته قاعدي اڳيان ڪوبه ٽسھنگ وڏو نه آھي.

١٩٤١ يا ١٩٤٢ جي ڳالھه آھي ته ڪراچي ۾ ھڪ صبح جو اخبارن ۾ خبرون ڇپيون ته ڪراچي جو ھڪ پڙھيل ڳڙھيل، حيدرآباد جي ھڪ عزت پـرڻي خاندان سان تعلق رکندڙ، ھندوعامل نوجوان مولومنسڪاڻي زال جي خون جي تھمت ھيٺ گرفتار ٿيو آھي. جيترا ماڻھو، اوتريون ڳالھيون. ڪي ماڻھو ھتا جي قياس ڪاڻڻ کان سواءِ رھي نٿي سگھيا ۽ ڪن جون ته ڏنـدين آڱريون

لڳن لڳيون ته هن ڏسٽي وائسٽي ماڻهو کي ڪهڙي کٽي ڪنهو جو پنهنجي زال کي وهي سمنڊ ۾ ٻوڙي آيو. ٿي سگهي ٿو ته اهو هڪ اتفاق هجي پر حقيقت اها هئي ته مولو منسڪالي زال کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي ڪياماڙيءَ کان ٿورو پريرو آئسٽرراڪ تي وٺي ويو هو جتي شرهيتيءَ جو پير ڪسڪي ويو ۽ درياهه سرن ٿي ويٺي ۽ گهوٽ صاحب ورلاپ ڪندو اچي گهر پهتو.

هاڻي ڪيئن سٺي ٿي سگهي کي سوريءَ اهو به سمجهڻو آهي. چوندا آهن ته خون ڪستوري نه لڪي. ڪي اهڙيون حقيقتون ظاهر ٿيون جو چئجي ته چئن ڏاهو ڪانگ به چنگهون ڦاٿو آهي. مولي منسڪالي شادي ڪري زال کي انشوئر ڪرائي هڪ لک رپين جي پاليسي حاصل ڪئي هئي ۽ زال جي پڏي وچن شرط هن هڪ لک رپين جي انشوئرنس ڪمپني کان گهر ڪئي؛ جنهنجو نتيجو اهو ٿيو جو چئن ڦاسيءَ جي نوڙي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌائين. انشوئرنس ڪمپنيءَ جو ڪراچيءَ ۾ مئنيجر به حيدرآبادي عامل هو جنهنجو نالو هو ڏيٺو مل واسواڻي. هن رپورٽ داخل ڪئي ته مولي منسڪالي جي زال

جو ٻڌي وچن اتفاق نہ هو ۽ ڪيس هٿ وٺي ٻوڙيو ويو هو. رپورٽ ۾ ڇپائون تہ زال کي انشوڊر ڪرڻ وقت مسولي منسڪائي ڪيئي شڪ شبعا اٿاريا هئا ۽ ڪافي لکپڙهہ ڪئي هئي ۽ هڪ سوال هو تہ اتفاق ڇا کي ٿو چئجي ۽ هن اهو بہ سوال پڇيو هو تہ ٻڏڻ جي حالت کي بہ اتفاق چئي سگهبو يا نہ؟ مسٽر ڏيئومل وڏيرڪ چيو تہ مان سمجهي نٿو سگهان تہ آئسٽرراڪ تي اڪيلو زال کي وٺي وڃڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي.

مولو منسڪائي گرفتار ٿي ويو ۽ چئجي ڪٿي تہ هن پاڻ کي خود پڌايو هو. چوندا هئا تہ هو اهڙو رلٽومانٽو نہ هوندو هو. هو ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ مکڻ مان وار ڪيندو هو ۽ پنهنجي هوشياري جي حوصلي ڪري ڪنهن کي منهن نہ ڏيندو هو. سندس پيءُ مسٽر چنديرام جو پوسٽ آفيس ۾ ڪنهن عهدي تي هو، ان تي آفت اچي ڪڙڪي. آنڊي جي چر "هڪ ڏي پٽ" جنهن کي ڇوج مان شادي ڪرائي هئائون، ان کي ڪيئن ڦاسي جي تختي تي ڏسي سگهي.

خونن جا ڪيس ڪو اهڙي تهڙي طرح ڪونہ ٿا هلن. مهينن جا مهينا هيئين ڪورٽ ۾ ڪيس هليو.

شاهد حاضر ٿيا ۽ موليءَ منسڪاليءَ جي چال چلت جون اپٽاڙون ٿيون پر تصديق معنيٰ ثابتيون. چندرام ڪيئي وس هلايا ۽ زمين آسمان هڪ ڪري ڏنا پر ڪجهه ڪري نه سگهيو. هيٺينءَ ڪورٽ موليءَ کي ڏوهي ٺهرايو ۽ ڪيس سيشن ڪورٽ جي حوالي ڪيو ويو.

ڪيس جو ٻيو دؤر هتان ٿو شروع ٿئي جنهن مان ڏسبو ته ڪيئن قادر پنهنجي قدرت سان پن ٻوڙي ۽ پتر تاري ٿو. مان ته چوندس ڪراچيءَ جي حيدرآبادي عاملن جو ڪو گهر نه هوندو جتي هن ڪيس بابت ڳالهه ٻولهه نه هلي هوندي ۽ جڏهن به ڪيس جي شنوائي هوندي هئي ته حشام ماڻهن جا ڪورٽ ۾ هوندا هئا. سيشن ڪورٽ جو جج ان وقت مسٽر جسٽس ويسٽن Weston هو ۽ ڪيس جي فتويٰ لاءِ جيوري jury هئي. گهٽائي ڏينهن ڪيس هليو، پڇائون ۽ آڏيون پڇائون ٿيون ۽ نيٺ جج جيوريءَ کي خطاب ڪيو ۽ ان کان پوءِ جيوري پاڻ ۾ ٻهڻ لاءِ هڪ خاص بند دروازه ڪمري ۾ داخل ٿي.

جڏهن موٽي اچي جيوريءَ جا ميمبر پنهنجي جاين تي ويٺا ته ڪورٽ ۾ سنسني جو وايو منڊل هو، سڀني جون اکيون جيوريءَ ۾ هيون. جيوريءَ فيصلو ڏنو ته

٥ ڏوهيءَ جي خلاف هئا ۽ ٣ فائدي ۾ هئا. جسٽس ويسٽن فتويٰ ۾ چيو ته مان هن ڪيس جو فيصلو ڪري نٿو سگهان ڇاڪاڻ ته جيوري جو اختلاف ڏيکاري ٿو ته ڏوهيءَ کي شڪ جو فائدو ملي سگهي ٿو تنهن ڪري هي ڪيس وري هلايو وڃي.

مولو منسڪالي ڇٽي ته ڪين ويو پر وري مائٽن کي ڪجهه آسرو ٿيو. ڪيس هلندي مولي جي ڀيءُ چنديرام جا خرچ پاسا پڇي وڏا هئا پر تڏهن به اميد نه لاٿائين ۽ مڙس ماڻهو ٿي بيٺو. ڪيس نئين سر وري ٻيو دفعو هليو. جسٽس ويسٽن ساڳيو هو پر جيوري ٻي هئي، ساڳيا ڇڱهه ساڳيا لاٿون. جڏهن وري جيوري فيصلو ٻڌايو ته وري به پنج ڏوهي جي خلاف ۽ چار فائدي ۾ هئا. جج جو وري به فيصلو هو ته ڏوهيءَ کي جيوري جي فيصلي مطابق ڦاسي ڏيئي نٿي سگهجي ۽ هن وري ڪيس هلائڻ جو حڪم ڏنو.

مسٽر چنديرام جا ڇهه ڇٽجي ويا. پنهنجي ٻچ آهر ته خرچ ٿيو پر هن پنهنجي پونجي جي پائي پائي ڪيس پٺيان پيون ڏڪڻا ڪري ڇڏي هئي. ٽيون دفعو ڪيس هلڻ لاءِ پئسا گهرجن، ان لاءِ هن هڪ هڪ رهيي جون ڪوڙيون ٺاهرايون ۽ برادري مان چندو اڳاڙڻ لاءِ

تيار ٿي ويو. مولو منسڪائي ڏوهي هو يا نه هو پر هن ڏٺون مقدمي جي شنوائي لاءِ برادري وارن چنديرام جي چڱي مدد ڪئي. هڪ رپيه واري ڪوين مون به خريد ڪئي هئي.

ڏهون ڏينهن ڪيس هليو. ڪورٽ ماڻهن سان ڀٽار هئي ۽ جڏهن جيوري فيصلو ٻڌائڻ لاءِ پنهنجي ڪمري مان ڪورٽ ۾ داخل ٿي ته ان وقت هر ڪنهن جون اکيون جيوري ۾ هيون. هڪ انسان جي حياتي هڪ سڳي سان ٻڌل لٽڪي رهي هئي. جيوري جو فيصلو وري به ساڳيو هو، پنج برخلاف ۽ چار فائدي ۾.

ان وقت جسٽس ويسٽن جا فتوي ڏني، اها جيڪر مان اکر به اکر ڏيان تڏهن خوش ٿيان. لا رپورٽن مان ان فتوي هٿ ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي اٿم پر حاصل ڪري نه سگهيو آهيان.

جج ڏوهي کي ڇڏي ڏنو ۽ اهڙي طرح مولو منسڪائي ڦاسي کان بچي ويو.

# انگريزي ٻولي بابت

روس جي مهاراڻي ڪئٿرين ۱۷۸۲ع سن کان ۱۴ سال ڏام ڌوم سان راڄ ڪيو. هوء اصل جرمن شهزادي هئي ۽ روس جي ولي عهد پيٽر سان شادي ڪئي. ولي عهد پيٽر بادشاه ٿيو. سندس وفات کانپوء ڪئٿرين پاڻ تخت سنڀاليو ۽ هن جي ڪارنامن ڪري هن کي تاريخ ۾ ڪئٿرين اعظم چوندا آهن. ڄائي ڄم کان جرمن هئي ۽ رشين ٿي پيئي.

هن جي دور ۾ برطانيه جو سفير پنهنجي ڪتاب "مئه گلوريس پيسٽرڊيز" ۾ ٻڌائي ٿو ته جرمني جي بادشاه فريڊرڪ کي به پنهنجي وڏائي جو خفت هو. ان وقت ساري يورپ جي درباري ٻولي فرينچ هئي ۽ فريڊرڪ پنهنجي سفارتي لکپڙه پنهنجي ٻولي ۾ ڪرڻ شروع ڪري ڏني. جڏهن مهاراڻي ڪئٿرين کي جرمن ٻولي ۾ خط پهتا ته هن به جرمن ٻولي وارن خطن جو جواب روسي ٻوليء ۾ ڏيڻ شروع ڪري ڏنا ته پيلي

جرمن سفارتخاني ۾ روسي ٻولي جو ترجمو ڪرڻ تي هرن.

اوچتوئي اوچتو جڏهن جرمن بادشاهه سفارتي خط و ڪتابت جي قبول ڪيل ٻولي ۾ تبديلي ڪئي ته مهاراڻي ڪئٿرين ۽ ڪمس منهن ٽوڙ جواب ڏنو ته توهين ۽ روسي ٻولي جي سمجهڻ جي مشق وڃايو. شايد اهوئي سبب آهي جو سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ پنهنجي ٻولي کان سواءِ ٻيو ڪو نالو ٻڌي مچرجي ٿا پون ۽ پنهنجي ٻولي کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ جي اون رکي ويٺا آهن. پنهنجي ٻولي سان پيار انسان ذات لاءِ اهم آهي، خاص ڪري اسان جي صوبي لاءِ جتي تعليم اڃا اهڙي پکڙيل نه آهي. اها پنهنجي ٻولي آهي جنهن سان اسين پنهنجي مارو ٽڙن ۽ سانگيئڙن تائين پهچي سگهنداسين ۽ انهن لاءِ نئين دور جي روشني آڻي سگهنداسين. پر هتي هڪ ٻيو سوال اٿي ٿو ته اسان کي دنيا جي مقابلي ۾ ترقي ڪرڻي آهي ۽ رڳو ڪاميٽي جو امتحان پاس ڪري آبدار ۽ تپيدار نه ٿيڻو آهي. اهو سمجهي سگهجي ٿو ته ڪيترا شاگرد اعليٰ تعليم لاءِ اڳتي وڌي نه سگهن ۽ ڪنهن حد اندر پنهنجي روزگار جو سعيو ڪن پر ڪيترا هوندا جي ڏهن ڪلاسن کان پوءِ ڪاليج ۾

داخلا وٺندا ۽ انهن مان ٻه چاڙجي ڪي ڊاڪٽوريٽ حاصل ڪندا يا ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي تعليم حاصل ڪندا.

هاڻ سمجهڻ گهرجي ته رڳو سنڌي پڙهي اسين اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جا لائق ٿي سگهون ٿا يا نه. اسان کي فقط جذباتي نه ٿيڻو آهي ۽ نه تاريخ جي گذريل واقعن کي ياد ڪري اندر ۾ پوسڻو آهي. اسان لاءِ پنهنجي ٻولي کي وسيع ۽ ويڪري بنائڻ لاءِ دنيا جي ادبي لاڙن جي ڄاڻ هجڻ ضروري آهي. مونکي خوشي ٿي ٿئي ته اسانجا وڏڙا ان مسئلي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. تازو سنڌي عورتن جي ڪانفرنس ۾ به سيد غلام مصطفيٰ شاه نياڻين کي سنئون سڌي صلاح ڏني ته اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ انگريزي پڙهڻ تمام ضروري آهي. جيڪڏهين ڪا سائنسي، طبي، هنري، فڪري ۽ فني ترقي ڪرڻي آهي ته انگريزيءَ کي ضرور مضبوط ڪرڻو پوندو.

مان ته جيڪر چوان ته دنيا جي هر ترقي ڪيل ملڪ جي ادب کي سمجهي سگهجي ها پر اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته هندستان ۽ پاڪستان ۾ انگريزي جي واهپي ڪري ٢٠٠ سالن لاءِ اسانجي ان سان واقفيت

آهي. ان باري ۾ هڪ دفعي محمدابراهيم جويي مونکي
چيو ته گذريل ٻن سؤ سالن ۾ مغربي ادب ۽ ٽيڪنالاجي
۾ ايترو ته واڌارو ٿيو آهي جنهن کي اسين نظرانداز
ڪري نٿا سگهون. جيڪڏهن اسان کي پنهنجي ٻولي
۽ ادب کي وسيع ڪرڻو آهي ته اسان کي انگريزي کان
منهن موڙڻ نه گهرجي.

مون به هن باري ۾ گهڻو لکيو آهي ته ادب فقط
رومانوي نه آهي پر ان جا ڪيترائي شعبا ٿين ٿا.
انگريزي ڪتابن جي لئبريرين ۾ اسان کي شعر ۽ شاعري،
قصن ۽ نصيحت وارن ڪهاڻين سان گڏ هر موضوع تي
ڪتاب ملندا پر اسين اڃا اهڙي ترقي ڪري نه سگهيا
آهيون. اهو سمجهڻ گهرجي تہ سائنس، انجنيئرنگ،
ميڊيڪل ۽ ٽيڪنالاجي جي اعليٰ تعليم انگريزي ٻولي
کان سواءِ ممڪن ناهي. مان ايترو به چوڻ لاءِ تيار
آهيان ته ٻين ٻولين جي ڄاڻ سان اسين پنهنجي ادب
۾ به نوان لاڙا پيدا ڪري سگهون ٿا.

هڪ ڳالهه اسان کي وسارڻ نه گهرجي ته دنيا جي
تاريخي گردش ڪري انگريزي بين الاقوامي ٻولي ٿي
پئي آهي. جيڪڏهن اسان کي اعليٰ تعليم لاءِ پنهنجي
اولاد کي تيار ڪرڻو آهي ته انگريزي کان منهن موڙي

وهي اجايو ٿيندو. دنيا ۾ مختلف ملڪن جون سياسي مالي، سماجي ۽ پنگتي حالتون هڪ ٻئي تي مدار رکن ٿيون. انهيءَ ڪري واجب ٿيندو ته ٻين ملڪن جي حالتن، ماڻهن جي ذهني لاڙن ۽ سياسي ڦير ڦارين کان واقف رهون ۽ ٿيندڙ تبديلين تي غور ويچار ڪرڻ جا لائق ٿيون.

مون کي ياد آهي ته آزاديءَ کان اڳ پنڊت جواهر لعل نهرو ڪراچيءَ ۾ آيل هو ۽ شاگردن جي هڪ ميٽنگ ۾ هن چيو ته آزاديءَ کان پوءِ اسان کي گورنر کپندا، وزير کپندا، سفير کپندا ۽ ٻين وڏن عهدن لاءِ پنهنجا ديس واسي کپندا، تنهن ڪري توهان کي اعليٰ تعليم جا جتن ڪرڻ گهرجن جيئن ملڪ جي هر هڪ شعبي کي هلائڻ ۾ اسين ڪامياب ٿيون. هن وقت اسين به هڪ آزاد ملڪ جا رهواسي آهيون. انڪري اسانکي به اعليٰ تعليم حاصل ڪري پاڻ کي هرهڪ عهدي لاءِ لائق بنائڻ گهرجي. اهي ڪم جذباتي ٿيڻ سان ڪونه ٿيندا آهن. مان سيد غلام مصطفيٰ شاه سان شامل راءِ آهيان تہ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ کان ٽهڻ بي واجب ٿيندو.

# هماليه جي ڌيءَ

آچاريه اي - ڊي گدوائي گهڻئي سنسڪرت جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن. مون کي هڪ هٽ چڙهي ويو جنهن ۾ شو مهراج ۽ پاربتي ديوي جي شادي جو ذڪر ڪيل هو پر مون پهريون ٻه چار سٽون پڙهي انکي بند ڪري ڇڏيو.

انهن شروعاتي سٽن ۾ آچاريه جي ٻڌايو هو ته هماليه پنهنجي پتري پاربتي جو سنگ ڪٿي شو مهاراج وٽ اچي ڪرسيءَ تي ويٺو. مون کي خبر آهي ته آچاريه جي وديا پيٺ ۽ شانتينڪيتن مان وديا حاصل ڪيل هو ۽ قومي خيال رکندڙ سنسن ۽ پرمن کان رهت هو. اهڙو ودوان ويهين صديءَ ۾ مون کي ٻڌائي ته هماليه اچي ڪرسي تي ويٺو ته مان عجب کائڻ کان رهي نه ٿي سگهيس.

گهڻا ڏينهن مان ان سوچ ويچار ۾ رهيس ته ڪهڙي طرح اچان ماڻهو انهن اهڙين سڀني ڪتائن مان جان

ڇڏائيندا . هاڻ مطلب جي ڳالهه ڪرڻي اٿم ته ڪهڙي طرح سان غلط هوس. جڏهن شهزادي چارلس جي شادي ٿي گذري ته ساري جهان ۾ ان بابت دلچسپي هئي. ان شاهي شادي جي موقعي تي سڄي دنيا مان شاهي مهمان آيل هئا . انهن سڀني ۾ منهنجي نظر اردن جي شهرادي ثروت تي پئي جا به پنهنجي گهوٽ اردن جي وليعهد شهزادي حسن سان گڏ پهتل هئي . مونکي وسري ڪونه ويو آهي ته ثروت اسان جي آهي يعني پاڪستان جي ڌيءَ آهي ۽ جڏهن شادي‌ءَ جون تياريون ٿيون ته پاڪستان خوشي ۾ اچي هر هنڌ رنگارنگي بتين جي جهومر لڳائي. اسين ڪنواريتا آهيون ۽ اردن گهوٽيتو آهي . بس چوڻ کان رهي نه سگهندس ته ساهتيه جي رواني‌ءَ جي طرزن جا ڪهڙي انوکا نمونا ٿي سگهن ٿا .

شهزادي چارلس کي سڄي دنيا مبارڪون ڏنيون . شادي جي رسم کان پوءِ ليڊي ڊائنا اسپينسر سان گڏ جڏهن سينگاريل اسٽيٽ ڪوچ ۾ چڙهي سينٽ پال ڪٿيڊرال کان روانو ٿيو ته نه رڳو سڄي برطانيه پر سڄي جهان به اهو شادمانو ڏٺو. برطانوي عوام پنهنجي شهزادي جي شادي‌ءَ جي خوشي‌ءَ ۾ اچي گلن جون ورکائون ڪيون ۽ دنيا جي ٻين حصن ۾ به ماڻهن ٽي وي جي

ذريعي ديدار ڪيو.

دنيا جون روايتون ڦري رهيون آهن. اهي وقت هئا جڏهن دنيا جا شاهي خاندان هڪ ٻئي ۾ سڳ ڳوليندا هئا. گهڻو ڪري يورپ جا شاهي خاندان هڪ ٻئي سان ڳنڍيا پيا هئا.

رشيا جي مهاراڻي ڪئٿرين جرمن گهراڻي مان هئي ته انگلئنڊ جي ڊيوڪ آف ڪينٽ جي شادي گريڪ گهراڻي جي شهزادي مرينا سان ڪيل هئي. اسپين جي پڇاڙي واري بادشاه آلفونسو جي راڻي انگريز شهزادي هئي. اهڙي طرح برطانيه جي راڻي وڪٽوريا جي شادي جرمن شهزادي آلبرٽ سان ڪيل هئي. هن وقت جي برطانيه جي مهاراڻي ايليزبيٿ جي شادي به يوناني نسل جي شهزادي ايڊنبرو سان ڪيل هئي.

ڳالهه ئي ڪجي ته هاڻ شاهي گهراڻا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ رهجي ويا آهن. گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ گهڻائي تخت لڏي ويا آهن. جيڪڏهن ڪي شاهي گهراڻا آهن ته اهي ڪنهن هنڌ اڪيلو وينا آهن ۽ سندن شاهي دٻدٻو سندن گهرن تائين آهي. اهوئي سبب آهي جو هن وقت شهزادي چارلس پنهنجي ملڪ مان ئي ڪنوار ڳولي ورتي ۽ پنهنجي پسنديءَ سان پنهنجي همت واري رعيت

مان ليڊي ڊائنا اسپينسر تي هٿ رکي پاڻ سان گڏ راڻي جي شان لاءِ اميدوار بڻايو آهي. اسانکي انهن ڳالهين تي هاڻ عجب ٿي ڪونه ٿو لڳي ڇاڪاڻ تہ شايد اڳ شاهي شادين سان ڪا نہ ڪا سياست ڳنڍيل هوندي هئي ۽ ڪيترائي مثال ملندا تہ اهي مختلف گهراڻا هڪ ٻئي کي نابود ڪرڻ جا منصوبا سٽيندا هئا يا پاڻ ۾ گڏجي ٻين تي ڪاهڻ جا سعيا ڪندا هئا.

هن باري ۾ جي توهين ڏسندا تہ اسپين جي تخت لاءِ حقدار ٿيڻ لاءِ يورپ، جون ٻہ وڏيون طاقتون اڪجي پيون.

اسپين جي بادشاه فلپ ٽئين جي وڏي ڌيءَ شهزادي انا ميريا جي شادي ١٦١٥ ۾ فرانس جي بادشاه لئي تيرهين سان ٿي گذري هئي ۽ ٻي ڌي ميريا انا جي شادي ١٦١٣ع ۾ آسٽريا جي شهنشاه فرڊيننڊ ٽئين سان ٿيل هئي. ٻہ نسل بادشاهي گذري ويا ۽ جڏهن ١٧٠٠ع ۾ پهرين نومبر تي اسپين جي بادشاه چارلس ٻئي وفات ڪئي تہ هن کي ڪو اولاد ڪونہ هو ۽ پنهنجي وصيعت نامي ۾ فرانس جي بادشاه کي اسپين جي تخت جو حقدار ڪري ويو. انهي هوندي بہ تخت لاءِ ٻيو حقدار موجود هو، جو هو آسٽريا جي شهنشاه ليوپولڊ جو ٻيو ماءُ

جي طرفان اسپين جي بادشاهه جي گهراڻي مان هو . فرانس جي بادشاهه لئي چوڏهين جي دعوي هئي ته هو فلپ جي بادشاهه جي وڏي ڏيءَ جي نسل مان هو .

قصو ڪوتاهه وصيعت نامي موجب فرانس جي ڊيوڪ انجو وچي اسپين جو تخت هٿ ڪيو ۽ مهاڀاري جنگ شروع ٿي ويئي . انگلنڊ ۽ هالئنڊ جنگ ۾ گهڙي پيا ۽ آسٽريا جا طرفدار رهيا . جنگ ۾ فرانس کي سخت نقصان پهتو ۽ جنگ ۾ برطانيه جي ڊيوڪ مارلبرو چڱو نالو ڪڍيو .

ڪٿان جون شاهي شاديون ۽ ڪيڏا نه انهن رنگ ڏيکاريا هئا . تنهن ڪري چئبو ته هاڻ ته هوا ئي ٻي ٿي لڳي . جڏهن اٽڪل چوٽين ڏهاڪي ۾ موناڪا جي آرچڊيوڪ هڪ اڪٽريس ميري گريس سان شادي ڪئي ته دنيا ڀر جا ماڻهو عجب کائڻ لڳا . پر بعد ۾ شهزادي گريس اهڙو نالو ڪڍيو جو اڄا تائين هن جو نالو عزت سان ورتو ويندو آهي .

هيڏانهن خود برطانيه ۾ شهزادي چارلس جي ماسي شهزادي مارگريٽ هڪ فوٽوگرافر سان شادي ڪئي جنهن کي پوءِ لارڊ سنوڊائون ڪوٺڻ لڳا . اهي آهن ڳالهيون ته ڪهڙي طرح وقت جي رفتار سان انساني

سياءَ تبديل ٿيندو آيو آهي ۽ جڏهن جپان جي وليعهد شهزادي آڪيهيٽو پنهنجي ملڪ جي عام ماڻهن مان ميچيڪو سان شادي ڪئي ته دنيا ڀر جي آڪاڻي ٿي ويئي. مهينن جا مهينا شهزادي ميچيڪو جون ڳالهيون پڙهڻ لڳاسين، جيئن اسين جادو جا شهزادا ۽ شهزاديون ڏند ڪٿائن ۾ پڙهندا آهيون.

توهان کي شايد عجب لڳندو ته ان شادي ڪري ڪراچي جي مارننگ نيوز اخبار جي سب ايڊيٽر مسٽر سميع (هاڻ ڊان ۾ آهي) کي اخبار ياران العام ڏنو ويو چاڪاڻ ته هن شادي جي خبر ڪي اخبار ۾ ٻين سڀني خبرن کان وڌيڪ اهميت ڏني يعني سٽن ڪالمن جي هيڊ نگ ڏني هئائين. ان وقت هر ڪنهن جي وات اها شادي هئي ۽ سڀ ڪنهن کي انتظار ۾ وجهي ڇڏيو هئائين ته اها به وڌيڪ خبر ملي سگهي.

ياد پيئي اچم اها شاهي شادي، جا دنيا لاءِ هڪ ڪلاسيڪل ايپڪ ٿي پيئي ۽ جا دنيا ۾ امر رهندي، جو هڪ بادشاهه محبت جي شان لاءِ تخت کي ٺڏي ڇڏيو. اسان دنيا ڀر جي بادشاهن جون روايتون ڏنيون آهن ڀر اهو بادشاهه ڪهڙو جو پنهنجي مرضي موجب

شادي به نه ڪري سگهي .

بادشاهه ايڊورڊ اٺون پهرين پرنس آف ويلس جي نالي سان مشهور هو. جڏهن جارج پنجين کان پوءِ تخت تي ويٺو ته هڪ آمريڪن عورت ، ٻي دفعا طلاق ڪاڏل ، مسز سمپسن سان عشق ۾ ويس. ملڪ ۾ هاهاڪار مچي ويئي جنهن ڪري هن تخت تان دستبردار ٿيڻ قبوليو پر محبت جي شان کي برقرار رکيائين . اهي ٻئي پوءِ ڊيوڪ آف ونڊزر ۽ ڊچس آف ونڊزر سڏجڻ لڳا.

اها هڪ پيار جي آکاڻي آهي، جيڪا سچ پچ دنيا لاءِ هڪ مثال بڻجي پئي ۽ مثال بڻجندي رهندي .

# مان ڪٿي جو آهيان

محترم ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي سنڌ جـو ڪهنو اديب ۽ تحقيقڪار سمجهيو وڃي ٿو. هن جي حوالن کي عزت جي نظر سان ڏٺـو ويندو آهي. پنهنجي هـڪ ڪتاب ۾ ٻڌائي ٿو ته سنڌ جا هندو سوين سال اڳـ ملتان مـان ڪهي سنـڌ ۾ اچـي پهـتا ۽ ڍاپو ڪري هتي ويهي رهيا. مان چئي نٿو سگهان ته مٿن ڪهڙي ماجرا پيئي جو وطن جي وڻن کان منهن مٽائڻو پين پر جي چوندا ته مان ملتاني آهيان تـه چوندس تـه ڳالهه ڪهن ڪل! ملتانين لاءِ عزت اٿم، هو به اسان جي ديس جا آهن پر مان پاڻ کي سنڌي سڏڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه چئي نه ٿو سگهان. اهو برابر آهي ته جڏهن پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي آيا ته اهي پنهنجي سرزمين جا کيل ۽ تماشا، هوا ۽ پاڻي وساري نه سگهيا هوندا ۽ ڪجهه وقت ملتان جي سرائڪي ٻولي ۾ به شعر بازي ڪندا رهيا، جنهن جا اسان کي ڪيئي مثال ملي سگهن

ٿا پر جڏهن ٻوان نسل ٿيا ۽ سنڌ جي سهڻي ڌرتي سان
ملندا هلندا هليا ۽ اصل سنڌ جي ماڻهن سان ملي هڪ
ٿي ويا تہ ملتان جو هنن لاءِ فقط هڪ خواب ٿي سگهي
ٿو. اسان کي پنهنجي ساهتيہ ۽ سڀيتا، رهڻي ڪهڻي ۽
سڀ ڪان وڌ پنهنجي ٻولي آهي جنهن کي هاڻ هو وساري
نٿا سگهن. گذريل زمانا فقط تاريخ جي حيثيت رکن
ٿا، انسان جو زمان حال سان واسطو ٿي سگهي ٿو ۽
پنهنجو آئيندو پنهنجي وطن سان وابستہ رکي ٿو.

هڪ دفعي پير علي محمد راشدي صاحب ڳالهہ ڪئي
تہ ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ منهنجا وڏا سنڌ کان
ٻاهر جا آيل آهن، هنن جي تعليمي ۽ ثقافتي داستان
جون فارسي ۽ عربي ٻولين ۾ تحريرون ان جون شاهد
آهن. پر سوين سالن کان پوءِ اها سراسر چريائي ٿيندي
جي مان چوان تہ مان سنڌي نہ آهيان. مونکي خود
خبر آهي تہ پير سائين اٿندي وهندي، لکندي ڳالهائيندي
فارسي جا حوالا ۽ ٽوٽڪا چٽڪاريندو وينو آهي پر
سنڌ جي سر زمين جي سونهن جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾
نروار ڪندو آهي تہ ڪها ٻات! مان پاڻ ان مقولي
جو قائل آهيان تہ انسان جو جنهن ڌرتيءَ سان اصل
ڪان واسطو پوو آهي، جنهن سرزمين تي وڌيو ۽ اسريو

آهي، ان ڏرتي تي هو هاڻ ڪي اوپڙو سمجهي نہ ٿـو سگهي. جي اسين پنهنجي ملڪ جي روايتن ۽ ريتن کان جدا رهياسين تہ اسان جا ايندڙ نسل هٿ ڪـٿي اسانکي پٺي سگهن ٿا چاڪاڻ تہ صدين بعد بہ هو پنهنجي ملڪ ۾ ڌاريا ٿي سمجها ويندا.

پاڪستان ٺهڻ کان ڏهہ سال پوءِ دهليءَ ۾ ويـو هـوس ۽ پنهنجي پـيءُ جي گهر لـٿل هـوس. منهنجو سرڳواسي پيءُ ويو پڳوان لکائي صوفياني خيالن جو هو. هن کي فـقط هڪ چنتا هـئي تہ صـوفي سڳوري سچل سائين جي درازن ۾ درگاهہ جو ديدار ڪري نہ ٿي سگهيو ۽ سڪ هئس تہ ضرور زيارت ڪندس. منهنجي مهماني لاءِ هن صوفي سنگت کي نيمڊ ڏيـئي گهرايو ۽ پوءِ هيون يڪتارن ۽ دهلڙين جي لـغار ۽ سچل سائين جي ڪلام جي تنوار.

وڏا هٿا انـهن جـون ڳالهيون نراليون هـيون. اچا پنهنجي سڳوري سنڌ هـنن جي ساهہ سان سانـڍي پيئي هئي پر نئيو لسل بہ هو جن کي ڪا خبر ڪانہ هئي تہ سنڌ ڇا ٿهندي آهي ۽ هي سنڌن وڏا ڇـا ڇئي رهيا آهـن. هـنن کـي پنهنجي مـلڪ ڪانسواءِ ڪابہ ڳـڻتي نہ هئي.

هتي ٻه اسڪولن ۾ ڪالهجن ۾ سرڪاري آفيسن ۾ تجارتي ڪمپنين ۾ رانڌ جي ميدانن تي رانديون ۽ چٽاڀيٽيون ۾ سنڌ زمين جو نپايل ۽ سانڍيل هندو نسل پاڻ کي پنهنجن دوستن ۽ رفيقن کان گهٽ يا جدا نه ٿو سمجهي. گذريل وقت فقط تاريخ جي حيثيت رکن ٿا ۽ ڏٺم ته جڏهن اقليتن جو مولو ٿيو ته سڀاجهڙين ٽهڪرين آرتي جو پرڪاش ڪيو ته "جيوي پاڪستان، جيوي پاڪستان".

مان ڪنهن ڪنهن وقت خيال ڪندو آهيان ته ڪهڙي طرح نه وطن جي محبت انسان جو جياپو آهي. انسان ان کانسواءِ رهي نه ٿو سگهي. اها ملڪ جي سلامتي ۽ سڀاڳ جي هڪ اهم نشاني آهي ته ملڪ جي قوم جي هرهڪ فرد کي پنهنجي ملڪ جو فخر آهي ۽ ڪنهن به گهٽ وڌائيءَ جو پاڻ کي شڪار نه ٿو سمجهي.

چوطرف نظر ڪريان تنهن کان اڳ پنهنجو تعارف ٿو ڪرايان ته منهنجي سنڌي ڪتاب "ساروڻيون" کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان انعام مليو آهي. سروپ چند شاد ڏهين سالين جو هو ته پاڪستان ٺهيو. هاڻ هو چڱو شاعر آهي ۽ شاعري جي شروعات هن قائداعظم

بابت هڪ غزل سان ڪئي جو سنڌي اخبار "الوحيد" ۾ شايع ٿيو هو. مسٽر شاد ڪجهه سال اڳ حيدرآباد ۾ هڪ ڪاليج ۾ ليڪچرار هو. هتي به ڪراچي جي ايس - ايم ڪاليج ۾ هڪ ليڪچرارآهي جنهن جو نالو مسٽر راجپال آهي. هو به چڱو نالي وارو شاعر آهي.

ٻيا به ڪيترا هندو نوجوان ملندا جن شعر ۽ شاعري ۾ نالو ڪيو آهي. پرڪاش ديپ هاڻي ٣٥ سالن جو هوندو ۽ هن به مرحوم گرامي جي نظرداري هيٺ شعر بازي ڪئي آهي.

ولهرام ولڀ ۽ سوڀو گيانچنداڻي آهن جن پنهنجو نالو ناول نويسي ۾ ڪيو آهي. ولهرام ولڀ نهايت سلوڻي سنڌي ٻولي لکي ٿو ۽ هنجون ڪيئي ڪهاڻيون اعليٰ درجي جون سمجهيون وڃن ٿيون.

لاڙڪاڻي ۾ هڪ اڪبر آشرم هلي رهيو آهي جنهنجو هرتا ڪرتا شام جمنگهاڻي آهي. انهي آشرم ڪيئي صوفي مت بابت ڪتاب ڇپايا آهن.

ڪوٽڙي ۾ سندر شيوا منڊلي آهي جا هندو ڌرمي ڪتاب ڇپائي رهي آهي. تازو مهرپور ماڻهلو مان اطلاع مليو اٿم ته ڪيئي هندو نوجوان مهرپور ماڻهلي جي ڌرم آشرم جي تعاون سان ڌارمڪ ۽ سماجي ڪتاب

شايع ڪري رهيا آهن. هاڻ هڪ سنڌيش پستڪ ڇپائي رهيا آهن جنهن جو لکندڙ درشن نهالچنداڻي آهي.

لاڙڪاڻي جي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جا هندو شاگرد ۽ استاد "ڏياري" مخزن ڪڍي رهيا آهن.

ڀيرونداس هوتچند واڌواڻي جو چالاڪو ٽي وي وو آهي ۽ سرڳواسي شاه سائين پٺاڻي گهوٽ جو نهاپو هر هنڌ پهچائڻ لاء ڪافي محنتون ڪيون. هن ڪيئي سر انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا جي ٻاهرين ملڪن ۾ مقبول پيا.

مان نهايت خوش ٿو ٿيان ته هندو نئون نسل پاڻ موکي رهيو آهي ۽ قوم جي واڌاري لاء هر پهلوءَ ۾ حصو وٺي رهيو آهي. حيدرآباد، ٿرپارڪر ۽ جيڪبآباد ضلعن ۾ هو چڱي انداز ۾ شان سان زميداري ۽ هارپي جو ڪم ڪري رهيا آهن. ڪراچيءَ ۾ به ڪيئي هندو ڪمپنيون هلائي رهيا آهن.

قوم جا زنده آهي اها مري نه ٿي سگهي. اسين هندو جيتوڻيڪ ٿورائي ۾ آهيون ته به هرهڪ پروفيشن ۾ ڏنڌي ڌاڙيءَ ۾ چڱو ئي نالو ڪڍي پاڪستان ۾ خوش آهيون.

خدا سائين توهان کي نيڪي ڏئي، هندو پنهنجي ماڪ پاڪستان ۾ پنهنجون ڌرمي روايتون ۽ رسمون زنده رکن

تا ۽ جي سچ پچ مزو ڏسڻو اٿو تہ چند ڏينهن نيڻي جيئي تي هندو گهاٽ ۾ ڪڍهن لڙو پائي ڏسو تہ ڪيئن نہ هندو زالون اکو ڻون پاڻين ۽ ايشور کان دعائون مڱن.

# رئيس ڪريمبخش نظاماڻي

”ڪيڻي ڪتاب“ هڪ ڪتاب آهي جو گهڻا ڏينهن ٿيا تہ پڙهڻ وينس ۽ پڙهندو ويس. ڪتابن پڙهڻ جو شوق تہ ننڍي هوندي کان اٿم پر الائي ڇو ڪتاب پڙهي دل ئي نہ پيئي ڀايم. خاص ڪري منهنجي دل ڪتاب ۾ ڇانئجي ويئي ڇاڪاڻ تہ موکي ننڍي هوندي جا ڏينهن دل تي ورڻ لڳا.

ڪتاب جو لکندڙ رئيس ڪريمبخش نظاماڻي جو ماتليءَ سان تعلق آهي ۽ مان بہ ڪجھ وقت ماتليءَ ۾ رهيو

آهيان. ”اهي ڏينهن، اهي شينهن“. گوني جا گوناگون ڇهڇٽا، ڪمند جي ٻوڪن جون ڪهاڻيون، انبن جا باغ ۽ ڪير، مڪڻ گيهه جا خواب تازا ٿي پيا. بابا ماتلي جو اسٽيشن ماسٽر هو ۽ ٣٠ جون ١٩٢٩ تي جڏهن بمبئي يونيورسٽي جي مئٽرڪ رزلٽ ظاهر ٿي ته مون کي پاس ٿيڻ جي ڪراچي مان تار اتي آئي هئي.

اڌ صدي گذري ويئي آهي پر مون کي ماتلي جو کير اڃا وسريو نه آهي. اتي جون ڳايون مينهون ڪمند جو ڳاهه کائينديون هيون تنهن ڪري کير نه رڳو کنڊ وجهڻ کان سواءِ ٺي مٺو هوندو هو پر اهڙو گهاٽو جو اگر کير ۾ وجهه ته ماکي جي لار جيان. اهي ته منهنجون ڪجهه يادون آهن پر رئيس نظاماڻي، ان ڌرتي جي ذري ذري کي زرين ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان زماني جي ماتلي جي پسگردائي ۾ جي هن جا شغل رهيا، محفلون ۽ مجلسون ٿيون، شڪار ۽ موسيقي جون سنگتون رهيون ۽ هاڻ جي هن رهاڻيون ڪيون آهن، اهي منهنجي لاءِ عبرتناڪ آهن. ماتلي هاڻ وڏي ڪري وڏو شهر ٿي هوندي پر مون جڏهن ڏٺي ته هڪ ننڍڙو نوڪلو ڳوٺ هئي. رئيس نظاماڻي هن وقت ٧٤ سالن جي عمر جو آهي ۽ گذريل سمن جي

حياتي جي واقعن جي يادداشتن جو هن نه رڳو هڪ ڪتاب ڇپايو آهي پر ساڳئي انداز ۾ ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو به ڇپائي رهيو آهي ۽ جي هن پنهنجي ڪتاب جو نالو "ڪيئي ڪتاب" رکيو آهي ته ڪجهه واڌاءُ نه آهي. مون کي هڪ مثال ياد ٿو اچي ته هنري ڪرئب رچرڊسن ١٨١١ع ۾ ڊائري لکڻ شروع ڪئي ۽ ساندهه ٦٥ سالن تائين داخلائون ڪندو رهيو. ڪل ٣٥ جلد لکي ويو، جن مان ١٨٩٩ع سن ۾ چند چاڻ ڪري ٣ جلد ڇپايا ويا. اڌ صدي کان وڌيڪ انگلنڊ ۾ اهڙو ڪو نامارو اديب ۽ شاعر پيدا نه ٿيو هو جنهن سان واقفيت نه هئس. جرمن مفڪرن ۽ گرنٿڪارن گوئٽي، شيلر ۽ ويلئنڊ کان وٺي انگريز شاعرن ورڊ سورٿ ۽ ڪولرج سان واقفيت هئس. ڏاڍو ڏاڍي وڪالت هئس ۽ پوءِ آهن هن جا وڪيلن ۽ ججن بابت ٽوٽڪا.

هاڻ ڇنجي ته رئيس نظاماڻي جي سفر حياتيءَ جي بالاتر حصي جون حڪايتون ۽ فڪر، ان زماني جون رنگينيون ۽ اليلايون ۽ سفر ۽ سياحت مان جي سچايون ظاهر ٿين ٿيون اهي ڏيکارين ٿيون ته هن زميندار ماڻهن جي دادلي، سچي عمر حسن ۽ عشق جي دادلن سان گهاريو. هن جون خاص مصروفيتون موسيقي ۽

اداڪاري کي زور وٺائڻ جون هيون، پر اهي زمانا هئا جڏهن خاص ڪري سنڌ جو مسلمان عوام انهن تقريبن ۾ گهٽ حصو نه وٺي رهيو هو. هن ان وقت جي وڏيرڪي ٺونگري ۽ هنن جي سحر انگيز ۽ دلڪش ماحولن ۾ حسن ۽ مه جبينن جادوگرائن جي هٿان جام نوشيءَ جي روايتن جي ڪشادي دل ۽ بيباڪيءَ سان چٽ چٽيا آهن.

مون پير علي محمد جو ڪتاب "اهي ڏينهن، اهي شينهن" ۽ سنڌس ننڍي ڀاءُ مرحوم حسام الدين راشدي جو ڪتاب "اهي ڏوٺي، اهي ڏينهن" پڙهيا آهن پر انهن ۾ گهٽ تڏو بين شخصيتن جي ڪارنامن، اڳاڻن پورائن ۽ ان وقت جي ڦرندڙ گهرندڙ حالتن جو ذڪر يا جائزو ڪيل آهي پر رئيس نظامانيءَ پنهنجي خود عاشقاڻي جستجو ۽ تحقيق تي فخر ۽ ناز رکي ٿو جنهن ڪري هن کي دنيا جي آواره گردين سان سالڪن جي صحبت به حاصل ٿي.

تازو رئيس صاحب ڪراچيءَ ۾ آيل هو ۽ هن بنده گنهگار کي هن سان ملاقات جو شرف حاصل ٿيو. ڪتاب پڙهي منهنجي دل ۾ ڪيئي سڪون اڀريون هيون ته هن مرد مجاهد سان ملاجي پر سڌون ڪنا و ڏي رهجي ويو هوس. شيخ عزيز ڪيئي ڀيرا واعدا ڪيا ته ڪڏهن

هلي اتي محفل مچائيندا سهن پر ڇڻ ته گهر ويٺي هن سان ملاقات ٿي. اهي آيا گهر پيهي جن ڏٺي من سرهو ٿئي. جيڪڏهن پنهنجي ڪتاب ۾ هن پنهنجون يادون تازيون ڪري نيڪ نوٽي سان ڪنهن جي رک رکائي نه ڪئي آهي ۽ جيڪي به هن ڏٺو، ٻڌو يا ڪيو ان جي دل کولي اوگهر ڪئي آهي، سو جڏهن روبرو ملياسين ته طبيعت ڏيک نه هوندي به هن جون حقيقتن پريون هونگارون ۽ هن جي خوش مزاجي جون صدائون هيون. پنهنجي زندگي جي گذريل ڪارنامن سان اجها به هن کي ڪافي فخر ۽ دل چسپي هئي.

توهان کي ڪڏهن سئميول باسويل جي ڊائري پڙهڻ جو موقعو مليو ته ڏسندا ته هن به ڪيئي پاڻ ۽ ٻين بابت سچائيءَ سان اکر به اکر حقيقتون پنهنجي ڊائري ۾ قلمبند ڪيون آهن. انهن ۾ وڏيون ڪهائيون بيان ڪيل آهن. رئيس نظامائي جيان هن پاڻ کي به نه ڇڏيو آهي ۽ ذري پرزي مشڪدن ۽ مينا بزارين جون ڪارگذاريون ڪنهن به دولاب ڪان سواءِ ظاهر ڪيون آهن. مونکي عجب ٿو لڳي ته رئيس صاحب جي حياتيءَ جي گهڻي ڊيک روز ساري ڪم جي سازن ۽ سهڻين صورتن جي صحبت ۾ هيچ سهچ سان وڏي ويجهي آهي انکي

ايتري فرصت مهيا ڪئي آهي. جو اڄ صديءَ جون سنڌ جون "مسٽريز آف ڪورٽ آف لنڊن" مرتب ڪري سگهيو آهي.

جڏهن ننڍو هوس سون پنهنجي حياتيءَ ۾ سنڌي هندن جا جهڙڪي فلمائي شوق ڏٺا انهن مان خاص هڪ سنڌي فلم "انسان يا شيطان" هئي. ڪهاڻي درياني جي لکيل هئي ۽ ڪراچيءَ مان سنڌي اداڪار بمبئي ويا هئا. انهي فلم ڪان پوءِ ٿي گوپ ۽ دولت پڏو فلم لائين ۾ آيا. ٻي جهڙڪا مونکي خبر آهي ته هري شوداساڻي هڪڙوئي سنڌي ائڪٽر هو جنهن بمبئي ۾ نالو ڪڍيو ۽ ان وقت ٻهريون دفعو ڏي هريءَ جي پوڻ ڪملا هڪ دلو متي تي رکي جهاڪ ڏيکاري اڪ پوٽ ۾ ڊانس ختم ڪري ويئي. مگر رئيس نظاماڻي ان دور جي اداڪارن جي هڪ اينسائيڪلوپيڊيا آهي.

منهنجي رئيس نظاماڻي سان پهرين ملاقات هئي. رات جو ماڙي تي ڪوئي مهمان آيل هئا. فلمسازيءَ جي باري ۾ ڳالهائيندي هن ٻڌايو ته اڳي جهڙڪي فلمون هلنديون هيون سي پهرين خاموش هيون ۽ پياڪ جي ٽوسٽ پڻاندڙ گهڻو ڪري ماراماري ڪان سواءِ پيو ڪجهه نه هوندو هو، پر جڏهن ٻولتي فلمون آيون ته ڪئريڪٽر ائڪٽنگ

تي زور هوندو هو ۽ ڪهاڻي به نئچرل هوندي هئي جنهن کي هر هڪ ڏسندڙ پاڻ سان ئي منسوب ڪري سگهندو هو.

ان وقت جا بلند پايه اڪٽر هئا پرٿوي‌راج، چندر موهن، جگديش سيٺي ۽ اشوڪ ڪمار. ان کان پوءِ پنجاب وارن اچي انڊيا جي هاليووڊ بمبئي تي قبضو ڪيو. انهن به رنگلتي پيش ڪرڻ ۾ ئي داڻون وڌيون ۽ ميراثن کي اڳيان ڪري موسيقيءَ جو سهارو ورتو. هنن جي هلڪي نسواني سيڪس پيدا ڪندڙ راڳ اڳئين رنگلتي تي غاضبانه حملو ڪري پاڻ کي ڪامياب بنايو.

اڄ ڪلهه جي سنڌي فلمن جي پراڊڪشن تي رئيس نظاماڻي ڪيتي چوٽ چنبڊيا. چيائون ته هاڻ ته هلا گلا سان گڏ جاسوسي ۽ بدمعاشي فلمن جو رواج پئجي ويو آهي جن ۾ نه سچائي آهي ۽ نه ڪردار جي فنڪاري. مان ته چاهيان ٿو ته اهڙو ڪو دور اچي جنهن ۾ سچائي ۽ صداقت سان پنهنجون سچون ڪهاڻيون فلمائجن.

رئيس چيو مون جڏهن فلم انڊسٽريءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي ان وقت منهنجو عزم هو ته مان سماج جي سڌاري لاءِ سچيون ڪهاڻيون پيش ڪري سگهان جن ۾ حال جون صورتون ۽ ماضيءَ جون تاريخي حقيقتون

صحيح نموني ۾ آڻي سگهان .

مثال طور رئيس نظاماڻي ڪجهه جذباتي ڏي ۽ فلمائي طرز ۾ چوي ته جيڪڏهن مارئي کي پيش ڪريان ته هن جي پاڪ دامني، همت، جرئت، ساڃهه جي سڪ، اباڻن جي اڪير ۽ پوترتا هجي، جنهن ۾ اڏ لوڏي انگ تي ۽ اڏ پٽن تي، واريءَ جو وڇاڻو، ڇپاڙن سان ونڊر، الجهلي ۽ ڇنڇلتا هجي . اها مارئي ، عمر بادشاهه جي سونن زيورن ، هيرن جواهرن کي ٺڪرائي پنهنجي جهانگيڙن سان دل پيئي ونڊ رائي ها . اها هٿي مارئي جنهن محلن، محلاتن ، ماڙين کي ٺڪرائيندي پنهنجن مارووڙن ۽ جهانگين جي جهوپڙن کي پسند ڪيو . اڄ ڪلهه جا پروڊيوسر انهي مارئي کي ويس وڳا پهرائي زيورن سان جهنجهائي پبلڪ اڳيان پيش ڪن ٿا . اهڙي طرح ٻين ڪردارن جهڙوڪ ليلا چنيسر ، مومل راڻو ، سسئي پنهون ، سهڻي ميهار ، يا ٻيون اهي سورميون جن کي ڀٽائي گهوٽ پنهنجي رسالي ۾ ڳايو آهي، جيڪڏهن انهن پروڊيوسرن جي ور چڙهن ها ته انهن جي پاڪيزگي ختم ڪري باڪس آفيس جو خيال رکي پئسن ڪمائڻ جو ذريعو بڻائي ڇڏين ها .

انهن پروڊيوسرن کي جيڪي به موضوع مليا آهن

انهن کي فلمائڻ وقت رڳو پڙهي ڪمائڻ جو اونو رکيو اٿن ۽ نہ کي صحيح ڪلچر ۽ فن پيش ٿا ڪن.

رئيس نظامالي بڊايو تہ منهنجو فنون لطيف، راڳ رنگ، ساز آواز، شعر و شاعري، سخن وري ۽ سخن خواني سان نہ رڳو شوق رهيو آهي پر ازل کان عشق رهيو آهي. تنهن ڪري مان چاهيان ٿو تہ فن، ادب ۽ ثقافت کي عروج پهچي جنهن سان معاشري ۽ سماج جي صحت سالم رهي. هن وقت منهنجي صحت ڪري چڪي آهي، عمر وڏي ويئي آهي پر تنهن هوندي بہ آءٌ پنهنجي گهر ۾ ويهي انهن جملہ شعبن جي خدمت ڪري رهيو آهيان. ڪيئي فنڪار ماتليءَ ۾ منهنجي اڪيڊمي ۾ رهن ٿا جن جي اصلاح ٿي رهي آهي.

# ڀلنامو

| صفحو | سٽ | ڇاپيل | درست |
|---|---|---|---|
| ۱۱ | ۲ | ڪانسٽنٽينول | ڪانسٽنٽينوپل |
| ۴۷ | ۷ | پيسڻ | پيڻ |
| ۴۹ | ۸ | پردوسي | پرديسي |
| ۴۹ | ۱۳ | حال | هال |
| ۸۷ | | ڀرين ڇهن سٽن ڪانپوءِ ليڪ ڏيڻي مضمون پڙهڻ گهرجي۔ | |
| ۹۷ | ۱ | جا | جو |
| ۱۲۸ | ۹ | فيصو | فيصلو |

* بهترين ادب ڏيڻ تي
پاڪستان سرڪار طرفان
پنج هزار رپيا انعام ڪٽندڙ

* بهترين غير افسانوي ادب
لاءِ ڪتاب "ساهه وٽيون" تي
سنڌالاجي پاران انعام ڪٽندڙ

